مولا! هي پنهنجو طالب هردم آٿيئي پَرتو
ڪر بخششون انهيءَ تي خيرالنساء جي صدقي
(طالب المولٰي)



حضرت قبلا مرشدنا مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ صديقي قريشي

١٧- سجّاده نشين غوث الحق حضرت مخدوم نوح عليه رحمت

مصنف



اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب المولىٰ

ته پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو

قبلا سائين حضرت مخدوم محمد زمان سائين سان گڏ قبلا سائين مخدوم محمد امين فهيم جن جي ننڍپڻ جي تصوير

مولا؟ هي پنهنجو طالب هردم آئيئي پرتو
ڪر بخششون انهيءَ تي خيرالنساء جي صدقي
(طالب المولىٰ)

24 جولاءِ 1992ع بروز جمعته المبارڪ
امام بارگاهه مخدوم الهه بچايو خلف مخدوم ظهير الدين
(دربار حضرت عباس علمدار هالا) تي ورتل تصوير

مخدوم محمد زمان طالب المولا، سید شاہ مردان شاہ پیر پاگارا اور مخدوم المخادیم محمد سجاد حسین قریشی کی ایک یادگار تصویر

مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"



Zcamera

ماڻهو ملهه امله

مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

(1919 ع کان 1993 ع)

مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" ولد مخدوم محمد 4 آڪٽوبر 1919 ع مطابق 21 صفر 1338ھ تي هالا ۾ ڄائو. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ صديقي سهروردي جي اولاد مان آهي. پنهنجي والد جو ٻيو نمبر فرزند هو. حافظ ولي محمد وٽ قرآن شريف، آخوند عبدالرحمان "انجم" هالائي ۽ حاجي عبدالغفور وڪيلائي وٽ سنڌي ۽ مولوي محمد عالم وٽ فارسي پڙهيو. سندس والد 30 ذوالحج 1323ھ مطابق 12 ڊسمبر 1944 ع تي وفات ڪئي ته کين 18 ڊسمبر 1944 ع تي 12هين سجاده نشين طور پڳ ٻڌرائي وئي. شاعري، راڳ، ادب ۽ شڪار جو ذوق ننڍپڻ کان هئس. شاعري ۾ تخلص پهرين "بيوس" پوءِ "فراقي" "زمان شاهہ" پوءِ "طالب" آخر 1949 ع طالب المولىٰ ڪري مستقل بڻايائون ۽ بهترين شاعري ڪيائون. 1932 ع کان "انجمن علم وادب" جو هالا ۾ پايو وجهي ادبي ڪانفرنسون ڪرايائون. "الزمان" پريس هالا ۾ هفتيوار "پاسبان" ۽ "الزمان" جاري ڪيائين. 1950 ع ۾ ماهوار "فردوس" جاري ڪيائون 1956 ع ۾ ماستر جمع خان "غريب" ڳوٺ سيتا ضلعو دادو مان "طالب المولىٰ" ماهوار رسالو سندن سرپرستي ۾ 1952 ع ۾ ۽ غلام محمد گرامي جي ايڊيٽري ۾ رسالو "شاعر" حيدرآباد مان جاري ڪيائون. اهڙي طرح ڪيترائي ٻيا رسالا سندن اعزازي سرپرستي ۾ سنڌ مان جاري ٿيا. انهن ۾ رهبر ڊائجسٽ پڻ شامل هو. پاڻ "جمعيت الشعراءِ سنڌ" جيڪا 1942 ع کان شروع ٿي، ان جا ميمبر رهيا. جنهن 1950 ع ۾ حيدرآباد ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي کين "محبوب الشعراءِ" جو لقب ڏنو. پر پاڻ ان جو استعمال گهٽ ڪيائون. کين جيڪب آباد ادبي ڪانفرنس 1952 ع ۾ جمعيت جي سرپرستي ۽ 1957 ع ۾ گهوٽڪي ڪانفرنس ۾ صدر به چونڊيو ويو. سندن صدارت ۽ سرپرستي ۾ جمعيت الشعراءِ جون وڏيون ۽ اهم ڪانفرنسون منعقد ٿيون. پاڻ 1954 ۾ "اداره روح ادب" قائم ڪري ماهوار رسالو "روح الادب" جاري ڪيو. هالا ۾ "راڳ ڪانفرنس" ڪرائي. 1955 ع ۾ بزم طالب المولىٰ جو بنياد حيدرآباد ۾ رکيائون. جنهن هڪ ادبي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪئي. سنڌ ۾ ان جون 3 ئزن کن شاخون به قائم ٿيون ۽ نون شاعرن پنهنجي تخلص سان "سروري" شامل ڪري سندن خاندان سان پنهنجي وابستگي ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو. خواجہ محمد عيسىٰ "مست سروري" لاڙ ادبي ڪانفرنس جو پايو وڌو ۽ ان دور ۾ انهيءَ نالي سان ڪانفرنس به ٿيون. سياسي طور تي ون يونٽ کان پهرين پاڻ سنڌ اسيمبلي جا ٻه ڀيرا ميمبر رهيا ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جي ناهيل پيپلزپارٽي جا وائيس چيئرمين تاحيات رهيا. "طالب المولىٰ" هاسٽل هالا ۾ ۽ "طالب المولىٰ هاءِ اسڪول" دادو ۾ قائم ڪيائون جنهن جو هيڊ ماستر تاج صحرائي هو. سندن شاعري جي تصنيفات ۾ بهار طالب، شان سروري، مصري جون تڙون، منتخب غزليات، بياض طالب المولىٰ، سماع العاشقين، رباعيات طالب المولىٰ، ڪچڪول، مثنوي عقل وعشق، ديوان طالب المولىٰ، ياد رفتگان (ٻه حصا_ترتيب) ۽ شيطان ابوالجنان، جڏهن ته نثر ۾ امام غزالي جا خط، ڪافي (تنقيد ۽ تحقيق)، مضامين طالب المولىٰ (ٻہ ايڊيشن) تذڪرات، عجيب نعت سنڌي خودشناسي (نفسيات)، اشارات (لطيفيات)، ڪوڙ ۽ سچ (فلسفو) ۽ سنڌ جو شڪار ۽ ٻيا شامل آهن. هو 11 جنوري 1993 ع ۾ وفات ڪري ويو.

ڪراچي، ڪراچي، حيدرآباد، سکر مان شايع ٿيندڙ پهرين سنڌي اخبار
DAILY KAWISH
روزانه ڪاوش
Friday 24 May 2013
جلد 25 جمع 24 مئي 2013ع بمطابق 13 رجب المرجب 1434ھ شمارو 289 قيمت 12 رپيا

مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ جي 18 هين ورسي

عبرت "طالب المولیٰ سوئي آهي، جنهن کي ضرورت ٻي ڪانهي"

مخدوم طالب الموليٰ ۽ بهارستان



قبلہ مخدوم طالب الموليٰ

رضا محمد ميمڻ

حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جون تصنيفات

خراج عقيدت

علم و ادب جي روح روان، بزرگ هستي ۽ معروف سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيت حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ رح جي 18 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس دل جي گهراين سان زبردست خراج تحسين پيش ڪجي ٿو ۽ ان موقعي تي وفاقي وزير مخدوم محمد امين فهيم ۽ صوبائي وزير مخدوم جميل الزمان پاران ڪيل عوامي خدمتن تي ڪين سلام پيش ڪجي ٿو

ڊاڪٽر سيد حسن مراد شاهه
اي ڊي او صحت مٽياري

خراج عقيدت

علم و ادب جي روح روان بزرگ شخصيت حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ رح سائين جن جي 18 هين ورسي جي موقعي تي سندن سياسي، سماجي، ۽ ادبي خدمتن تي ڪين خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا. سينئر وفاقي وزير مخدوم محمد امين فهيم، صوبائي وزير مخدوم جميل الزمان سائين جن جي قيادت ۽ رهنمائي ۾ علم و ادب جي ترقي واري منزل طرف جستجو جاري آهي. سندن قيادت ۾ مٽياري ضلع جي عوام جي ترقي ۽ فلاح لاءِ ڪيترائي منصوبا جڙيا سندن باڪمال قيادت جو ڪارنامو آهي.

- مٽياري ضلع جي سوين ڳوٺن لاءِ بجلي ۽ گئس جي فراهمي
- مٽياري ضلع جي شهر ڀٽ شاهه ۾ گورنمينٽ پبلڪ اسڪول جي تعمير
- مٽياري جي مکيه شهر ۾ ثقافتي مرڪز هالا ۾ مخدوم طالب المولیٰ لاڪاليج جي تعمير
- مٽياري ضلع اندر 500KV مٽياري گرڊ اسٽيشن جو قيام
- هالا مٽياري ضلع اندر هالا انسٽيٽيوٽ آف فيشن ڊزائن جو قيام

۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا منصوبا عوام جي خوشحالي ۽ سائين طالب المولیٰ جي تصور جي تڪميل لاءِ عملي قدمن جي صورت ۾ آهي



اطهر بهزاد ميمڻ
ڊي ڊي او ڪوارڊينيشن مٽياري

محمد ثاقب سومرو
ڊي سي او مٽياري

خراج عقيدت

علم و ادب جي روح روان، بزرگ هستي ۽ معروف سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيت حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ رح جي 18 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس دل جي گهراين سان زبردست خراج تحسين پيش ڪجي ٿو ۽ ان موقعي تي وفاقي وزير مخدوم محمد امين فهيم ۽ صوبائي وزير مخدوم جميل الزمان پاران ڪيل عوامي خدمتن تي ڪين سلام پيش ڪجي ٿو

قربان علي ميمڻ
اي ڊي او آءِ ٽي

خراج عقيدت

علم و ادب جي روح روان بزرگ هستي حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ رح جي 18 هين ورسي جي موقعي تي ڪين دل جي گهراين سان خراج تحسين پيش ڪجي ٿو ان موقعي تي وفاقي وزير مخدوم محمد امين فهيم ۽ صوبائي وزير مخدوم جميل الزمان کي مٽياري ضلع اندر تاريخي درسگاهون، گورنمينٽ مخدوم طالب المولیٰ لا ڪاليج هالا ۽ ڀٽ شاهه پبلڪ اسڪول جي تعمير ۽ ورتل ڪوششن تي سلام پيش ڪجي ٿو

محمد رمضان پرهيار

خراج عقيدت

علم و ادب جي روح روان، بزرگ هستي ۽ معروف سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيت حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ رح جي 18 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس دل جي گهراين سان زبردست خراج تحسين پيش ڪجي ٿو ۽ ان موقعي تي وفاقي وزير مخدوم محمد امين فهيم ۽ صوبائي وزير مخدوم جميل الزمان کي ضلع مٽياري اندر تاريخي ترقياتي ڪم ڪرائڻ تي سلام پيش ڪجي ٿو

ضلع ڪائونسل مٽياري

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

هو ڪري، ٿو پيار ۾ دمبدم، منهنجي دل جون ڏُور عِلامتون
جو ڪٿي اڪيون ته عطا ڪري، ٿو نظر نظر سان شِفاعتون

شبِ روز جنهن جي حضُور ۾، ٿيون دست بسته عِنايتون
ڪري ڏُور ڀِريُن نِگاه سان، جي هُجن هزار نِدامتون

ٿيون قدم قدم تي فدا ٿيون، منهنجي دلربا تان لِطافتون
پيون ٿيون تصدّق هر گهڙي، هيءَ نِفاستون ۽ نِزاڪتون

هو جتي به بيهي ٿو نازرو، ته جهُڪيو پون ڪيئي قيامتون
هو کِلي ته غُنچهِ گُل ٽڙي، هو ٽلي ته ڪَبڪَ حيا ڪري

هو ملي ته دل کي سُڪون ملي، نه رهن ٿيون ياد شِڪايتون
هو هلي ته ان سان هلي جهان، هُو مڙي ته ان ڏي مڙي زمان

هو ٽلي ته برپا ٿِيو وڃن، ٿيون قيامتُن تي قيامتون
جتي ڪم دوا به نٿي ڪري، اتي هن جو گوشهِ چشم بس

تَنِ مُرده ۾ پوي جان ٿي ۽ عجب وڃن ٿيون ڪرامتون
جتي عقل جي ٿيئي انتها، اتان عشق جي ٿئي ابتدا

اُتي عِلم ٿو ڪري عاجزي، اتي ختم ٿين ٿيون بلاغتون
اُهو عشق ڇا جو لڪي ڪجي، اُهو پيار ڇا جو ڏجي ڪجي

ڀلي هي زمانو بيان ڪري، ڪي حڪايتون ڪي شڪايتون
ڀلي خم جا خم به کپي وڃن، نه پيئڻ کان موڙيو مونهن ڪڏهن

ڀلا دستِ ساقي جي آڏيان، ڪيئن نيٽ کڙيون قِناعتون
جتي رشڪِ ماهِ مني رتو، وڃي اڪ ۾ اکِ پيري جام ڏي

ڪنديون ڇا اي طالبِ مولا اُتِ، اِهي محتسب جون هدايتون

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

هِن عِشق جي مَستي اهڙي طرح اڄ آهي چڪِنا چُور ڪيو
"عهِباڪان ڪڏهن ڪو ڪيف نہ ٿِيو ساقي جي نظر مخمور ڪيو"
جنهن وقت جهان جي حوادث کان مغموم ٿيس بيچين ٿِيس
اُن وقت سجڻ جي ياد اَچي ڏک دور ڪيو غم دور ڪيو
تو ساڻ تصور ۾ جاني مان دل جون ڳالهيون ڪريان ٿو
مان پنهنجي دل کي تنهنجي لاءِ اي سهڻا ڪوهِ طور ڪيو
هر وقت اَنا الحق جي بدلي هرهر تو انا اَلمحبوب چوان
هِن عشق محبت جي مستي هڪ هيو ٻہ کٽي منصور ڪيو
دنيا جا گل ٿي خار لڳا تفريحون مڙئي تڪليفون ٿيون
پر مونکي پنهنجي درد ۽ غم ڪجهہ ڪونہ ڪڏهن رنجور ڪيو
تو ظالم يار جدائي جي صدمن ۾ ڪين گهٽايو ڪڏهن
پر مونکي وفا جي وعدي ئي مجبور ڪيو مجبور ڪيو
جنهن وقت حقيقي عشق لڳم عُقبيٰ جو تصور دل مان ويو
مان طالبِ مُولا ٿيندي ئي دنيا کي نا منظور ڪيو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

غم واوندوھ جي شدّت اچان تائين اھا آھي
درازيءِ شبِ فرقت اچا تائين اھا آھي
دلِ مجروح جي حالت اچان تائين اھا آھي
منجھس برداشت جي قوّت اچا تائين اھا آھي
سرِ تسليم خم ھر عندليب آڏو ڪري ھردم
گلِ خوش رنگ جي فطرت اچا تائين اھا آھي
ڪنھين جي فتنہ پرور عشق جي ھرھڪ فساني سان
اسان جي درد جي نسبت اچا تائين اھا آھي
ٿي مڏت مھرِ خاموشي ڪئي ھن ثبت جالب تي
انھي جي حلّت ولذّت اچا تائين اھا آھي
مون سمجھيو ڪمسني کان ٿي دل آزاري ڪيئين ھردم
مگر محبوب جي عادت اچا تائين اھا آھي
نري گھٽ اڄ ستارن تي وڃي انسان پھتو ؟
جھان ۾ قرب جي قلت اچا تائين اھا آھي
گريبان چاڪ دامن چاڪ سر ۽ پابرھنہ ھيئي
فقيرِ عشق جي خلعت اچا تائين اھا آھي
ھُتي وعدہ خلافي ۽ ھِتي وعدہ وفائي جي
ھي حسن و عشق ۾ بدعت اچا تائين اھا آھي
مان صبر و ضبط کان ڪم ٿو وٺان اي طالب الموليٰ
جي نہ تہ فرياد ۾ طاقت اچا تائين اھا آھي

مير محمد ھنگورجو ڪيرو

قبلا سائين مخدوم محمد زمان سائين جن جو هڪ دُعاء شعر قبلا سائين مخدوم محمد امين فهيم جن جي لاءِ

امين توکي سلامت خدا رکي هردم؛
وري پيو علم لدّني سان سهڻو سينگارني.
رکيئي دست ـ محبت محمد ـ عربي (صلى الله عليه وسلم)
۽ لطف ساڻ هو آب ـ حيات شل پيارني.
پيارو شال هجين پنجتن ۽ يارن جو؛
جو مالڪ مون آ ڏنو رب شال ڏيکارني.
بڻائي شال خدا توکي طالب المولىٰ؛
بنهي جڳن ۾ عمل نيڪ سان سجڻ جيارني. (آمين)

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

هر ڪنهن جي ٿيندي آهه طبيت جدا جدا
رنگِ وفا جدا ۽ محبت جدا جدا

خرقو مصلوٰ شيخ جو سجدو عبا قبا
هر شيءِ جي آه خلق ۾ وقعت جداجدا

ڪوگوش نغمہ سنج ڏي ڪو گارگند ڏي
سڀ ڪنهن جو آه حسن سماعت جدا جدا

ڪو ڪائي غم ڪو صاحبِ صبرو رضا نہ ٿئي
هرڏي نفس جي تي ٿئي همّت جدا جدا

واعظ رڳو مبالغو ۽ رندصاف گو
قُدرت بنائي آه ٿي فطرت جدا جدا

طاقت جي زور تي ڪو نٿو بادشاه ٿيءُ
انسان جي خدا ڪئي قسمت جداجدا

ڪو هوندِ ۾ بخيل ڪو اڻ هوندِ ۾ سخي
هر ڪنهن جي دل جدا آهي جرائت جدا جدا

دنيا سان ڪنهن جو عشق تہ عقبيٰ سان ڪنهن جي دل
مولا سان منهنجو قرب هي رغبت جدا جدا

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ڀرين تون ساقي پيءُ پو مستانه وار آ
سرشار اچي بناءِ ٿي ديوانه وار آ
ڇڏيار اڄ مراسمِ ديرينه جي پچر
نئين طرح سان موهِ ٿي بيگانه وار آ
ڇا عشق و مشڪ ڪنهن کان ڪڏهن ڪولڪي سگهيو
آثار طمطراق سان شاهانه وار آ
نئين رنگ ڍنگ سان تون هر هر اچي نواز
ٻيهر ه شاهِ حسن شفيقانه وار آ
نئون بابِ عشق کول ته ڪي تبصرا ڪجن
ٿي سنگدل او دلربا افسانه وار آ
چورائي يار دل وئين مونکي ٻه وچ ڪٽي
سوگند توکي تنهنجوائي دزدانه وار آ
واعظ جوان ٿي مِي ڪهنه جو جاام پي
آ رشڪ شمع ساقي تون پروانه وار آ
هي گردشِ زمانه تڪڻ ئي نٿي ڏي
دلبروري وري آپيمانه وار آ
آغوش ۾ ئي طالب المولي کي يار جهل
مستِ الست آهه تون فرزانه وار آ

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

بي درد جي اڳيان اي يارو دردن جي شڪايت ڪهڙي ڪبي
جي آه ٻڌڻ وارو ناهي پو برپا قيامت ڪهڙي ڪبي
جو جنهن پيو چوي پل تيئن پيو چوي تون پنهنجي ۾ مشغول رهج
جي صبرورضا مقصود اٿئي پو ٻي تي ملامت ڪهڙي ڪبي
سڀ سختيون سورتون سهندو هل منزل تي پهچڻ جي چاهين
دنيا ته مقام اذيت جو بس ان ۾ راحت ڪهڙي ڪبي
ڪا حدَ مڙڻ جي آخر آ پر ان ڪان پوءِ ته مجبوراً
جي ڪنهن ۾ مروت ڪانهي ڪا ان ساڻ مروت ڪهڙي ڪبي
جو ٿيڻو هو سو ٿيو آخر محبوب پڇين تو ڇا هاڻي
اي دلبر تنهنجي جفائن جي توساڻ شڪايت ڪهڙي ڪبي
ظاهر ۾ يڪتائي تو رکين باطن ۾ بيائي اي دلبر
هي عشق و محبت ۾ هردم اي سهڻا سياست ڪهڙي ڪبي
سڀ ڪنهن کي عمل جو ڦل ملندو بد خواه نه ٿي ڪنهنجو به ڪڏهن
تون سڀ ڪجهه ڇڏ الله مٿي ٻي ساڻ عداوت ڪهڙي ڪبي
تون طالب مولا جو آهين دنيا جي اڳيان سرخم نه ڪبو
بس حق جي اڳو سجدو ڪر باطن جي اطاعت ڪهڙي ڪبي

جي آيا تنهنجي محفل ۾ اهي قربان ٿي نڪتا
وڏا دانا ۽ بينا پڻ اُتان حيران ٿي نڪتا
ڪئي ڪحل البصر جن خاڪ دلبر تنهنجي قدمن جي
اهي درويش تنهنجا تو وٽان سُلطان ٿي نڪتا
جهان کي جن جي اڄ نقش قدم تي فخر حاصل آ
اهي الله جي لاءِ بي سر سامان ٿي نڪتا
مليون جي مائٽن جون ۽ ٿيون استاد کان حاصل
مون سمجهيون ٿي جفائون پر اهي احسان ٿي نڪتا
سڏايا ڪرب جي ڪورٽ اندر جنهن وقت مون سهڻا
هو دل جا چور يارو نيٺ سي چالان ٿي نڪتا
تجارت جي سنئي سا جي ويا مڪي مديني ۾
خدا جي گهر ما ن اهڙا ڪيئي بي ايمان ٿي نڪتا
وجي سچ سچ ٿيو آخراهوئي نيٺ ٿيڻٺو هو
رقيبن جون لڳايل تهمتون ، بهتان ٿي نڪتا
مخالف جي ٻه آيا طالب المولیٰ ڪچهري ۾
خدا جي لطف سان تنهنجا اهي خواهان ٿي نڪتا

khairmohammad

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

ڪڏهن ڀريل نہ ڇڏيندا سون ساقي پيمانا
اسان جي دم سان ئي آباد رهندا ميخانا
سندءِ نگاهہ ۾ مضمر سوين ئي ميخانا
ڪرين ٿو هڪڙي نظر سان هزار مستانا
خيالِ يار ۾ جيڪي رهن ٿا ديوانا
قدم انهن جا چمن بار بار ويرانا
نہ آهہ شمع جي سوزش جو ڪو ڪمين کي خيال
ڏيئن ٿا جان فقط روشني تي پروانا
مان هر جفائي محبت مٿان ٿيان قربان
ٿيس انهن تان تصدق هزار شڪرانا
نظر اچن ٿا محلات ۾ نہ اهل دل
چراغ قلب سان روشن هميشہ خسخانا
ڏسو تہ يار جون ڪيڏيون نوازشون آهن
ڪنهنجو نگاهہ بنائي ٿو پنهنجا بيگانا
اهو طالبِ مولا اداس اداس آهي
جي هو نہ آهي تہ بي رنگ سڀئي افسانا

خير محمد ھنگورجو گهرو

بلا درتان اي لالڻ يار لوڏائڻ مان ڇا ورندءِ

سڄڻ سائين وره واري جي ورجائڻ مان ڇا ورندءِ

عتابن سان اگڻي ماري ڇڏيو ٿئي ماهرو مونکي

ڏئي دڙڪا وري ير دل جي ڏڙڪائڻ مان ڇا ورندءِ

سڀاڄهو ٿي سڄڻ هٿ ٻاجهه جو رک، شان پنهنجو ڏس

مٺا سائين سنڌم عيبن جي ورجائڻ مان ڇا ورندءِ

جي هڪڙي در تان لوڙيندين ته پي در ڪان وري ايندس

ته پو محبوب مٺڙا مونهنجي لوڏائڻ مان ڇا ورندءِ

اهو در ونءِ جتي شاهه و گدا جو سر لڳل آهي

اڙي انسان ٻئي دردر جي ڪڙڪائڻ مان ڇا ورندءِ

هوادث کي ڏڄان منهن مرد ٿي اي طالب المولىٰ

مرد ٿيندو سندءِ مولا پو گهبرائڻ مان ڇا ورندءِ

23 آڪٽومبر 1955ع

ڪمپوز خير محمد هنگورجو ڪيرو

طبيعت خوش ڪبي رتني بهارن ڪان مڙي لنگهبر

پريشان ڪرڻ تيبر لاءِ زارن ڪان مڙي لنگهبر
سڪرن حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪبا آباد ويرانا

جهان وارن سڀين شورن شرارن ڪان مڙي لنگهبر
رهاڪر آهيان والله مان آزاد دنيا جر

سدائين ڏينهن ٻڌجي اقتدارن ڪان مڙي لنگهبر
اديين عالمن جي خادمي تي فخر ناز آهي

هميشه انشا الله تاجدارن ڪان مڙي لنگهبر
هميشه وانگي پنهنجي قوتِ بازو تي ٿي هلبر

هميشه وانگي غيرن جي سهارن ڪان مڙي لنگهبر
سياست ۾ سياستدان پنهنجا پاڻ ۾ چاڻن

انهن مطلب پرستن ذمدارن ڪان مڙي لنگهبر
ملن تيرن مرج ۾ مرحرن هزارين طالب المرليٰ

رتير رج سير رجبي پر ڪنارن ڪان مڙي لنگهبر

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

جيڪو بہ جنهن سان عشق جي خود ابتدا ڪري
ان جوئي فرض آھ تہ ھو انتها ڪري
جو يار جي رضا کي ئي پنهنجي رضا ڪري
سوئي تو فرض عشق و محبت ادا ڪري
منهنجو تہ وار وار تو دم دم دعا ڪري
ڪوسو لڳي نہ واءُ سڄڻ کي خدا ڪري
آزاد سو وري نہ ٿئي تادمِ حيات
جنهن کي جڏهن اسير تو زلفِ دوتا ڪري
پنهنجو وڃائي پاڻ ٿا يڪذات جي تين
تيغ جفا نہ ڪين تي تن کي جدا ڪري
منهنجو نہ ڏوھ ڇنبو اکين جو قصور آھ
ويٺيون الاجي عشق ۾ هو ڇا مان ڇا ڪري
هت جسم ساڻ دل کي بہ سجدو ڪرائبو
پر ڪير تو نمازِ محبت ادا ڪري
هڪ معترف گناه جو ٻي کي غرور زهد
ڏسجي تہ هو تو ڪنهن تي سزا ۽ جزا ڪري
اڳرو قدم اي طالب مولا ڪڏهن نہ ڪڻ
تنهنجو يلي حريف ئي هر ابتدا ڪري

خير محمد هنگورجو ڪهرو

نعت

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

١- تیرے دیدار کا خواہان ہون رسول۔ عربی
ہجر مین کلبۂ احزان ہون رسول۔ عربی

٢- میری بے چینی تو اب حد سے بڑھی جاتی ہے
ہے نہ آرام۔ پریشان ہون رسول۔ عربی

٣- میرے اس درد کا درمان بھی کوئی ہے کہ نہین
عافیت کے لئے حیران ہون رسول۔ عربی

٤- تو محافظ ہے چھپالے مجھے دامن کے تلے
کیا بتائون کہ مین عریان ہون رسول۔ عربی

٥- میرے آقا میرے مولا میرا رونا سن لو
گویا مین درد سے بیجان ہون رسول۔ عربی

٦- مین گنہگار ہون مجھ پر بھی کرم کی ہو نظر
اشک۔ خون آنکھون سے افشان ہون رسول۔ عربی

٧- دل تو قابو مین نہین کیا کرون مجبور ہون مین
اس لئے چاک۔ گریبان ہون رسول۔ عربی

٨- اپنے **طالب** کے صدائون پہ خدارا ہر گز
نہ خفا ہونا جو نادان ہون رسول۔ عربی

خیر محمد هنگورجو کیرؤ

مخدوم محمد امين فهيم سائين

محمدﷺ تنهنجي مي جو مان ٿيس ميخوار بسم الله
پيري ساقي پيالي تي پيالو پيار بسم الله
شرابِ عشق عربي اڄ پياري مست ڪر اهڙو
هجي جنهن جو مون کي هر دم نشو نروار بسم الله
گهڙي پل ۾ هتان مون کي گهرائي وٺ مديني ۾
اهو ڪو موجزو مرسل ڪري ڏيکار بسم الله
هئو مشڪل مگر تنهنجي اچڻ کان پوءِ آسان ٿيو
ڏسي توکي لهي ويو بيڙا غمن جا بار بسم الله
سڳوري رات سونهاري ۾ هئي ڪا مهل موچاري
ڪيم جنهن رات تنهنجو خواب ۾ ديدار بسم الله
سڄڻ قدمن مٿان تنهن جي ٿيان قربان لک ڀيرا
ڪيان معلوم جي تنهنجي اچڻ آثار بسم الله
امين مشڪل اچي ڪوئي ته پڙهه صلوات سيّد تي
غم و اندوهه مان ٿي ويندا بيڙا پار بسم الله

مخدوم محمد زمان طالب المولي
دنيا ۾ مودت آهي دولت اعلي
جنهن ۾ نه طمع سا آ محبت اعلي
بي روئي ريا آهي عبادت اعلي
با درد و محبت به شڪايت اعلي
دنيا ۾ نه ٻي شئي آهي الفت جهڙي
نيڪي نه ٻي آهي ڪا رياضت جهڙي
الله کي راضي جي ڪرڻ چاهي ڪو
ٻي ڪا به عبادت ناهي خدمت جهڙي
خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

پسي تون حسن پنهنجو محو منجھ نازون تي وڃ
صفاتن مان لنگھي ذاتي ۾ ذاتي تون سدا تي وڃ
پري پنڌ ڪين ڪر هرگز پنهنجي پسڻ ۾ پس
توهڪڙي خاڪ جي چپٽي مان بيشڪ بي بها تي وڃ
حياتِ جاودان حاصل جي ڪرڻي تئي ته هڪ پل ۾
ڇڏي سانگو صفاتي غرق در بحرِ بقا تي وڃ
غمِ هستي جو دنيا ۾ علاج آهي ته بس هي آهي
تعلق سڀ ڇڏي ڏي بي نيازِ مدعا تي وڃ
مرڻ کان اڳ مري لاخوف تي ڇڏ موت کي ماري
تون پنهنجي پاڻ لاءِ پلپل ۾ خود پنهنجي قضا تي وڃ
سوين سختيون اچن سر تي زبان مان اف نه ڪر هرگز
سراپا سوز ۽ سڪ ۾ سڄڻ جي تون فنا تي وڃ
قدم اڳتي وڌائي ڪي نه هٽجين طالب المولي
تون هن آغازِ الفت ۾ ئي انجام وفا تي وڃ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اڙي واعظ هي ميخانو اٿئي مڪتب ته ڪونهي ڪو
هتي تنهنجو ڪو هم مَسلڪ ۽ هم مشرب ته ڪونهي ڪو

اچڻ ڏيو محتسب کي پل اچي رندن سان ڳالهائي
انهي لاءِ مان ٿي بس آهيان اهو مرهب ته ڪونهي ڪو

گرفت زلف پيچان يعني دنيا کان رهائي ٿي
اهو زندانِ عشق آهي مگر لاڪب ته ڪونهي ڪو

متان گهبرائين شيخ شهر جي هن خرقه بازي کان
اهو تو جهڙو هڪ انسان آهي رب ته ڪونهي ڪو

سوال هي ڪونه تو پيدا ٿئي فرقه پرستي جو
تو جنهن کي عشق چئجي سو ڀلا مذهب ته ڪونهي ڪو

ڀلا دل ڇو ٿي ڌڙڪي اڄ ڀلا دل ڇو ٿي ڦٿڪي اڄ
متان نگاهِ دلبر جو ورودِ اِمشب ته ڪونهي ڪو

اچي پئي بوئي خوش مي خوش مان ان جي مونکي مستي ۾
متان منهنجو ٿي لب ساقي جي زيرلب ته ڪونهي ڪو

عصا وجبه ودستار زيبِ تن نه ٿي سگهيا
خرافاتِ جهان سان منهنجو ڪو مطلب ته ڪونهي ڪو

او رشڪِ مشتري او سعد اڪبر ڇونه آئين تون
ڀلا وعده شڪن اڄ ماه در عقرب ته ڪونهي ڪو

هلالِ عيد بيحد خوبصورت تو ٿئي والله
مگر هم صحبتو هو غيرتِ غبغب ته ڪونهي ڪو

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهِ طاقت طالب المولىٰ
ته پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڏبي دل جنهن کي ان تان ساھ سر گهر گهورڻا پوندا
سڄڻ سان نيهن جا ناتا هميشہ تورڻا پوندا
وڃي هي عرض ڪر دلربا منهنجي يار جاني کي
گهرائيندين تہ البتہ حال دل جا اورڻا پوندا
ڪريو سڏ ڪينڪي سڌڙيا ڪرڻ الغت ڏکي ڏاڍي
اوهان کي پنهنجا سر آخر ڪلهن کان ڪورڻا پوندا
ڪڇين ناصح متان تنهنجو وڃي ڇا مون ۾ دلبرﷺ
جي نہ تہ ان وقت مجبورا ٻئي چپ چورڻا پوندا
پنهل جي پوئتان ويندي ڇيو سسئي تي سرتين کي
پتو کهڙو تہ پائي پيچ ڏونگر ڏورڻا پوندا
تيئن صراف چرچو ناھ ڪو انصاف کهرجي تو
ڏُکا ماسا پري ٿيا پر هتي تڙ تورڻا پوندا
اديون آتڻ ويهڻ سولو ڪتڻ ڏاڍو ڏکيو آهي
اڇو سنيري هتي سرتيون جو چرخا چورڻا پوندا
نيائڻ جي گهري ڪو يار سان اي طالبِ المولىٰ
تہ صبروضبط سان سڀ ان کي جذبا جهورڻا پوندا

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

بظاهر جيڪي داناهه ها سي ديوانا ٿيا اُٿلي
صدا افسوس آهي ديوانا ٿئي ۾ داناهه ٿيا اُٿلي

جتي ساقي نگاهن سان ڪندا پر ڪيف ها پياري
ڪٿي سي سرزمينون اڄ هو ميخانا ٿيا اُٿلي

رڳي ٿئي فحش گوئي ۾ رڳي ٿئي آهي بيهوشي
هتا جي هوش آور اڄ سي به مستانا ٿيا اُٿلي

محبي جن دل سان مستن کي ڪيو ٿي اعتراف انجو
اها اڄ عقلمندي ۾ هو فرزانا ٿيا اُٿلي

وڃا ٿئي وات تو هر ڪو وهي ماڻهن جي جهنگل ۾
ضيا جت عشق واري هئي سي خسخانا ٿيا اُٿلي

ڪرڻ احسان اڄ ڪنهن تي پوڻ آزار ۾ آهي
محبڻ کي ڏيو چڱي پر صرف شڪرانا ٿيا اُٿلي

اجان پيري ۾ مخدومي کي تون چنبڙيو پيو آهين
چريا هو نيهن وارا جي هتا نذرانا ٿيا اُٿلي

رڳو تاب ۽ عتاب آهي رڳو خوف ۽ هراس آهي
اڱوڻا همنوا ۾ شان شاهانا ٿيا اُٿلي

سياست آهي ڪا هي پئي اڄوڪي عشق بازي ۾
اڃي خود مطلبي ويئي جوش جانا ٿيا اُٿلي

فقط اڄ شمع تي روئي رڙي اي طالب المولي
ڏين جي سر اڃي هڪدم سي پروانا ٿيا اُٿلي

خير محمد هنگورجو، ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

يار جي درجي چنگو جو خاڪساريءَ تي نصيب
شڪر تيو هي راهه مونکي عشق واريءَ تي نصيب
بزم ۾ ساقي هٿان ساغر شراب لعل فام
ٿي وري بي ميڪشن واري بهاريءَ تي نصيب
ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ ترڪ کي پڻ ترڪ ترڪ
عام ڪان مون کي اها حالت نياريءَ تي نصيب
ناهه خواهش مالدارن ۾ تيان داخل ڪڏهن
مونکي فقيرائي مزي جي مالداريءَ تي نصيب
عيش و عشرت ڪين توگهرجي مريض عشق کي
آهه وزاري بيقراري برهه واري تي نصيب
دمبدم هو چشم تر جنهن کان رهي تو ريش دل
طالب محزون کي سا آهه وزاري تي نصيب

هنگورجو ڪپرو
خير محمد

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اچو ته حرص و هوا جي دنيا ڪريون برباد
اچو ته عيش ۽ عشرت جو اڄ پٽيون بنياد
اچو ته سطوت ۽ جبروت جي جهان ۾ اڄ
نياز ۽ نوڙت نئين سر ڪريون وري آباد
اچو ته جام ۽ مينا کي زهر ساڻ ڀريون
هميشه لاءِ ٿئي مئڪشن جي دل ناشاد
اچو ته پيدا ڪريون آهون خواب گاهن ۾
بجاءِ غفلت جي بس هجي خدا جي ياد
اچو ته جهان جو نظام بدلايون
۽ دام ظلم کان انصاف کي ڪريون آزاد
اچو ته شاهه وگدا جي نشست يڪسان ڪريون
هزار طرح سان رب العليٰ ڪندو امداد
اچو ته هر هڪ ذري ۾ ذات کي ڳوليون
ڇا آهي ديده بينا لاَ سرو ۽ شمشاد؟
اچو اي عارف قرآن جي روشنائي ۾
تڙي ڪڍون هاڻي دنيا مان زندق و الحاد
اچو ته هاڻي تڪلف کي يار ترڪ ڪريون
هي آهي طالب مولا کي ٿيو عجب ارشاد
اچو ته حرص و هوا جي دنيا ڪريون برباد

خير محمد هڪڙو جوڳيرو

مخدوم محمدزمان طالب المولىٰ

يار منهنجو زنده باد ان جون جفائون زده باد
عاشق جانباز جون پڻ هي وفائون زنده باد

جن وڪوڙي قيد ڪيو ۽ نيش سان دلريش ڪيو
جان من زلفن سنديون ڪاريون بلائون زنده باد

مون ڀڳو محبوب کان هڪ ڏيهن هرهر تي چيئين
درد دل ۽ عشق والفت جون گلائون زنده باد

دست بستہ در سندءِ تي آهِ عرض ۽ التجا
عاشقن جون عشق ۾ يارب رضائون زنده باد

ناز وارن کي نمائي جي بنائڻ با نياز
درد وارن عاشقن جون التجائون زنده باد

زندگي بخشين ٿيون بيمار الفت کي ضرور
دلربا تنهنجي نگاهن جون شفائون زنده باد

يار کي خوابِ تغافل کان ڪيو بيدار جن
عاشقن جي سڪ ۽ سورن جون صدائون زنده باد

حسن وارن جي ٿئي فطرت ۾ سمايل آهي ڏاڍ
هرستم تي ٿو ڪري عاشق دعائون زنده باد

جن ڪيو قابو هميشہ لاءِ عاشق کي الاا
سي هجن منهنجي اجيبن جون ادائون زنده باد

منهنجي اگلاين کان ڪنهن دم ڪين ٿيو دلبر خفا
طالب المولىٰ سڄڻ جون سڀ عطائون زنده باد

خير محمد هنگورجو ڪرو

مخدوم محمد زمان ' طالب المولیٰ

ڏنا اٿئون ڏيهہ ۾، سڪن وارا سوَ،

خوف نہ اٿن خدا جو، هو رُلنديِ ڪن ٿا روَ،

محبت رکن مال جي، ۽ مچيو ڪن ٿا موَ،

دنيا آهي ديوندي، تنهن کي ديونديو ٿا ڪن ديوَ،

ڏکن جي ڏهڪاءَ ڪان، ڪنبيو ڪن هو ڪوَ،

ڏکن واريِ ڏيهہ ڪان، ڪن پورا پچيو پوَ،

' طالب مولاٰ ' ساڻ هُو، نٿا لائين لوَ،

هنئڙيِ اندر هوَ، ڪانہ رکن ٿا قرب جي.

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

سکن وارا سنڌا، سدائين سرشار،
محبت رکن ٿا مال جي، اٿن دولت جي درڪار،
هو دور رهن ٿا در دڪان، ويسلا مروار،
ٻُڌجن ته ڀون پيا، ڏکن جا ڏهڪار،
پر سورتين سان سائين، سڄڻ سيئين يار،
"طالب مولا" مرد ٿي، گونڌر منجهه گذار،
ته سهڻن جو سردار، سورن ۾ سائي ٿئي.

خير محمد هنگورجو ڪيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيمِ
جنهن زبان ۾ ماءُ پنهنجي ٻار کي لورلي ڏني
جنهن زبان ۾ پيءُ پڻ هر دم مخاطب ٿو ٿئي
تنهن زبان سان ٿي حفاظت ٿي ٿئي تهذيب جي
سا زبان ٿي تا قيامت طالب المولىٰ چئي
هر ڪو پيهي پري ٿو ٿئي مشڪلات ۾
ڪهڙي اميد رکبي ڀلا ڪنهن جي ذات ۾
خود مطلبي جهان کي ڏيڙهي ڏٺي ڏٺي
سڀڪو لڳو پيو آهي پنهنجي ٿي تات ۾
مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مخدوم محمد زمان ”طالب المولا“

ڇوڙي ڇڏيائون ڇوھ مان، ڪلھن تي ڪاڪل،
ديدون ديدن ۾ جھلي، واري وڌائين وَل،
ڪري قابو ڇڏيو، محبت ساڻ مٿل،
وٽي دل قبضو ڪري، ڪانڌ ڪيائين ڪَل،
مارڻ جي محبوب ڪئي، عجب ھيءَ اٽڪل،
ڪانڌ ڏنائين قرب جي، وري ڪائي ڪَل،
’طالب‘ کي تڪرار سان، عشق مليو اٽجھل،
جڏھن خوشين ڪا خلل، تڏھن سور اچي ساٿي ٿيا.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

آهي هڪ اللهﷻ حاڪم سو حڪيم،
هر هنڌ اٿئي هڪڙو، مالڪ ٿئي مقيم،
قائم آهي ڪُلَ تي، مولا مستقيم،
"اللهﷻ غني وانتم الفقراءَ". اهو ٿئي عظيم
"طالب" ! مولا آهه سو، عالم پاڻ عليم،
ڪريم ٿئي ڪريم، قادر آهي ڪُلَ تي!

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عاشق شڪ نہ آڻجئين، شڪ جو ٿين نہ شڪار،
هادي هڪڙو مَجُ تون، جل جلاله جبار،
شرڪ نہ ڪجئينس شان ۾، قادر اٿئي قهار،
"طالب مولا" مرد ٿي، ڪر احد تي آتبار،
تو سمجهي سڀ ستار، ڪيفيتون قلب جون.

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالبُ المولیٰ

هادي سوئي هيڪڙو، ٻولي ڪبي نہ ٻي،
وحدت جي واپار ۾، ٿيبو مرد مَڇي،
قل هُوَالله ۾ قادر جِي، آهي صفت سچي،
واحد جي وحدت جي، کھڙي ڳالھ، ڪبي،
هلِي ڪا چلِي، دوئيءَ واري جي دنيا ۾!
"وحده لاشريڪ لہ" ويجھو اتيئي.
ماسويٰ ڪي مرد ٿي، ڏھاڳ ڇڏ ڏيئي،
ڪريم جون، قلب ۾ ڪيئي، قدرتون
"طالب مولا" مرد ٿي، ڇڏ نِرت اتي نيئي،
پَڪ اتئي پيئي، عاشق الاَ الله ۾!

خیر محمد ھنگورجو

مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولیٰ

خيال ۾ تو ٿئي بيھار اول

خيال ۾ تو ٿئي بيڪار اول.

خيال ۾ ٿي ٿئي سڀئي دارو مدار آھ،

خيال ۾ تو ٿئي بيدار اول.

زماني ۾ ھلڻ سان ٿي ھلڻ آھ،

ھي ڪنھن ڏي وڃڻ سان ٿي وڃڻ آھ.

ڪري ھمدردي، ھمدردي ٿي وٺي،

ڪنھن وٽ پڻ اچڻ سان ٿي اچڻ آھ.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪافي

عمر! عاجزن سان نہ ڪر مال مستيون،
هلي ڪين سگهنديون اهي هوڙ هستيون.
اپوجهن اياڻن تي هيڏيون هلائون،
اسيرن جو آهون ٿئي بلڪل بلائون،
نہ ويران ڪر تون ولهارن جون وستيون.
مرڻ مَرڪُ ياڻيان تي اهڙي جيڻ ڪان،
چڱو زهر تنهنجي ٿئي پاڻي پيڻ ڪان،
قبوليان نہ هرگز سندءِ زبردستيون.
چني چڏ تون جيڪا ويئو تند تاڻي،
مليرياڻيون مرڳو نٿو ڪي سڃاڻي،
هي پڪ ڄاڻ آهن سنگهاريون نہ سَستيون.
ڪٿي زر ۽ زربغت مخمل ۽ ريشم،
ڪٿي هي ڄٽيون ڪٿ حرم تنهنجا حاڪم،
ڪٿي راڄ راڻيون ڪٿي تنگدستيون.
اي طالب ڪندو مولا، آزاد ٿينديس،
وطن ۾ وڃي ور ڪي واڌايون ڏينديس،
ڇڏينديون نہ هيڻيون ڪڏهن حق پرستيون.

مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“

سجائي، ڇڏيسون، هي دنيا دورنگي،
اها اصل کان ئي ڪا آهي اڏنگي!

مڃيو سون تہ ولل ، ڪا ڳالھ ناهي   زماني جو ظاهر، ٺلهو ٺاهہ آهي

ڏٺيسو فطرت ۾ لالچ لفنگي،

ڏسي مچ محبت جو ڪاهي پياسون،   رچي لال لاهوتي لڻ ۾ تياسون،

وڻي ويئي دل کي، اها پر پتنگي،

رڳو ڪن تا خرقن مان واسينگ وارا، عبائن جي اندر لڪل نانگ ڪارا،

حقيقت ۾ هي پوش آهن پلنگي،

گهڻو وقت مخدومي ماڻي ڏٺيسون،   ۽ پيري بہ قبضي ۾ آڻي ڏٺيسون

پسند پيئي من کي رڳي مت ملنگي،

اٿي جلد ساقي، سگهو آڻ ساغر،   صراحيءَ کي ٻوڙائي بلڪل ڪٺي پَر،

وڃي چيڙ ڪا ڏن، جدا جلترنگي،

اسان جو سڄو ملڪ آزاد آهي   مگر واءِ قسمت، هي فرياد آهي

ڪري پيو ترقي، اڃا فن — فرنگي،

اسين فاني دنيا جا ”طالب“ ڪي ناهيون   اسان لئہ اهو بس تہ مولائي آهيون

جتيءَ سنديءَ جوڙ کي، ڪلنگيون ڪين پڄن
اُت ڪئين ڪلاهون اڇيو، ٽيون جذباتئون جهڪن
جن کي اتان عار ٿئي، سي سر ٿئي ڪسيو وڃن
جيڪي اتي جهڪيا، ته تاج به ماٿيا تن
محبوب جڏهن وجي پيگا، مٿائين مقامن
پائيون ته جتي لاهيون، اهو اچا خيال هئن
ته پين پڙلاءُ ڪَنَ تي ، ۽ حڪم هيءُ ملين
جانب جتي نه لاهجو، مٿان پير اگهاڙا تين
وجي پهتا توڙ تي، ساڻ پيارا پيزارن
هاڻ طالب مولا، ڪيئن نه چوان، ٿيان جتي جانبن
جُتي ٿيان پيو ڇا ڪيي، ڪتان بنهين جهانن
جو پهتي ساڻ پرين، جُتي عرش عظيم تي

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

جيڪي برھ ۾ بيپرواھ دليون
اهي آھن شھنشاھ دليون
جيڪي پورن ۾ پيون روز پچن
جيڪي بره جي باھ ۾ ڏار ڏکن
جيڪي دردن جو درمان نہ ڪن
سي سھڻن جون تيون ساھ دليون
جيڪي محبت ۾ تيون مست مچي
جيڪي طالب الموليٰ ڪن نہ ڪچي
والله جوان تو سچ بہ سچي
اهي ڪن تيون ڪوڙ گناھ دليون

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

حقيقت ۾ اهو ماڻهو ننڍو آهه،

ننڍي هوندي ڪري جيڪو وڏائي.

ٿي ماڪوڙي هنيو جنهن شينهن سان دم،

انهي سمجهو ته پنهنجو ڪُر لڄائي.

وڏو سو جو بلند اخلاق آهي،

ڪٿي ئي ڪو نه پئو مقبول ٿيندو

اهوئي سرفراز آهي جهان ۾،

سين آڏو جهڪي ويتر جو ويندو.

خير محمد هڪڙو جو ڪيرو

مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

منقبت

ياعلي المرتضيٰ، شيرِ خدا شاهِ نجف،
مان ڪندس توصيف تنهنجي بارها باچنگ ودف.

اي شجاعت جا ڌڻي، اي هاديِ راهِ هديٰ،
دشمنِ دينِ نبي صد هر وقت ٿيا تنهنجو هدف.

تنهنجو ڪونهي ڪو امام ۽ تون اَمامن جو امام،
آهه منهنجي واسطي تنهنجو فضائل ٿيو شغف.

جنگِ خيبر ۾ رسول الله توکي سڏ ڪيو،
تون اچي پهتين ته زير وبر ٿي ويئي هر ڪا صف.

تنهنجي اندر ۾ خدا جو عشق هر دم جاءِ گير،
يعني در بي بها لئه تنهنجو سينو ٿيو صدف.

مشرڪن تي تنهنجا حملا بي تحاشا پئي بہ پئي،
قاتلِ مرهب! سدائين تون هئين جو سربڪف.

هن ڪان وڌ ٻيو مرتبو ڇا ٿي سگهي تو ياعلي،
جو محمد صہ بخشيو داماد جو توکي شرف.

منهنجا ڪر آسان مشڪل ربّ پنهنجي ڪان گهري،
مان بہ تنهنجو آهيان، تنهنجو ڪنيو آ مون حلف.

تنهنجي مداحن جو اهي "طالب المولىٰ" غلام،
جو ڪري تنهنجي گلا، والله سوئي نا خلف.

طالبِ دعا، خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اچڻ کان پوءِ جيڪا ڪانه ويندي
اها پوڙهپ ءِ ان جي ناتواني
وڃڻ کان پوءِ جا موٽي نه ايندي
سا آهي يار ديواني جواني

محمد منگر جوکيو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ڪري تير زبان پئي دل خراشي
هي هلندي ڪيستائين بدمعاشي
اسان وٽ اڄ ڪٿي رِزق حلال آهه
اسان وٽ ڪاميابي آهي ئي راشي

ڪٿي آهي زماني ۾ محبّت
ڪنهين وٽ ڪنهنجي لاءِ ناهي مروّت
رهي ڪنهنجي نه اڄ محفوظ عزّت
چڱائي ۽ چڱن جي آهي قلّت

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

هڪ ڏيهاڙي دلبر آکيا ، عاشق ايڏي آوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس نال اساڏي لائي ياري ، هُڻ پل غم ڪون کاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس سو سو ڦيري در اساڏي ، آوين تي ول جاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس نال فراق هجر دي اپڻي ، دل ڪون پيا بهلاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس سوزگداز اندوه الم ڪون ، چم اکيان تي چاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس بار بره دا چاکي ، متان پير پچون تون پاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس طئني تنکي مهڻي جڳ دي ،عاشق چا ڳل لاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس ڳالهيان رنج رُسامي واليان ، نال کهين نہ الاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس سختيان سول آزار اساڏي ، دل وچ راز ڇُپاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس سڀ سوال قبول ڪيتئي تڏهان،من ڪون پيا تون پاوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

آکيس آخر "طالب مولا" ساڏي ، نال ضرور نياوين ،
آکيم جيوين سڄڻ فرماوين

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

بجز حسن تيرے جهان مين نهين كچهه
گلون مين نهين گلستان مين نهين كچهه
زمين مين نهين آسمان مين نهين كچهه
بدن مين نهين اور جان مين نهين كچهه
هر اك فرد كا پيشوا هو تو تم هو

تو هے شمع روشن تو پروانه هون مين
تو منسوب مجهسے تو ديوانه هون مين
تو ساقي هے ميرا تو ميخانه هون مين
تيرے هاتهه مين مئے تو پيمانه هون مين
نهين مين جدا گر جدا هو تو تم هو

جدهر ديكهتا هون تو جلوه تيرا هے
كه هر ذره مين تيرے ضيا هے
تيرے تاب بيتاب اب كرديا هے
تيرے حسن پر چاند بهي تو فدا هے
جهان مين اگر خوشنما هو تو تم هو

خير محمد هنگورجو كيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

بظاهر جيڪي دانا هيا سي ديوانا ٿيا اٽليپ
صدا افسوس آهي ديوانائي ۾ دانا ٿيا اٽليپ
جتي ساقي نگاهن سان ڪندا پر ڪيف ها پياري
ڪٽي سي سرزمينون اڄ هو ميخانا ٿيا اٽليپ
رڳي ئي فحش گوئي ۾ رڳي ئي آهي بيهوشي
هئا جي هوش آور اڄ سي به مستانا ٿيا اٽليپ
مڃي جن دل سان مستن کي ڪيو ٿي اعتراف انجو
اها اڄ عقلمندي ۾ هو فرزانا ٿيا اٽليپ
وڃائي وات ٿو هر ڪو وهي ماڻهن جي جهنگل ۾
ضيا جت عشق واري هئي سي خسخانا ٿيا اٽليپ
ڪرڻ احسان اڄ ڪنهن تي پوڻ آزار ۾ آهي
مڃڻ کي ڏيو ڇڏي پر صرف شڪرانا ٿيا اٽليپ
اڃان پيري ۾ مخدومي کي تون چنبڙيو پيو آهين
چڙيا هو نيهن وارا جي هئا نذرانا ٿيا اٽليپ
رڳو تاب ۾ عتاب آهي رڳو خوف ۾ هراس آهي
اڳو ڻا همنوا ۾ شان شاهانا ٿيا اٽليپ
سياست آهي ڪاهي پئي اڃو ڪي عشق بازي ۾
اڃي خود مطلبي ويئي جوش جانا ٿيا اٽليپ
فقط اڄ شمع تي روئي رڙي اي طالب المولىٰ
ڏين جي سر اڃي هڪدم سي پروانا ٿيا اٽليپ

خدا سنڌ کي شل بچائي وٺي -

١- وزارت جا جهيڙا اهي جي رهيا،
ته ٻوڙ سنڌ جو آهي حافظ خدا -
اڃي ٿي نه ڪنهن کي صفا سمجهه ڪا،
مگر هر ڪهين ساڻ وعدا وڏا.
ستم آهي هر ڇڳي ۾ مٺي،
خدا سنڌ کي شل بچائي وٺي.

٢- غريبن کي حاصل ٿين ٿيون ڏڍيون،
آسن ۾ ويچارا وڃن ٿا سڙيون،
اميرن جي لاڙب واريون ڪڙيون،
مٿن وهت کي آهن هٿيون اڙيون.
ڪڙهيو ٿا ڪڙهن جنن سرون مجهه ٻني،
خدا سنڌ کي شل بچائي وٺي.

٣- وڏن ساڻ، ٻوڙا اچن منجهه لتڙ،
الاهي ڏجهين ڪا انهن کي اڙ.
ٻڌو ٿا رکي بيوفائيءَ جي ٻڙ،
ڪري شال قادر ويچارن تي وڙ.
اجها آهيون سپ آچارا اٺي،
خدا سنڌ کي شل بچائي وٺي.

غزل

مخدوم محمد زمان طالب المولي

١- اٿکھیلیان کرتي هوئي آئي هي صبا بهي
ساقي تيري صدقي ذرا پئمانه آٿها بهي

٢- مدت کي پياسي تيري کوچه مين پڙي هين
اب نام خدا انکو ذرا اور پلا بهي

٣- هون تجهسي جو وابسته تو سبه کچهه هي تجهه هي سي
يعني که يه شکوه بهي شکايت بهي گلا بهي

٤- يونهين تهين پکڙي هوي دامن کو هوا مين
يه جذبهٔ دل بهي هي اور مستانه وفا بهي

٥- سبه کچهه هي ديا شوخ حسينونکو خدا نـي
اي کاش دي هوتي انهين مهرو وفا بهي

٦- قدرت ني حسينونکو غضب کا هي سجايا
بهرپور جواني مين دي شوخي بهي حيا بهي

٧- صد شکر خدا هي که مرادون کا يه بيڙا
لهرون کي تهپيڙون سي کناري سي لگا بهي

٨- دل بهي تو عجب چيز هي کيا راز هي اسمين
ديکهو تو اسي ايک مين بت بهي هي خدا بهي

٩- وه ضد جو نه چهوڙين تو وضع هم نه بدلين
هر چند که دونونکي دلونمين هي رضا بهي

١٠- **طالب** سي نگاهين تو هٽائو نه خدارا
کيسا بهي هي تيرا هي بهلا هي يا برا بهي

فقير محمد هٿيون ميرو

منظور اس سوال کو منظور۔ نظر کر
اس غمزده په رحم کي هو پهر بهي اک نظر
تیرے سوا مین عمر کرون کس طرح بسر
شب و روز درد هجران سودائي درد سر
ماتم فراق کا جو مچاکے چلا گیا

کتني بڑي امید تهي برباد کر چلے
مسرور دل کو ناحق ناشاد کر چلے
دنیا نے دل کو غم سے آباد کر چلے
سمجها تها داد گر پر بیداد کر چلے
کچهه دور سے هے جلوه دکهاکے چلا گیا

دل کا تڑپنا ابتو هي حد سے گذر گیا
یا رب یه حال آج هے کیسا میرا بنا
آنکهین بهي اشکبار هین دریاد۔ دلربا
طالب کا حال اسکو اے باد۔ صبا سنا
کیون خاک مین امید ملاکے چلا گیا

خیر محمد هنگورجو کیرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ڪيو مست مون کي پرين تنهنجي پيالي
ڦري دل وئين چست چشمن جي چالي

جڏهن دل جو دلبر تون ڌاڙو هڻي وئين
هيم جيڪا هڙ سا کسي ير کڻي وئين

رکين شل انهيءَ کي سڄڻ تون سنڀالي
لڳو تينهن جو يار تو سان ناتو

توڪل رکي پيچ پختو سون پاتو
محبت جي ڪشتي خدا جي حوالي

سڻا يار توکي چئي ڇا ٻڌايان
نه راهه محبت ۾ هڪڙو مان آهيان

گهڻئي ويا وڪامي سڄڻ تنهن جي نالي
اڪنڊ يار تنهن جي اٿئي ٻهر آهي

سوا تنهن جي سهڻا ته ٻي سڌ ڪا ناهي
ڪيو زور زخمي برهه واري ڀالي

ڏنو آهي جنهن دل سڄڻ گڏ گذاري
اها چو نه توکان سواءِ ٻر پڪاري

مٺا تون نٿي چؤ ڪيئن جدا دل سا جالي
خبردار، چو بدليو ٿيو تون آهين

اميدون مٿان يار **طالب** تون لاهين
سگهڙ پنهنجي سهڻا نيندا نيٺ نالي

خير محمد هنگورجو کپرو

نعت

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

السلام اے مالک ۔ کون و مکان
السلام اے مالک ۔ نہ آسمان
السلام اے وارث ۔ باغ ۔ جنان
السلام اے جان ۔ جانان السلام
السلام اے شاہ ۔ شاہان السلام

السلام اے شافع ۔ روز ۔ جزا
السلام اے رہبر ۔ راہ ۔ ہدا
السلام اے دافع ۔ رنج و بلا
السلام اے شاہ ۔ ذیشان السلام
السلام اے شاہ ۔ شاہان السلام

السلام اے کاشف ۔ راز ۔ خدا
السلام اے رافع ۔ حزن و عنا
السلام اے غافر جرم و خطا
السلام اے خان ۔ خانان السلام
السلام اے شاہ ۔ شاہان السلام

السلام اے حارس ۔ دین ۔ الٰہ
السلام اے رادع ۔ شرّ و گناہ
السلام اے داعئِ حق ہر پگاہ
السلام اے ناز ۔ خوبان السلام
السلام اے شاہ ۔ شاہان السلام

مخدوم محمد زمان طالب المولى

ازل کان آهيان مان عشق ۾ منتار جو طالب
رهان پرواني جيان پلپل پرين پگدار جو طالب

نه تخت و تاج سان مطلب نه ملک و مال جي خواهش
مگر آهيان محبت ۾ درِ دلدار جو طالب

رضا تي ٿو رهان راضي ته مستقبل نڪو ماضي
آهيان هر حال ۾ محبوب من جي ثار جو طالب

صدا سِڪ جي تون سڙي سهڻا مٺا محبوب من مهِڻا
نه گهر جي سيم و زر مون کي آهيان ديدار جو طالب

ٿيان جي مست الفت ۾ ته منهنجي هي وصيت آ
پڌڙي جي لاءِ آهيان گيسوئي خمدار جو طالب

نه طالب جو تعلق آ هِي هجر و وصل سان هرگز
هو آهي يار جي ياري سندو ۾ يار جو طالب

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

محبت ۾ تيل ذهني پريشانن کي پوڇيون ٿا
رهن جت اهل دل تن ئي خسخانن کي پوڇيون ٿا

فقط ئي جان فدائي جي رکن فطرت جي هردم
انهن شعلہ نوازن زنده پروانن کي پوڇيون ٿا

اسان رندن جي ئي خاڪ قدم ڪحل البصر سمجهي
شهنشاهن جي بدران اهلِ ميخانن کي پوڇيون ٿا

جتي چاڪ گريبان چاڪ دامان پر سڪون آهن
بحمدالله تن آباد ويرانن کي پوڇيون ٿا

جي ڪن ٿا نيست ونابود هڪدم آمريت کي
انهن سنگين قيامت خيز طوفانن کي پوڇيون ٿا

هنن بي رحم فرزانن سان پنهنجي ڪانہ پئي هرگز
مگر ليڙن لڏيل مسڪين نادانن کي پوڇيون ٿا

پناهون خانگاهن ۾ ملي سگهيون نہ اي زاهد
تڏهن ميخاني کي ۽ انجي پيمانن کي پوڇيون ٿا

اسان ڪان ڪانہ بدعت ٿي سگهي خرقہ نوازي جي
خدا جو سُنهن تہ بس چاڪ گريبانن کي پوڇيون ٿا

اها پيري ۽ مخدومي بہ هڪڙو ڍنگ اڄ آهي
فقط رندن سان الفت اهِ مستانن کي پوڇيون ٿا

اڄڻ ڪان پوءِ جي دم دم وڃڻ جي وات وائي ڪن
انهن ديرينہ دلدارن ئي مهمانن کي پوڇيون ٿا

ڏيئي ويٺا سون دل جن کي اهي پنهنجا نہ ٿي سگهيا
خدا جو شان ڇڀو تن ئي بيگانن کي پوڇيون ٿا

ڪروڙين آدمي آهن مگر اي طالب المولىٰ
انهن مان چند زنده دل جي ارمانن کي پوڇيون ٿا

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

شب تاريڪ پڙ تنها ۾ مون سان منهنجو غم تنها
ڪيان تو جاده منزل جو طئي هر پيچ و خم تنها
وريو فصلِ بهار آئي وريو صحرا نورديءَ تي
بيابان ۾ فقط پنهنجا ڏٺم نقشِ قدم تنها
هجومِ غم خيالِ يار سوز عشق دردِ دل
خدا جي ذات ڪل آهي مگر بي چشم نم تنها
زماني کان نرالو آ هي مشرب لا ابالن جو
اسين تاريءَ تڳون پهنجي ڪٿون ٿا پنهنجو دم تنها
اها فرقه پرستي جي ڪڏهن رهندي ته پوءِ آخر
هي پڪ آهي وڃي رهندو فقط شيخ حرم تنها
اهو هر چيز پنهنجي چو بنائڻ تو گهري هر دم
ٿئي جنهن جو جنم تنها وڃي راهِ عدم تنها
متان بيوا جبي گستاخ ڪو اهل قلم سان ٿئي
هزارن جا ڪري ٿي سر قلم تيغ قلم تنها
اهو هر لفظ ٿي تاريخ جانِ زندگي تو ٿئي
جو ڪنهن جي ياد ۾ دل سان ڪجي ويهي رقم تنها
هي چٽبي خوبي قِسمت يا سڏبي بخت جي بازي
زماني سان ڳل هوندي رهي تو دم قدم تنها
سندس احسان بوئي زلفِ مشڪين سان نوازي تي
پڇي ٿي مون اڪيلي وٽ نسيم صبحدم تنها
ڪٿي ڳولڻ اگر چاهيو ڪڏهن هو طالب المولىٰ
نظر ايندو سون ۾ صاحبِ درد ولم تنها

ساقي مهرو سوا جڻ آهه ميخاني ۾ سَڃ
رند بازاري اچي وياٽي پيماني ۾ سُڃ
شمع جي شعلي ۾ آهي جاوداني زندگي
هو شبِ تاريڪ يعني آهه پرواني ۾ سڃ
جي سرِ آشفته جو ڪو ذڪر ڪونهي
هي يقين سمجهيو ته هوندي اهڙي افساني ۾ سڃ
جيڪا هن موجود ڪونهي اِت فقير دلق پوش
اهل دل جي راهه موجب ٿيندي خسخاني ۾ سڃ
هن زماني ۾ اگر نادان سبب مفقود ٿين
همنوا! باقي جهان جي رهندي فرزاني ۾ سڃ
طالب المولىٰ جي ديوانا وڃن هُشيار ٿي
هي حقيقت آهه ٿيندي پوءِ ويراني ۾ سڃ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪمپوز - خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

براءِ نام اچو ڪن غمگسارن ڪي سيڃاڻون ٿا
خدا جي لطف سان ڪوڙن سهارن ڪي سيڃاڻون ٿا
اي واعظ چپ اوهان جي شاهڪارن ڪي سيڃاڻون ٿا
بظاهر مست آهيون پر اشارن ڪي سيڃاڻون ٿا
ڀلا هي پيرسن واعظ انهن جي ڳاله ڇا ٻڌبي
اسين يارا ٽي ڳالهين مان ئي يارن ڪي سيڃاڻون ٿا
اميد آهي ڇڏيندا سون نہ هرگز جادهٔ منزل
نہ ڪي گهبرائبو گرده گبارن ڪي سيڃاڻون ٿا
اسان رندن جي مشرب ۾ شڪايت ئي حرام آهي
گهٽوئي پاڪبازن پرده دارن ڪي سيڃاڻون ٿا
اسان جو ڪهڙو ڪم غيرن سان ۽ غيرن جي ڳالهين سان
گل تر جي ڪري ئي ان جي خارن ڪي سيڃاڻون ٿا
ڪريون پيا درگزر نہ تہ دوست دشمن جي خبر آهي
اها پڪ ڄاڻجو ڳوڙن ۽ ڪارن ڪي سيڃاڻون ٿا
ڪو هڪڙي وک اڳي وڌندو اسين ڏهہ ڏهہ ئي وڌندا سون
نہ پٺبو پوئتي جو قربدارن ڪي سيڃاڻون ٿا
اسان کي ڪو سيڃاڻي يا نہ ڄاڻي طالب الموليٰ
بحمدالله اسين پنهنجي تہ يارن ڪي سيڃاڻون ٿا

مخدوم محمد زمان طالب المولي

جنوني عشق جو هردم گريبان شاهديون ڏيندا
سندم صحرانوردي جون بيابان شاهديون ڏيندا

فراق و هجر ۾ چاڪو ٿيئي ڇا ڇا ٿو ڪرتو پئي
انهي حالات جون آشفته حالات شاهديون ڏيندا

اسان الفت ڪئي ۽ پوءِ اسان جي سر تي ڇا گذري
سرِ آشفته جا زلفِ پريشان شاهديون ڏيندا

هي بي وصل هم آغوشيون روئينديون ويون آخر
هزارين انجم و ماه درخشان شاهديون ڏيندا

جهان ۾ يار نيڪي جي بدي ٿيندي گواهه آهي
اسان مستن جي دانائي جو نادان شاهديون ڏيندا

اسان دنيا ۾ ڇا ڇا گذ ڪيو اي طالب المولي
انهي جي ثابتي ۾ منهنجا سامان شاهديون ڏيندا

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

موکي گهراءِ ياتون وري گلعزار اچ
ڦٽکن ٿا تنهنجي لاءِ سندم انتظار اچ

سڀ آرزو تقاضا . تمنا رڳن پيون
ما ٿي ڪندس پيار پرين بي پيار اچ

من تنهنجي آئي سير چمن ڪاڻ هواچي
هڪ ڏينهن لاءِ خزان ۾ فصلِ بهار اچ

هن هجرواري رات کي شايد سحر نہ آهه
آڏي جو ٿي اي بادِ صبا خوشگوار اچ

اي رشڪِ مي ملاءِ ڪا ڪ ساڻ مست ڪ
اي ساقي روح ميڪده ٿي همڪنار اچ

انسان آهين يار اچي کو قرار وٺ
انسان آهيان منهنجي بہ دل جا قرار اچ

پنهنجي غمن کي ڪاٿي ٿيس خود کغيل مان
هاڻي براءِ نام سهي غمگسار اچ

هاڻي جيئڻ سکي ويو آهيان مري مري
منهنجا مسيحا هاڻ پلا بار بار اچ

شام اچ بہ آهي خوب معطر خدا جو سهڻ
هڪ پيرو زلفِ يار وري مشڪبار اچ

تنهنجي اچي ٿي بوءِ سندم هر نفس منجهان
تو جي پکون پيارين وري کي پيار اچ

قاصد وڃي چوينس تہ آءُ بي نقاب ٿي
چوڏينهن جو چنڊ ٢ شبِ تار يار اچ

نذرانا پنهنجي طالبِ مولا جا ڪر قبول
دامن ۾ اُن جي ڪيئي دُرِ آبدار اچ

محمد شگوفو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

جيتر ھڻا سڪ ، تيتر درد نہ هو دل ۾
دلبر جي ديدار جي ، بيشڪ هئي نہ بڪ
تڏهن دردن ديرا لاٿيا ، جڏهن ڏوري آيا ڏڪ
سيباٽا ساھ ڪي ، طالب دمدم دڪ
پرين جي پرڪ ، پوءِ پيئي پاڙ ۾
سچڙ لھہ سماءُ ، سوريتن جو سيکھ ۾
ڏڪن ڏکويون ڪين ڪي ، پر سڪن چڏيو ساءُ
طالب مولا ڪي وٺي ، وِرھ وارو واءُ
پرين پرچي آءُ ، تہ گڏجي گوندر لاهيون
طعام نہ وٺي تن ڪي ، جن جي برھ لاتي بڪ
طالب مولا مرد تي ، ڏوري ڏٺائون ڏڪ
سوره چڏي سڪ ، سورن ۾ سرشار ٿيا

خیر محمد هنگورجو ڪبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ڏکن ڏکين ڏکوئيو، پر سکن ڏنا سور
ڏکن واري ڏينهن ۾، محبن جا مذڪور
سکن جي سٽن ۾، اندر وهن انبور
ڏکين ڏاهپ نه اچي، آهن محو ۽ مخمور
سکيا سورن کان سدا، وڃن ٿا وهلور
محبوبن جي ملڪ کان، ڏکيا ناهن ڏور
اِنَّ مَعَ العسرِ يسراً، سدا ئين سرور
طالب مولا مرد ٿي، محبت ڪر منظور
آڏي ۾ اسور، ڏکن سان پيو ڏور توڻ

بسم الله الرحمن الرحيم

يا الاهي ڪر ڪرم مصطفيٰ جي واسطي
بانئي مجلس خوش رهي خيرالنساءَ جي واسطي

هر ڪنهن مومن جي هر مشڪل کي ڪرم سان سدا
لافتيٰ الا عليؑ مشڪل ڪشا جي واسطي

جي ڏکويل تن جي دلداريءَ جو ٿئي سامان ڪو
عرض ٿئي منظور حسن المجتبيٰ جي واسطي

غم و الم ۽ درد ڏک ڪر دور داتا سڀ سدا
اُن ذبيح الله شهيد ڪربلا جي واسطي

هر طرح هر ڪنهن کي يا مولا شفا ٿئي ڪا نصيب
بي وطن بيمار تن زين العباؑ جي واسطي

همت و توفيق هر پير و جوان کي ڪر عطا
مصطفيٰ جي شڪل اڪبرؑ با وفا جي واسطي

يا الاهي تون محافظ ڪل معصومنؑ جو ٿئي
تشنه لب شش ماهه اصغرؑ مه لقا جي واسطي

هر ڪنهن جي دل سندا پورا ٿين مطلب چڱا
قاسمؑ نوشاهه حضرت بارضا جي واسطي

جي اُجايل عشق احمدؐ جا انهن جي سار لهه
يا خدا عباسؑ بخشجي آشنا جي واسطي

آبروئي دو جهان ۽ نيڪ بختي ٿئي نصيب
حضرت تقيؑ ۽ نقيؑ با صفا جي واسطي

خوش سدا آل نبيؐ ۽ خوشتر اولاد علي عه
جعفرؑ و باقرؑ عليؑ موسيٰؑ رضا جي واسطي

سي به هر دم خوش هجن جي غير حاضر ٿا رهن
عسڪريؑ عالي نصب تخن حق نما جي واسطي

زائران ڪربلا کي زائريءَ جو ڏي شرف
حضرت ڪاظمؑ سين جي دلربا جي واسطي

طالب المولي جي دل جا پڻ ٿين مقصد حصول
ان امامؑ آخر زمان مهديءَ هديٰ جي واسطي

طالب دعا خير محمد منگوجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪانءَ ڪانءَ ڪانگ ڪري

ياد ڏياري يار جي، شل پوري پت پري

پرديسي پرين سانڍ، منجهه آئي عشق اري

دلڙي دلبر يار جي، هوءِ بولي پئي بري

قرب جي ڪنن ۾، جند جانب لاءِ جهري

دم دم درد فراق ۾، چت ۾ چُرُ چُري

طالب مولا تن جي، پيئي ڪا وجهي وِڪ وصال جي

مٺا وڇڙيل ڏانهن وري

خير محمد هنگورجو ڪهڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

وڏا ڪمند قرب جا، شيخ محمد شاهه
پاتائين پريت جي، قرب ساڻ ڪلاهه
طالب مولا تي اچي، اندر مان هي آهه
نوح فقير نگاهه، ڪج سيد تي سرور جي

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

اثر محبوب جي دل تي ڪيو آه وفغان ڪجھ ڪجھ
ٿيو ظاهر سندس چهري منجهان دردِ نهان ڪجھ ڪجھ
جڏهن هر ڪنهن تقاضا تان ڪئي مون دست برداري
تڏهن هو سنگدل مس مس وڃي ٿيو مهربان ڪجھ ڪجھ
وڃن مونسان ٿيون موهنجيون تقاضائون تمنائون
تون اڄ نه هن گهڙي ۾ ٿي پوي امن وامان ڪجھ ڪجھ
اي ساقي جام سان گڏ ڪڻ نگاهِ جام افگن ڪي
اثر انداز ٿئي هڪدم شرابِ ارغوان ڪجھ ڪجھ
بوقت نزع آئي ياد جو رشڪِ مسيحاجي
ته پيدا ٿيو مريض عشق ۾ تاب وتوان ڪجھ ڪجھ
سياست آهي وعدي خلافي جو بيو نالو
ڏسان پيو ٿي ويا اڄ مهربان نا مهربان ڪجھ ڪجھ
متان بي خوف ٿئي باشندگانِ ارض مان ڪوئي
رهيل آهن زماني ۾ جبل آتش فشان ڪجھ ڪجھ
شبِ مهتاب فصلِ گل صُراحي ساڻ اي ساقي
وڃڻ تا دير چاهيان ٿو ڪرم ڪر باغبان ڪجھ ڪجھ
اوسنگ آستان وارا پلي جانچي ڪٿي ڏس تون
اڃا موجود هوندا منهنجي سجدن جا نشان ڪجھ ڪجھ
اسان پنهنجي اندر جو حال سڀ توکي ڏئي ڇڏيو
سڄڻ سائين اڃا تائين رهين ٿو بد گمان ڪجھ ڪجھ
اُداسين جي احساسن ۾ ڪيئن ذهني سڪون ملندو
اڇي سيني سان لڳ جاني ملي آرامِ جان ڪجھ ڪجھ
خدا جو سنهن ته هر ڪرسي هميشه ڪان ٿي لوڏن ۾
هي سچ آهي ته سا گاهِ چنين گاهِ چنا ڪجھ ڪجھ
سندس چهري تي جو آهي ترڏد طالب الموليٰ
ويل پلجي ٿو ڏسجي اڄ اميرِ ڪاروان ڪجھ ڪجھ

خير محمد هڱورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

بيوفا سان آهي دل لائڻ عبث
لڳائڻ بعد موٽائڻ عبث
وعدهٔ فردا حسينن جو ڪم آهي
اي ادا ان تي تہ واجھائڻ عبث
يار جي ديدار مان سيراب ٿي
پوءِ وري پيو آهي غم ڪائڻ عبث
ڪجھہ نہ ٿيندو وعظ مان واعظ اثر
عشق جي منزل ۾ سمجھائڻ عبث
جو گنهاهن ڪان رهي ٿو شرمسار
ناصحا پو ان کي شرمائڻ عبث
هر گهڙي جنهن جي رسڻ عادت هجي
طالب المولىٰ سو پرچائڻ عبث

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

رهيو ڇا مال ۽ اسباب دارا وٽ سڪندر وٽ
هو ڪم آئي نتو، آهي مگر سڀ ڪجهه قلندر وٽ

مرڻ ڪانپوءِ اي قاتل، ڏسڻ مونکي جي تون چاهين
ته منهنجي خون جي، تصوير ڳولج نوڪ خنجر وٽ

ٿيئي معلوم، شانِ بي نيازي منهنجي قاتل جو
عزيز و قبر منهنجي، جوڙ جو دلدار جي در وٽ"

تون اهلِ دل کي، ڳولج ڪين هرگز خانقاهن ۾
زماني کي ڇڏي، تون رهه وڃي مرشد منوّر وٽ

خدا کان ڇو لڪائين تو، گناهن کي اڙي نادان
يقين رک آهه هر تصوير عريان ٿئي مصوّر وٽ

وڃي ڪنهن صاحبِ درد و محبت جي ڪا خدمت ڪر
ڇا واعظ تنهنجي دُنيا آ بس محراب و منبر وٽ

هزارين ظلم ڪيا دلبر هزاري ڪيا ستم سهڻي
خبر ناهي ته ڇو هر هر وڃان تو مان ستم گر وٽ

نه گردن کي جهڪائي بادشاهن جي اڳيان هرگز
عجيب آهي هي خو هردم محبت جي گداگر وٽ

دلِ عشاق کي ڇا ساڻ تو دم دم ڪري گهايل
بظاهر تير ۽ تلوار آهي ڪو نه دلبر وٽ

جهان جي رنج و غم دردو علم جي طالب الموليٰ
نه آهي ڪا به وقعت يار صابر وٽ ۽ شاڪر وٽ

خير محمد هنگورجو ڪپرو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عشق آئيو ته هر ڪو قرينو اچي ويو
ساحل جي چوڙ قريب سفينو اچي ويو

اوندا هي رات ۾ ٿي ويو اوچتو شعاع
اڄ منهنجي گهر ۾ ماهه جبينو اچي ويو

ڪارا ڪڪر ويا ته پو جزبات ٿيا نوان
ساوڻ جي سونهن وارو مهينو اچي ويو

ڪجهه دَردُ هو بچيل جو صبوحي ڪري ڏنئين
ساقي هٿان عجيب شبينو اچي ويو

چوڙ اڄ زمين و آسمان پيوست ٿي ويا
جذبات مان جو سيني تي سينو اچي ويو

اڄ سيرِ هفت آسمان ويني ڪجي پيو
شايد ڪو ساغرن ۾ دفينو اچي ويو

اڄ ايترو ته دخترِ رز سرد مهر هئي
جو جام جي جبين تي پسينو اچي ويو

شيطان جو هي واقعي اعجازِ مظهر آهه
جي ڪنهن شريف قلب ۾ ڪينو اچي ويو

شاهينِ هجر مان اها طاقت هلي ويئي
جنهن وقت وصل وارو شهينو اچي ويو

سچ پچ ته جنهن بہ وقت ڪو مشڪل اچي پيو
سامهون اکين جي مڪو، مدينو اچي ويو

سو خود ڪفيل طالبِ مولا سدا رهي
هٿ جنهن ڪي عشق وارو خزينو اچي ويو

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولي'

بيمار محبت جي دلبر تي دوا تو هٿ
اڄ پيار پڪون پل پل منهنجي جو شفا تو هٿ
منهنجيون نه خطائون ڳڻ سراپا خطا آهيان
ڪر پنهنجي عنايت ڪا آهي ٿي عطا تو هٿ
اي ساقي مستانا ڀر پيار ڪي پيمانا
ميخوار به هي تنهنجو پيمانهِ وفا تو هٿ
هڪ آرزو پوري ٿيئي ٻي آرزو پيدا ٿيئي
منزل تي پڄون هڪدم اڳتي جي سخا تو هٿ
اڄ خالي هٿين ناهيون هن راهِ محبت ۾
آ مهر و وفا مون وٽ ۽ جور و جفا تو هٿ
تو سان ٿي رونق سڀ تو سان ٿي رنگينيون
هڪ آهِ فغان مون وٽ باقي پيو تو هٿ
چاهين ته سڄڻ سائين مان وقت ويل ناهيان
تنهنجي ته رضا تو هٿ منهنجي به رضا تو هٿ
خرقن ۽ عبائن جو ڪو ڏوهُ نه اي واعظ
غيبت ۽ گلا تو وس ۽ ريب و ريا تو هٿ
تنهنجو آهي سودائي هي طالب مولائي
پر وس نه ڪڏهن ٿيندو هر وقت ۾ آ تو هٿ

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

واعظِ بي پير تون آهين سدائين شر پرست
مان ٿئس ساقي و ميءِ ، ميخانہ و ساغر پرست
مون صرف گوڏو ٽيڪو پيرِ مغان جي ئي اڳيان
مون کان ڦا روني نہ ٿي ۽ ڪونہ آهيان زر پرست
صومعہ و هجرن اندر سڀ ديو پيڪر مون ڏٺا
شهسوارِ اسپ تازي ڪونہ ٿيندو خر پرست
ڪاڪِڙوئي ٿي ڪڙو ويو ڪائي ڪائي شهدو شير
ذائقو بدليو ٿيس جڏهين مان مِيءِ احمر پرست
منهنجو ڪشتي ساڻ ڪم ۽ عشق جي دربار سان عشق
نا خدا گڏ آهي هاڻي ناهيان لنگر پرست
چو ٻلا نفرت ڪريان هر چيز نوري ٿو ڏسان
مان موحّد آهيان الله جو مظهر پرست
غمزه و غمّاز و ناز و عشوهء محبوب جو
طالب المولیٰ هميشہ ئي رهي ٿو سر پرست

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

سڪيون ٿي سڪ سٽا رهن ٿي پاڻ ۾ ٿي چار مست
چشم مست ۽ ناز مست ۽ يار جي گفتار مست
سرخ ساڙهي ۾ ڍڪيل سهڻي جا ڪار ۽ وار مست
جنهن ڏنگن جي واسطي ٿيا آهن مار مست
سرڪ ساقي جي ڪري ٿي سڪين وڏا ويچار مست
واعظ ٿيو پير مست ۽ مرد مفتيا ڏار مست
جو ٿيو ان محفل جي پاسڻ ۾ ايندو ۽ جندو حال
جت ڦٽندڙ رقص ڪن ۽ پيا هجن ميخوار مست
ڏسٽم ٻيو بسٽم عرض ڪر ڏريان حضور يار ۾
ڌر ٿي هڪڙو آهي پيتو طالب ديدار مست
پر ڪري سگهين ٿو پياري جام مئي هو مئي فروش
ٿي ٿيئن ٿا صاف صوفي پينڊ زڪ پيڻار مست
طالب المولیٰ جي هستي ٿي عجب جوڙ ۽ ٿو
هڪ نظر سان ٿو ڪري ساقي سوين هشيار مست

ٿير محمد مشڪور جو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

پيارو سڄڻ يار جام محبت
وڌو دلربا دل کي دامِ محبت

کيو يار جنهن سان ڪلامِ محبت
ٿيو تا حياتي غلامِ محبت

جهانِ محبت ۾ دلدار منهنجو
سدا آهي ماهِ تمام محبت

شهنشاه پڻ هتِ گدا ٿي گذري
رهي ٿو نرالو نظامِ محبت

سياڻن کي مجنو بنائي ڇڏي ٿو
عجب آهي اهڙو مقامِ محبت

صبا چئج دلبر کي هاڻي اچي مل
پچائج هي منهنجو پيامِ محبت

غم و درد سوز و الم هر گهڙي ۾
اهو آهي يارو طعامِ محبت

ڪڏهن ڪين توکان ڏجان ٿو اي واعظ
صنم جي هٿ آهي زمامِ محبت

سدا طالب آهي سدا طالب آهي
غلامِ محبت غلامِ محبت

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمدزمان طالب المولىٰ

جهان رنگ و بوکي گهر ڪري غافل متا ن سمجهين
هي آهي جادهء منزل مگر منزل متان سمجهين

ذري ئي جيتري گر انڪساري ناهه ڪجهه ڪنهن ۾
ته اهڙي بي حياڪي يار ڏي مائل متان سمجين

هجي جو رب کان خائف اهوئي اهل دل آهي
تون ڪنهن بي خوف کي هن تولي ۾ شامل متان سمجين

عبادت کي محبت جلوه گر هردم بنائي ٿي
ڪڏهن اي محتسب تون بره کي باطل متان سمجهين

سٺي صورت هجڻ سان گڏ اگر سيرت سٺي ناهي
تون اهڙي آدمي کي قرب جي قابل متان سمجهين

کيو پير مغان هڪدم عجب ارشاد طالب کي
نه آهي جنهن ۾ ڪجهه رقت اها دل دل متان سمجهين

ڏسين جو محو خورد و نوش ۾ اي همنوا هردم
تون اهڙ مدعي کي گهور جو گهايل متان سمجهين

او درد دل ۾ قاتل جي ڪيئي آهون سحر گاهي
هٺي سي هند ڪنديون آخر اهي زائل متان سمجهين

فضا آهي غبار آلوده رڪجئين ڏيان ڪشيان
تون ڏوکي ۾ اچي هر ٻيٽ کي ساحل متان سمجهين

سوا ڪوشش ڪرڻ جي سيکو ڪم دشوار هي ٿي پوندو
مگر همت اگهان مشڪل کي تون مشڪل متان سمجهين

اي واعظ طالب المولىٰ برابر سادهه لوح آهي
مگر هر عشق واري کي ڪڏهن جاهل متان سمجين

خير محمد هنگورجو کهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولئ

ڪٿي ساقي ڪٿي ساغر ڪٿي مئي جا نشان آهيون
ڪٿي جاروب ڪش آهيون ڪٿي پير مغان آهيون

اسان جي حال جي ڪهڙي خبر بيحال زاهد کي
اسان هي جام جم آهيون اسان جانِ جهان آهيون

ڪٿي چاڪر جي چولي ۾ ڪٿي سلطان جي اولي ۾
ڪٿي سهڻن جي غلام ڪٿي خود تن ۾ جان آهيون

مطالع دل سان جيڪوتو ڪري رويو وهي هڪدم
ڪتابِ زندگي ۾ درد وارو داستان آهيون

ڪٿي محرم محبت جا ڪٿي ڪورت ڪٿي شاهد
ڪٿي قاضي ڪٿي مُفتي ڪٿي شاهِ شهان آهيون

ڪٿي شائق شريعت جا ڪٿي حاوي حقيقت تي
طريقت معرفت جا پڙ ڪٿي روح روان آهيون

ڪٿي خاصي خبرداري ڪٿي دانا ڪٿي نادان
ڪٿي بيخود ڪٿي باخود ڪٿي سودو زيان آهيون

ڪٿي مرغوب ڪٿي راغب ڪٿي مطلوب ڪٿ طالب
مسافر ڪٿ ڪٿي مهمان ڪٿي خود ميزبان آهيون

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولي'

پيئڻ وارا ٿين پيدا ته ميخانا به ڇو ناهن
شرابِ شوق جا لبريز پيمانا به ڇو ناهن

سماعت جي صحت ۾ فرق اچ پيدا ٿيو آهي
وگرنه درد الفت جا افسانا به ڇو ناهن
جي محفل اندر ڪو شمعرو ٿي بي نقاب
ته بيشڪ جان ڏيڻ وارا ڪي پروانا به

بلڪ جي ويئي وڃڻ وارن جي اچ ترزِ ادا
سوين سر سرفروشن جا ئي نذرانا به ڇو ناهن
پيو ڪجھ ٿي نه آئينائي دل جو قصور آهي
اهي ساقي به ڇو ناهن سي مستانا به ڇو ناهن

اڙي او بوالهوس لاڦن هڻڻ ما ڪين ڪي
سر شور بدھ جي آهي ته ويرانا به ڇو ناهن
پروڙيندا هوا جي رمز سي دانا ڪٿي اڄڪله
جي نه ته سيني اندر سي راز رندانا به ڇوناهن

او رشڪِ ماھ گُل اندام جي تون مهربان
تَه آھ ونالہ جي بدلي ۾ شڪرانا به ڇوناهن
سڄڻ سينگار سڀ تولاء ڪري ٿو طالب المولي'
وگرنه هت سگها ڏاڍا فقيرانا به ڇوناهن

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

قدم دنيا جي رسمن کان مان بدلائڻ لڳو آهيان
وري اسلاف جي رمزن کي ورجائڻ لڳو آهيان

جي ڪڏهن معلوم ٿيو مونکي ته دلبر آهه بي پروا
تڏهن مغموم دل تي سور سهسائڻ لڳو آهيان

ڏيون جوش محبت مان جُتي تهنجي کي مون چميون
سجڻ اهڙي ني گستاخي کان بچائڻ لڳو آهيان

جيئن عقل کي سنگ در جانا تي ورهن کان
جهڪائي انڪساري سان ٻاڏائڻ لڳو آهيان

اميد آهي ته رحم آ ٿيندو دلبر پهنجي عاشق تي
در دلبر کي ورهن کان ني ڪرڪائڻ لڳو آهيان

يقين آهي سڀني اهڃ ٿيندا سهڄ اي يارو
ڪري آهه و فغان محبوب پرچائڻ لڳو آهيان

محبت ۾ نه ڏسجي نفع ۽ نقصان کي يارو
غيرِ سودو زيان کي هاڻ مان ڪاڻڻ لڳو آهيان

فراق يار ۾ دردن جي ماري آهي محزون دل
تي وندري گهڻو ان کي مان وندرائڻ لڳو آهيان

يقين آهي ملڻ انجو آ مشڪل طالب المولىٰ
دلاسن سان پهنجي دل کي پرچائڻ لڳو آهيان

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

روح کي محو جمال رخ تابان ڪرتون
دل جي خاني کي انهي طرح چراغان ڪرتون
دلِ عشاق ۾ هر هر تو مچائين هلچل
پنهنجي رخ تي نه سجڻ زلفِ پريشان ڪرتون
نگهتِ ڪاڪلِ مشڪين کان معطر ٿيو دماغ
اي صبا مون تي هي هر صبح جو احسان ڪرتون
منزلِ يار تي رسڻو آ خرد ! هوش رکج
جادهءِ عشق ۾ دل کين پشيمان ڪرتون
راحتِ زيست ۾ نقصان اٿئي اي نادان
ان جي بدلي ۾ ڪو ڏرد جو سامان ڪرتون
پاڻ روئيندي ته ان مان نه ڪڏهن ڪجهه ٿيندو
آهه ڪڍ اهڙي جو ان شوخ کي گريان ڪرتون
طالبِ ديد مان ٿيو طالب مولا آهين
هاڻ هرگز نه وري دل کي پريشان ڪرتون

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

نه مان خار ني آهيان نه گل ۽ گلستان آهيان
مگر باغ محبت لاءِ هڪڙو باغبان آهيان

لکيو جيڪي لکڻ واري انهي جو داستان آهيان
مصنف منهنجو هڪ مولا ڪتابِ زيست مان آهيان

وڃان ٿو جاده منزل وٺيو همت ۽ قوت سان
مان پنهنجي آرزوئن جو اميرِ ڪاروان آهيان

همِ آغوش آهميشه ساڪن شهرِ خموشان هو
تصور ۾ اي يارو همنشين بي نشان آهيان

عمل سان ني ملي هردم حياتِ جاوداني ٿي
نه ڪر ڪو ڀروسو هن تي فلان ابن فلان آهيان

سڄڻ تون حسن جي ڪشور سندو جي بادشاهين
ته آءٌ پڻ غمن جي ملڪ جو شاهِ شهان آهيان

هزار دنيا جا هڪ پاسي ته ڏک دلبر جا ٻي پاسي
فغان اي دوستو سود و زيان جي درميان آهيان

فقط صورت مان سمجهي وڃ دل خاموش جون ڳالهيون
زبان هوندي به دلبر تنهنجي اڳو بي زبان آهيان

هوائي عشق پنهنجي رخ متي موڙ ڪي هلائي ٿي
مان پنهنجي دل سندي ڪشتي جو يارو بادبان آهيان

نڪي مولانا آهيان ۽ نه واعظ طالب المولي
فقط لفظِ محبت جوئي هڪڙو ترجمان آهيان

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

قرار توکي جي نه آ بيقرار مان به آهيان
جي شاهباز تون آهين شڪار مان به آهيان
سڄڻ جي سامهون وڃي دست بست عرض ڪندس
پُراڻو تنهنجو خدمت گزار مان به آهيان
الاهي تنهنجو ڪرم آه عيبدارن لاءِ
تون بخش مونکي وڏو عيبدار مان به آهيان
الا جي ڪهڙي سبب مونکي تو آ دور ڪيو
مگر اي يار سڄڻ جان نثار مان به آهيان
گهٽي گهٽي جي ڪندين يار پو مجبورا
مان توکي پنهنجو ڪندس بادهه خوار مان به آهيان
جهانِ عشق جو سلطان آهين تون دلبر
ڏکن جي ملڪ جو پڻ تاجدار مان به آهيان
جنابِ عشق جي دربار ۾ جوئي ٿو حسن
جهان پناهه سنڌ ءِ يار غار مان به آهيان
تون پنهنجي طالب مولا کي ڏي پيار پرين
جو تنهنجي لاءِ منا غمگسار مان به آهيان

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

اي فرزانه سنڌ محفل ۾ ديوانا به ڪجھ آهن
مي الفت کان هت مخمور مستانا به ڪجھ آهن

ڪتاب زندگي توسان مان منسوب تو ڪريان
سڄڻ ان ۾ سنڌ منظور افسانا به ڪجھ آهن

خبر داري سان اي برق نگاھ يار تون اچجان
محبت سان هت معمور ڪاشانا به ڪجھ آهن

وڃين جنهن راھ سان پيو زاهد بي پير تون هلندو
خبر ڪا ٿئي انهي ئي ڏس ۾ بتخانا به ڪجھ آهن

فقط دردو محبت کي بنايو آشنا جن آ
جهان رنگ و بو ۾ اهڙا بيگانا به ڪجھ آهن

فروزان آھ جا شمع جمال ذات دنيا ۾
انهي تي سر کي وارڻ وارا پروانا به ڪجھ آهن

سڄڻ سهڻا جهان کان دور تي هڪ پل ته دل ۾ اچ
تون خاطر جمع ڪر آباد ويرانا به ڪجھ آهن

تون آهين طالب الموليٰ شراب عشق احمد پي
پياڪن لاءِ هت لبريز پيمانا به ڪجھ آهن

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

دل جي خوشي به تون ۽ وري دل جو غم به تون
جورو جفا به تون ئي وري لطف و كرم به تون

ساجي به تون ئي آهين كابي به تون صنم
پيو كير آهي تو كان سوا دم جو دم به تون

جنهن پاسي رخ كيان ته ڏسان توكي تو فقط
احرام تون نماز به تون ۽ حرم به تون

ادراك واري تهہ ۾ جو پهتس ته چپ كيم
سوچي ڏٺم ته عدل ۽ جورو ستم به تون

كن ڏٺي تون ئي بڏ اي حسن و نزاكت جا بادشا
آرام جان به تون ئي ته رنج و الم به تون
نندڙن سان تون ننڍو ۽ وڏن ساڻ پڻ وڏو

كل مك به تون ئي آهين ۽ جاہ وحشم به تون
جئين جئين وڻئي سو طالبِ مولا جي لاءِ لكيئي
تقدير تون قضا به تون لوح قلم به تون

خير محمد هنڱورجو كپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اٿ ڙي غافل انسان هي زندگاني چار ڏينهن
جو اٿئي ڪرڻو ڪري وٺ بس جواني چار ڏينهن
دل سدا آهين شاد رک دم دم بهاري ۾ گذار
دوستن يارن سان لطف مهرباني چار ڏينهن
تون نشو ڪو ئي ان جو پير مغان کان نوش ڪر
تنهنجو ميڪش هي شراب ارغواني چار ڏينهن
روز شب لطف بهاران ۾ گذار اي عندليب
هي گلن تي آهي تنهنجي نغمه خواني چار ڏينهن
مفت پنهنجي سر تي کڻندين تون گناهن جا گناه
نڪته چين آهي سخن جادو بياني چار ڏينهن
هر عروج کي نه ڪنهن دم سڪون ڪجهه آهي زوال
هو سڪندر ڪا گهڙي جم شاهاني چار ڏينهن
گڏ محبت جو خزانو ڪر نه هر دم ڪم اچي
ٻڌ اي محتشم! رهندي هي دنيا تي فاني چار ڏينهن
ڪيترو رهندين رنو اڳڻان وڇوڙو موت جو
اڄ نه پرچي ڪي گذاريون يار جاني چار ڏينهن
تون اڪيرن جي نه صحبت مان پري ٿي ڪا گهڙي
هي فقي آهي جماعت لا مڪاني چار ڏينهن
عيش و عشرت کان پري ٿي علم و تقوا ۾ گذار
تنهنجي سر تي آه نادان گل فشاني چار ڏينهن
تمڪنت کي ترڪ ڪر مغرور انسان ڪر نياز
ڏس اکيون کولي رهي خانن جي خاني چار ڏينهن
تنهنجي هڪ هيڪي هي رهندي هن جهان ۾ هوش ڪر
اي مرون زارا هي مرقد جي نشاني چار ڏينهن
ابتدا آهي جدائي انتها آهي وصال
صبر ڪر عاشق هي آهي سخت جدائي چار ڏينهن
ڪجهه گذر ٿي وئي حياتي باقي به ٿي ويندي گذر
تون نه ڇڏ جڏهين يار پنهنجي خوش ادائي چار ڏينهن
طالب المولیٰ تون استقلال و همت سان گذار
رک نظر حق جي بلائي آسماني چار ڏينهن

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

گل جو بلبل سان پيار ناممڪن
جيئن خزان ۾ بهار ناممڪن

سور سختيون اگر نه تون سهندين
آه پو وصل يار ناممڪن

ضد نه ڪر ماهرو ڪرم ڪر ڪو
تون وري ٿيندين يار ناممڪن

ڪو نه پيري ڪان پوءِ شباب ايندو
ٿئي خزان ۾ بهار ناممڪن

سر پهاڙن جو ڪين ڪي جهڪندو
عشق ٿئي بي وقار ناممڪن

عاشق نامراد جي دل کي
ٿيو حصول قرار ناممڪن

وڃي ڦري دنيا طالب المولي[2]
پر ڦري منهنجو يار ناممڪن

خير محمد هنگورجو ڪبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪر پنهنجو درد، درد جو درمان ڪري ڇڏيم
مشڪل وڏو هو پر اهو آسان ڪري ڇڏيم

دل ۾ وفا ئي پنهنجي شڪوه سڪندري
ويران دل کي تخت سليمان ڪري ڇڏيم

ڪنهن کي نه سر ڏيان جي ڪٿي ڪو هزار ڏي
پر مفت ۾ سو يار تان قربان ڪري ڇڏيم

رخسار و خال و زلف معنبر جي ياد ۾
دل جي اڱڻ کي رشڪ گلستان ڪري ڇڏيم

هجر و فراق ۾ مون تصور جي رمز سان
هر داغ جو نقش سليمان ڪري ڇڏيم

ٿي بي نقاب آيو سڄڻ منهنجي آ ڏي
جنس گران کي شهر جو ارزان ڪري ڇڏيم

وحشت پريو جو روز گلستان دهر کي
هڪدم نثار ڪوه و بيابان ڪري ڇڏيم

پوري اکيون مان اشڪ غم يار پي ويس
ڪنهن زور سان ضبط هي طوفان ڪري ڇڏيم

هي ساد کي نه منهنجي ڏسو سوچا کيو انهم
بي قدر کي ٿي دل جو نگهبان ڪري ڇڏيم

ارمان هزار دل ۾ هوا پر اي ڪنوا
هر هڪ رضا ئي يار تان قربان ڪري ڇڏيم

اڄ بيخودي ۾ منهنجي ٿي مونکي نه ستر رهي
واعظ جو يار چاڪ گريبان ڪري ڇڏيم

طالب مان نيٺ طالب المولىٰ ٿي ويس
سبب ترڪ ڏيئي پاڻ بي امان ڪري ڇڏيم

خير محمد ڪلهوڙي جو ابرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

دلربا جي ديد تي هن دل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم
خواهش جي ترڪ سان مشڪل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

مرحبا جوش جنون صحرانوردي تو ڏني
بيخودي تي جادهء منزل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

هو پشيمان ڇا ٿيو ماڳنهن پشيمان مان ٿيس
بس رضا تي جذبئہ ڪامل کي اڄ وري وڪڻي ڇڏيم

ڪشتيِ اميّد تان هرگز نہ لهندس اي نديم
نا خدا جي آسري ساحل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

وصل تي هر ڳالهہ جو آخرتئِي تو اختتام
تنهن ڪري اي آرزو منزل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

عشق ويچارو تہ آهي چار تدبيرن سندو
عشق واري عزم سان ڪاهل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

مون نہ منهنگائي ڏٺي سورن جي قيمت سک ڏنم
سو خوشين واري عجب محفل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

هاڻ پروا ناهہ ڪا مقصود حاصل تي ويو
سرُ بها ڏيئي پاڻ وٽ قاتل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

عشق جي بازار ۾ هڪ هي بہ سودو مون ڪيو
حسنِ مطلق تي وري باطل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

بس جمالِ يار جو جلوو ئي ڪافي آهہ ٿيو
آرزو ئي وصل جي ڪِل ڪِل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

طالب المولیٰ جي لاءِ سهڻي چيو تي ڪالهہ هي
پاڻ وٽ آخر انهي بيدل کي اڄ وڪڻي ڇڏيم

خير محمد منگر جوکيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ [1]

هر وقت ذهن ۾ تي رهي دلربا جي ڳالهه
دلدار دل جي تار جي ۽ باوفا جي ڳالهه

تيا وره جو جدا تي ويو سنگدل صنم
آهي اجاءِ تازي هو ناز و ادا جي ڳالهه

مونکي چيئين ته مات ۾ ره ڪجھ ٻه ڪين ڪڇ
منظور ڪني تہ ذهن مون هي صبر و رضا جي ڳالهه

آماده آهي دخترِ رز هون ۽ ملٽ جي لاءِ
منظور ني نتي ڪري سا ڪد خدا جي ڳالهه

تنهائي ڪنج گلشن و ساعر صراحي آه
هائي ته رشڪِ ماه نه ڪر ڪا حيا جي ڳالهه

مونکي توان جو سايو ڪپي جنهن جو مان غلام
مونسان ڪريو نه دوستو هرگز هما جي ڳالهه

مشڪل جي آيا پيش سي آسان تي ويا
جو قلب ۾ سدا آهي مشڪلڪشا جي ڳالهه

هو رشڪ ڪبڪ يرمان گذر جو ڪري ويو
ياد آئي حشر واري ۽ ٻي ڪربلا جي ڳالهه

ساقي! شرابِ چشم گون آئي پلا پيار
وسري وڃي زماني جي جور و جفا جي ڳالهه

مولا جو تو سان طالب مولا گڏ آه پوءِ
هڪدم وساري ڇڏ ڪٿي رنج و بلا جي ڳالهه

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

پنھنجي قلم سان دل جي مداوا لکي اٿم
يعني حڪايتِ دلِ شيدا لکي اٿم
اميد، وَ ياس، و حسرت، و ارمان، و رنج، و غم
ھي جن لغاتِ اھلِ تمنا لکي اٿم
مجبور ھوس ڇا ڪيان اي منھنجا ماھرو
افسوس جو شڪايتِ بيجا لکي اٿم
سڀ ڪو وصال باعثِ فرحت ٿيو پوي
ڪو سمجھي يا نه سمجھي معمًا لکي اٿم
ھو نو شگفته گل ڪان به آھي شگفته تر
ھڪ لفظ ۾ صنم جي سراپا لکي اٿم
ھر خار خون پائي تمنّا سان لعل ٿيو
تعريفِ باغبانيِ صحرا لکي اٿم
تنھنجو اي آھي طالبِ مولا اي منھنجي جان
دل جي يقين سان ھي دعوا لکي اٿم

خير محمد ھنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

دل ڦريئي دلبر ڪري ناز و ادا ڪالهوڻي ڪاله
ياد ڪر جا ٿي ڪيئي مهر و وفا ڪالهوڻي ڪاله
اڄ خوشامد پيو ڪرين شايد محبت ڪي ڇڏيئي
ياد آهن جي ڪيئي مهر و وفاڪالهوڻي ڪاله
اڄ اهي پورا نہ ٿيا پورا بہ ٿيندا يا ڪہ نہ
جي ڪيا تو ڏيهي مونسان واعدا ڪالهوڻي ڪاله
منهن منجهان ظاهر ٿئي ٿو دل جو غصو ۽ غضب
مهربان هوندو هئين ماهِ لقا ڪالهوڻي ڪاله
اڄ يلا ڇا ٿي ڏيو اي دلربا ڏي ڪو جواب
هار منهنجا ها سندءِ زلفِ دوتاڪالهوڻي ڪاله
طالب المولىٰ ڏي هر هر ٿي هلي آئين صنم
ياد ڪر تون ڪيئن نہ هوندو هئين مٺا ڪالهوڻي ڪاله

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

چشمِ رشڪ مي ئي ٿيندي آھ ميخاني جي دل
۽ شرابِ لال ٿيندو آھي پيماني جي دل
اڄ اچي تون آخري حربو بہ استعمال ڪر
ان ۾ چاھي ڏس تون چيري پنھنجي بيگاني جي دل
ھر ڪھين سيني ۾ ٿيندي آھي دل اي محتسب
عشق ئي آھي سرِ شوريده مستاني جي دل
اھل دل وٽ قدر قيمت ھن ڪري صحرا جي ٿي
جو تہ ديوانو ئي ٿيندو آھ ويراني جي دل
پو خبر توکي پوي محبوب منھنجي عشق جي
جيڪڏھن تو ۾ ھجي تنھنجي ئي ديواني جي دل
شمعِ محفل پنھنجي لُڙڪن ۾ ڪمر تاءِ ٿي غرق
ڦٿڪندي جو ٿي ڏسي ھو ان جي پراڻي جي دل
جيڪو آھي سرگذشتِ طالب المولیٰ جو روح
مان بہ آھيان با اليقين انجي افساني جي دل

خير محمد هنگورجوکپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڏين سولي جي دل ناهي وڃي موڙڻ بہ آ مشڪل
سفر اهڙي مٿي سندرو ٻڌي سنبرڻ بہ آ مشڪل
قدم راهِ محبت ۾ کڻي ڪان بعد اي همدم
اتي ترسڻ بہ آ مشڪل وڃي پهچڻ بہ آ مشڪل
هي دريا عشق جو آهي نہ ايندو عقل ڪم هرگز
گهڙڻ آسان جي آهي تہ پو نڪرڻ بہ آ مشڪل
اهڙي او فلسفي تو کي حقيقت عشق جي ڪهڙي
رڳو سولو چوڻ ناهي مگر سوچڻ بہ آ مشڪل
متان هڪدم وڃين نڪرين تون ميخاني ۾ اي واعظ
اتي ڦاٿين تہ پو تهنجو وري نڪرڻ بہ آ مشڪل
سڄڻ نازڪ طبيعت آ تڏهن ڪجھ ڏيان سان هلجي
رسڻ کان پوءِ دلبر جو وري پرچڻ بہ آ مشڪل
حضورِ يار ۾ اي دل ادب سان هر گهڙي هلبو
ڪلڻ ناهي جتي جائز اتي روئڻ بہ آ مشڪل
هي نڪتو طالب المولىٰ جو دل تي آ رکڻ جهڙو
جتي سر جو ڪبو سودو اتي ڪُسجڻ بہ آ مشڪل

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مسافر تي نه تون بيدل هليو هل
پوئي مشڪل تي گر مشڪل هليو هل
هي دُنيا ماگ مانجهاندي جو آهي
بنائج ڪين هت منزل هليو هل
نه ويهي ره ڏسي سختيون ۽ صدما
محبت ڪي ڪريو ڪامل هليو هل
خدارا نا خدا ٿيڪجي نه پنجان
اٿئي ويجهو اڳيان ساحل هليو هل
درو ديوار ۾ ڦاسي متان پئين
زماني ڏي نه ٿج مائل هليو هل
نهارج ڪين ڪي ڪنهن طرف عاشق
سچڻ جي شوق سان شامل هليو هل
خدا اي طالب مولا گڏ آهي
ڪري مضبوط پنهنجي دل هليو هل

ح محمد مٺو جوکيو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

مان ڪريان ٿو پنهنجي ڏوهن ۽ خطا جي ڳالهه ٻولهه
تون سچڻ ڪر ڪا عنايت ۽ عطا جي ڳالهه ٻولهه

خود فراموشي جي عالم ۾ پيارا گمُ ٿيون
مي محبّت پي ڪجي لطفِ خدا جي ڳالهه ٻولهه

روز و شب جنگ و جدل ۾ آه دُنيا مبتلا
پاڻ دلبر ڪا ڪريون صلح و صفا جي ڳالهه ٻولهه

آ ته آغوش محبت ۾ وٺون دلبر پناه
هاڻي هر گز ڪين ڪر شرم و حيا جي ڳالهه ٻولهه

تون به انسان آهين آخر مان به انسان آهيان
وڻ ته ڪا ويهي ڪريون مهر و وفا جي ڳالهه ٻولهه

هو جو گڏ آهي ته پوءِ والله پيڙا پار ٿيا
ذهن ۾ ئي ڪانه آهي نا خدا جي ڳالهه ٻولهه

بي عمل عالم ٿيا سڀ ڪور مشعل دار جان
ڇو جو تن وٽ ٿي رهي ڪذب و ريا جي ڳالهه ٻولهه

هن جي ئي هلبو رضا تي ڇو ته سڀ معلوم اٿس
طالب المولي سچڻ سائين سان ڇا جي ڳالهه ٻولهه

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

شروع عشق جو آ سهل انتها مشکل
مگر پتنگ طبيعت جي لاءِ ڇا مشکل
نماز تي قضا وئي ادا ته ٿي سگهندي
مگر نظر جي قضا تي ٿيئي ادا مشکل
مسيح منهنجي مرض کي ڏسي ملول ٿيو
مريضِ عشق جي آهي مگر دوا مشکل
حصولِ وصل جي لاءِ جان جي ضرورت آهه
وگرنه شربتِ ديدار حق نما مشکل
رفيق راه ۾ ڪٿين ٿا مليو وڃن هردم
مگر ملي تو حياتي ۾ همنوا مشکل
جهان جي يار کي ديدار يار لا حاصل
فنا جي عاشقِ باطل کي آ بقا مشکل
اي همسفر ڪڏهين گڏ هتا سون گلشن ۾
ٿيو آ هاڻ ته ديدارِ آشنا مشکل
خيال جنهن کي نه ٿيندو ڪو راهه راست سندو
انهي کي راه لڳائيندو رهنما مشکل
هي ٻڌ اي طالب مولا ته عصر حاضر ۾
ٻيو ته سڀ ڪجهه ملندو مگر وفا مشکل

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

کنهنکي معلوم ئي نہ آهي اهلِ ميخانن جي سگھ
اهلِ ميخانن جي سگھ ۽ اهلِ پيمانن جي سگھ

تا جھُڪن هر دم فقيرن جي اڳيان تاج و ڪلاہ
ٿي سري تسليم خم ٿئي شان شاهانن جي سگھ

حاذقو آهي فقط محبوب سائين وٽ شفا
درد مندن تي هلي ٿي ڪانہ درمانن جي سگھ

اقتدار آهي جو هر دم عمل پيرا رهي
ورنہ آهي ڪانہ ڪائي ڪاٻہ فرمانن جي سگھ

سنگدل کي نيٺ آڻيون تا نمائشِ عشق ۾
مان مڃان دل ساڻ ٿو اي يار ارمانن جي سگھ

قد بد تي ناهي ڪجھ ڪم ئي ارادا تا اچن
فريبي ۾ ناهي ڪي آهي ايمانن جي سگھ

هي محلاتِ جهان ردِ عمل غربت سندو
در حيقت آهي دنيا ۾ ئي خسخانن جي سگھ

طالب المولیٰ جهان ۾ ڪونہ فرزانا هجن
جي نہ دنيا ۾ هجي هر وقت مستانن جي سگھ

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ديدار ڪرائج ڪو اي دلدار الله لڳي
عاشق جي اکيان تي اچي نروار الله لڳي

مدت کان گرفتار محبت ۾ راهان تو
ڪر جلد عطا دوست کو ديدار الله لڳي

نا لائن گهڻو آهيان مان نظر ساڙي شغا تئي
سڀ غم تئي تين دور اي غم خوار الله لڳي

تون ساقي سندم آهين مان ميخوار مدامي
ڏي پيالو پرين پُر ڪري غمنا ر الله لڳي

هر تنهنجي جفا تي نه خفا آئون تيان تو
تنهن هوندي ب مونکان نه ٿي بيزار الله لڳي

هڪ وار منا مون سان ڪٿي ڳالهه مٺي ڪر
طالب سان گهڙي هڪڙي اچي گهار الله لڳي

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

توکي رکڻي آهه ساقي پنهنجي ميخانن جي ساک
پنهنجي پيمانن جي ساک ۽ پنهنجي مستانن جي ساک

اي طبيب عشق تون هڻ ڳالهه جو رکجان ڌيان
موهنجي دَردن کي ڇڏي رک پنهنجي درمانن جي ساک

مون کڏهن احسان فراموشن کي ناهي ياد ڪِئو
چو ت آخر آهي رکڻي پنهنجي احسانن جي ساک

ڇا ب لکجي ڇا ب پڙهجي پر حقيقت آهه هي
عاشقِ ناڪام ٿي ٿاتين افسانن جي ساک

يار پڇمن ۽ کروڙن جو رڳو نالو اَٿوَ
اصل ۾ آهي فقط پيسن جي ساک آنن جي ساک

پاڻ ۾ جي ڪجهه ن ٿئو سمجهو ت سچ پچ ڪجهه ن ٿيو
ڇا ڪندي ڏاڏن جي ساک ڇا ڪندي نانن جي ساک

اوڳرائن بعد وارو شکر مولا سان فريب
آهه ٿي فاقه ڪشن جي يار شڪرانن جي ساک

طالب المولىٰ ، جي دنيا ۾ ن ديوانا هجن
پوءِ هرگز ڪون ڏيندو ڪير فرزانن جي ساک

علي محمد هنگورجو کيو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

فحش گو ميخوار يعني آهه ميخانن جي پينگ
رند بازاري جي آهن پوءِ پيمانن جي پينگ

صاحبِ خانہ ملڻ لاءِ جي سستو ٿي پوي
پو يقينا ٿي وڃي جي ان جي دربانن جي پينگ

سنگَ جي عزت ۽ عظمت ٿي تڏهن ايندي نظر
جنهن گهڙي ڏانتو پوي ۽ ٿي وڃي ڪانن جي پينگ

مان دعا تنهنجي حڪومت ڪي ڏيان ٿو سربراهہ
شال هڪدم ٿي وڃي جرمن ۽ جرمانن جي پينگ

جيئن ڇڻو ٿو پيلجي ۽ پو وڏي ويجهي گهٽو
ٻيڻا ٽيڻا تيئن ٿين ٿا جي ٿي ارمانن جي پينگ

هڪ جو نقصان ٿو ٿئي ۽ ٻي جو آهي فائدو
شمع جي ساءِ زندگاني جيڪا پروانن جي پينگ

ياد رکجو جن بہ مستن سان ڪئي ڪا هٿ چراند
ياد رکجو ٿي وڃي ٿي اهڙي فرزانن جي پينگ

پوءِ دانائن جي ٿيندي ڪيئن سڃاڻپ دوستو
شال نہ ٿيئي دنيا اندر ڪڏهن بہ نادانن جي پينگ

جي نہ ڪمتر ڪو هجي بهتر جي ڪنهن ڪي ڇا خبر
ري فقيرن هن جهان ۾ شان شاهانن جي پينگ

بي مروت ٿي تہ آهي بامروّت جو نشان
سنگدل ري آهہ الطافِ ڪريمانن جي پينگ

قدر ۽ قيمت وڌي ٿي محتسب جي ٿي طفيل
نہ تہ ڪڏوڪي ، ٿي وڃي ها مي ۽ مستانن جي پينگ

طالب المولىٰ ڪري مولا هجين پائينده باد
درد مندن ڪان سوا ٿي ويندي درمانن جي پينگ

خير محمد هنگورجو ڪبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ساقي شراب عشق پيڻ جي لٽي نہ بکَ
ٻ ٻي ڪبابِ غم جي کيڻ جي لٽي نہ بکَ

توکي ڏسي ڏسي مان وري پيو ڏسان مگر
ڪنهن دم بہ يار تنهنجي ڏسڻ جي لٽي نہ بکَ

مان ڇا ڪريان هي مونهنجي تہ وس جي نہ ڳالھہ آھ
توسان ملي ملي بہ ملڻ جي لٽي نہ بکَ

اي شوخ و شنگ مونکي جڏهن تو ڏنو جواب
تاهم بہ يار خط جي لکڻ جي لٽي نہ بکَ

ڪئين مرتبا مون سور سليا توسان سنگدل
ليڪن اڃان بہ حال ونڊڻ جي لٽي نہ بکَ

ڪوشش ڪيم تہ يار هجين راضپي ۾ تون
رُسڻا ڪڏهن بہ توکي رُسڻ جي لٽي نہ بکَ

هي ياد ناھ مونهنجي قبوليئَي ڪا التجا
مونکي بہ يار عرض ڪرڻ جي لٽي نہ بکَ

هر وقت " لن تراني " جو آواز تو اچي
طالب کي " ربّ ارني " چوڻ جي لٽي نہ بکَ

خير محمد هنگورجو گبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

پاءِ دام زلف جو ور ، اي ستمگر ٻيو بہ هڪ
ابروئي خمدار جو ڪو ، مار خنجر ٻيو بہ هڪ

هن نگاهِ مست سان ، محبوب منتر ٻيو بہ هڪ
دل ڦرڻ جي واسطي ڪروار دلبر ٻيو بہ هڪ

هڪ سڪندر هو مگر دنيا جو فاتح ڪونہ ٿيو
ڪائناتِ دل جو اڄ آهي سڪندر ٻيو بہ هڪ

تنهنجو هٿ هوندو تہ ساقي بس نہ مان هرگز ڪندس
صبح تائين پرپلي ساغر تي ساغر ٻيو بہ هڪ

آرزو آهي هجن سَوَ سِرَ تہ سڀ قربان ڪيان
دست بستہ پيو چوان آهي اجا سر ٻيو بہ هڪ

هي صدا دلبر جي در تي مان وڃي هاڻي ڪندس
دل ڏيڻ جي واسطي آيو تونگر ٻيو بہ هڪ

طالبِ ديدار ڪي ڏي پنهنجي در جي نوڪري
خادمن ۾ خاص دلبر ڪر تقرر ٻيو بہ هڪ

اڄ نگاهِ التجا سان دل اڇي دلبر گهري
الله الله در گداگر جي گداگر ٻيو بہ هڪ

حسرتِ ،ورنج والم ، هجرو فراق و آرزو
اڄ سين گڏجي بپا ڪيو آه محشر ٻيو بہ هڪ

اي شهنشاهو اوهان جي ڪا بہ پروا ڪانہ آهِ
هي بہ پڪ ڄاڻو اسان آهي ڏنو در ٻيو بہ هڪ

بي عمل واعظ اها پندبو نصيحت ڇا ڪندي
آهي مستن جو ٻڌڻي محراب ومنبر ٻيو بہ هڪ

پا برهنہ ، اهلِ دل ، شوريده سر، مستِ الست
طالب موليٰ اچي پيو ڄڻ قلندر ٻيو بہ هڪ

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

يار تو جيئن جيئن ملي تئين تئين وڌي ٿو اشتياق
وصل جو عالم به هڪڙي طرح سان آهي فراق
جنهن تعلق ۾ سياست ڪارفرما ٿي ٿئي
ظاهرا خوشروئي پر هوندو حقيقت ۾ نفاق
دُشمني چاهين ته اڄڪلهه جا وڃي ڪي يار ڳول
دوستي رکجان ڀلي پر يار از راهِ مذاق
جنهن جي چهري تي سدا ئين رعب سو مقبول ناهه
موڙ مجلس جو هميشه ٿيندو آهي خوش مذاق
رند ۽ واعظ ته ٻئي ماڻهو، مگر هي فرق آهه
هڪ جي هٿ ۾ پيمانو ۽، ٻي جي اڳيان پريل طباق
سالڪن دنيا کي آهي دونيا هردم سڏيو
همنوا گڏ سڏ رهن هي محض سمجهو اتفاق
طالب الدنيا وجهن ٿا پنهنجي دُنيا سان نڪاح
طالب المولیٰ ڏين ٿا تنهن کي ٽوڙان ٽي طلاق

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

جنهن کي رهيو نه يار جي کو غم کڻڻ جو حق
دنيا ۾ ناهه ان کي ھو جيئري رهڻ جو حق

رنج و بلا ۾ جو نه ڪلي راضي تو رهي
ان کي خوشي ۾ ناهه ڪو خوش ٿي رهڻ جو حق

ڪعبي ۽ بتڪده ۾ نه مولا کي جنهن ڏٺو
ان کي نه آهه ڪو به عبادت ڪرڻ جو حق

سامهون نظر اچي تو جو مولىٰ جو در جڏهن
بي در ڪڏهن نه آهه ڪنهين کي پنڻ جو حق

ڪڏهن نه قير ڪنڌ تون وڃ وات ھي ونيو
توکي نه آهه ھوڙا ڪنهن کي ٻڌڻ جو حق

جنهن کي شناس ناهي ڪا پنهنجي پرائي جي
ناهي ڪڏهن به ڪوئي انهي کي ڏسڻ جو حق

دلبر ڪري سگهيو نه سنڌ ۽ ھوءِ واري ڪا
طالب آ توکي ڪهڙو ھو سورن سهڻ جو حق

خير محمد هنگورجو ڪهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ان جي در، در دآشنا ڪي هن طرف ڪي هن طرف
سر جهڪن صبح مسا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

وصل جي شب منهنجي سيني کي پيل ها زلف يار
عنبر ين ۽ مشڪ زا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

شمع رو محفل ۾ جيئن آيو ته سڀ پروانه وار
ٿي ٿيا هر هر فدا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

حسن جي فرمان روا وٽ ٿا سلامي لاءِ مڙن
هر گهڙي شاهه و گدا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

هن ملڻ جي وقت هٿ هٿ ۾ ڏنو ويو وجه ملي
ان کي مون بوسا ڏنا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

نانگ جيئن چندن مٿي تيئن گردن بلور تي
يار جا زلفو ڏتا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

دولت ديدار جي لاءِ يار جي در تي سدا
ڪئين فقير بينوا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

روز محشر ڪئين رسول الله جي هوندا پنيان
بي اجهابي آسرا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

بعد مدت طالب المولىٰ جو دلبر سان مليو
لڙڪ خوشين جا لڙيا ڪي هِن طرف ڳي هَن طرف

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

موسمِ گُل آهي ساقي ڪرڻ اياغ
اڄ طبيعت ڪي ڪجي ڪو باغ باغ
رات ڦٽڪي ٿي وصالِ يار ڪاڻ
آهي راضي گُل ٿيڻ لاءِ چراغ
دل جي خاني ۾ لڪايم يار کي
انجو ڪنهن کي ڪونہ ملندو ڪو سراغ
توسان واعظ همنوائي ڪيئن ٿئي
باز بازئي ٿو رهي ۾ زاغ زاغ
رند پنهنجي ۾ رئي پورا هر گهڙي
محتسب هر هر هٽي بيشڪ دماغ
روئي روئي صاف آهي مون ڪيو
پنهنجي دامن تان ندامت وارو داغ
طالب المولىٰ جي مولا سارڻ دل
هن کي دنيا ڪان مليل آهي فراغ

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

حسن وارن وٽ دل آزاري فقط
عاشقن وٽ آه ۽ زاري فقط

آه سهڻن کي سدائين هي سوال
عاشقن کان ڪن نه بيزاري فقط

ڇا ڪنديون تنهنجون دوائون اي طبيب
دل ته آهي عشق آزاري فقط

محتسب ناموس جو ناتو ڇڏيم
مونکي آ منظور ميخواري فقط

آهي رخ محبوب جو ئي سجده گاه
منهنجو مذهب يارجي ياري فقط

عمر ساري التجائن ۾ وئي
اڄ ملو، مونسان هڪواري فقط

مهرمان طالب جي پيرم اڄ اچي
ڪيس ڏي دلدار دلداري فقط

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عيش و عشرت سان هميش ٿي رهڻ آهي غلط
پر ڪنهن وٽ ڪنهن طرح ڪوڙِي ڪهڻ آهي غلط

راز دل جو رازدارِ دل کان پنهان ڪين ڪر
غير سان ڪنهن پرت جي پهه ڪي پهڻ آهي غلط

سچ چوڻ سان جي ملي سوري ت ان کي سيج سمجهه
پر ڪنهن وٽ ڪنهن طرح ڪوڙِي ڪهڻ آهي غلط

جي محبت جي غلامي تو ڪرين آهي بجا
بادشاهي دبدبي آڏو نمڻ آهي غلط

آزمائڻ بعد بيهر آزمائڻ آ فضول
بيوفا کي پنهنجي دل جو سُر ڏيڻ آهي غلط

طالب المولىٰ رکج هر ڪنهن ۾ هردم حسنِظن
عيب جوئي ۽ نظرِ بد سان ڏسڻ آهي غلط

خير محمد هنگورجو ڪرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

چا ڪجي سهڻو رهي ٿو ويڇڙائي ڪان پري
مان رهڻ ٿو چاهيان هر دم جدائي ڪان پري

تنهڪري مون تي زڪواة حسن اڄ ناهي مباح
عشق جي دولت ڪيو آهي سخائي ڪان پري

دردو غم ڪان ٿي رهي وحشت مسرت کي مدام
چو ته ٿيندي آه ٿورائي گهٽائي ڪان پري

دخترِ رز کي نه پيري م جواني ٿي اچي
انکري ٿيو نه ان جي پوڙهپائي ڪان پري

سنگدل سان ڪونه ٿي سگهندو ڪڏهن منهنجو نباءُ
هو وفائي ڪان پري مان بيوفائي ڪان پري

طالب المولي ٿيڻ ڪا ڳالهه معمولي نه آهه
زندگي ساري ٿو رهڻو پئي بيائي ڪان پري

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

هزارين مرتبا راهِ صنم کي مون چميو آهي
جو رشڪِ تاجدارن جي قدمن کي مون چميو آهي

چميون پيرن کي ڏينديون فتح ونصرت انشاءالله ٿئي
سوين پيرا ڪٺي تيغ و علم کي مون چميو آهي

وجهي ڀالي ۾ پرچم سينهءِ دشمن ۾ کوڙيندس
خدا جو سنهن ته شمشيرِ قلم کي مون چميو آهي

زماني وارين تفريحون سيئي تڪليفون پايان تو
حبيبي هجر جي درد والم کي مون چميو آهي

ملي پاڻ ملي هو سنگدل سهڻو سندس مرضي
نظروارن لبن سان انجي غم کي مون چميو آهي

سوال ئي مقدر جو ناهه ليڪن دل جي جذبن سان
فقيرن جي ئي بس جاه وحشم کي مون چميو آهي

لڙيا جڏهن لڙڪ مهجوري جا وهندي ئي لڱا لب سان
بحمدلله گويا چشمِ نم کي مون چميو آهي

لڳايا تنهنجي ساغر ساڻ لب اڄ طالب المولىٰ
اي ساقي ٻڌ ته رشڪِ جام جم کي مونچميو آهي

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

عاشق جو دل سان سهڻا سڄڻ يار ٻڌ عرض
ڪجھ مهر ڪر اي حسن جا سردار ٻڌ عرض
اعتبار تي تہ لطف و ڪرم تو سندو گهڻو
پنهنجن جو تورڙو ئي سهي يار ٻڌ عرض
هڪ ڀيرو پاڻ وٽ تون سڏي بارياب ڪر
مسڪين آهيان پيش ڪندس پيار ٻڌ عرض
هڪڙي نگاهِ مهر حياتي جي لاءِ بس
اڪڙيون ڪٺي نهار اي مٺار ٻڌ عرض
دربان عرض منهنجو ادب سان پرينءَ کي چئو
هڪ منٿ لاءِ مون کي سڏي ڌار ٻڌ عرض
ڪنهن دم نگاهِ لطف مسيحا نفس تون ڪر
آيو ٿئي در تي برهہ جو بيمار ٻڌ عرض
ڪرڪو خدا جو خوف سڄڻ ڪا دوا تہ ڏي
آهي تپايو عشق جي آزار ٻڌ عرض
خط ۾ لکان ٿو نيٺ تہ اي منهنجا ماهرو
سگهه ۾ تين تا هاڻ اچا وار ٻڌ عرض
تنهنجي طلب مان طالب مولا جو ٿي ويس
آهي ڪو تو ۾ حق سندو اسرار ٻڌ عرض

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

منهنجو آهين تون يار خاص الخاص
تو ڪريان توسان پيار خاص الخاص
عرض ديدار تو ڪريان هردم
آهين تون يار غار خاص الخاص
ناز نئين طرح روز پيا گهائن
دل تي مونهنجي شڪار خاص الخاص
ڪر تغافل رضا تي مان راضي
توکي هر اختيار خاص الخاص
سر گهرين تو ڪڏهن مونکان دلبر
هي اتم انتظار خاص الخاص
حال دل جو مڙئي توکي آ
آهين تون راز دار خاص الخاص
تنهنجي آ حلقهء غلامي ۾
هي دل بيقرار خاص الخاص
داغ دل تي سندءِ جدائي جو
آهي هي يادگار خاص الخاص
نج نيائي هي نينهن جو ناتو
ڪر نه تون پاڻ خوار خاص الخاص
عرض دلبر کي ڪر وڃي دربان
در تي آ عرضدار خاص الخاص
روءِ محبوب دلفريب آهي
عشق لاءِ بهار خاص الخاص
آهي غوّاص طالب المولي
تون در شاهوار خاص الخاص

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

بهار آئي مگر دل بهار ڪو ڪونهي
چوي ٿو ڪير ته گلشن ۾ خار ڪو ڪونهي
چوان ٿو سچ هي زمانو عجيب تر آهي
بوقت سختي سڄڻ غمگسار ڪو ڪونهي
ٿئي ٿو ذاتي مفادن تي سڀ ڪو بي انصاف
نه حق پرست ڪو آهي ۽ يار ڪو ڪونهي
جي آهه پيسو ته آهي تري تي بهشت سدا
وفا ۾ مبتلا اڄ گلعذار ڪو ڪونهي
ويا هو ختم ٿي سڀ عشق بازي جا آداب
جو مهوش ۾ وري خوش شعار ڪو ڪونهي
اڙي او ديو صفت ۽ بد عمل ناصح
هو گفتو گفتو سندءِ خوشگوار ڪو ڪونهي
اي ساقي آب حيات مان ڏي ڪي ساغرِ ڀر
سواءِ منهنجي ڪو اڄ ميگسار ڪو ڪونهي
اي مولا طالبِ مولا جو تو تي دارو مدار
انهي جي دل تي ذري جو غبار ڪو ڪونهي

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ملڻ جورو جفا سستا مگر آهي وفا مهنگي
ٿئي ٿو وصل آسان پر نگاه ڪيفزا مهنگي

اسان جهڙا لکڻ وارا هزارين ملڪ ۾ آهن
هتي ارزاني شاعر جي مگر طبع رسا مهنگي

اسانجي ملڪ ۾ حاذق سڏائڻ وارا ڪئين آهن
مگر افسوس جو آهي شفا سستي دوا مهنگي

ڪچهريون محفلون هاڻي ڪتي آهن اهي اڪثر
ملڻ ٿا همنوا ڪيئي ته محبت همنوا مهنگي

گدا گر ڪان ته خالي ڪونه ڪو رستو رهيو آهي
مخبر ڪونه آهن ۽ رهي جودو سخا مهنگي

حقيقت ۾ جيبن جي ڪپي ٿي خوب محجوبي
ڏسون ٿا بي حجابي ڪوڙ ۽ ناهي حيا مهنگي

ضرورت سنگدل کي هئي جدائي جو مليس صدمو
اسان پاتئيو ٿي ڪا ايتري پوندس سزا مهنگي

اچڻ شرط ئي ڪئين مفتون ۽ مجنون هڪ پل ۾
مليو محبوب آساني سان پئي ناز و ادا مهنگي

فقط هڪڙي خطا خاطر ويو جنت منجهان نڪري
عجب آهي ته آدم کي پئي ڏاڍي حوا مهنگي

مبارڪ طالب المولىٰ عبا چڏيئي قبا چڏيئي
برابر جا وڪامي ٿو طبيعت بي بها مهنگي

خير محمد هنگورجو کهڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

پياڪن ئي وڌي اڄ آهه ميخانن تي پابندي
تي وڌي آئين ۾ پر ڪيف پيمانن تي پابندي

پلا هي پر خوري هروقت تي جرم شڪم ناهي؟
هجي حيوان صفت اهڙن ئي انسانن تي پابندي

اگر آباد ئين ۾ محفلن تي بندشون آهن
ته ديوانن جي لاءِ آهي نه ويرانن تي پابندي

اگي هو غم غلط ٿيندو مگر اڄ ٿو غلط غم ٿئي
نه ارمان آهه پڄي وئي جي ارمانن تي پابندي

جي وڪجن تا ۽ وڪڻن تا خداڪي چند پيسن تي
ڪو آهي جو لڳائي اهڙي دگرانن تي پابندي

رڳي سرڪي پياڪن لاءِ بندش طالب المولىٰ
شهنشاهن تي پابندي نه سلطانن تي پابندي

خير محمد شڪور جوڳيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مونسا رهين ٿو شوخ چو يار پيار جي عوض
تو لاءِ ڪئي مون سر مٿي خواري وقار جي عوض

ڪيئن نه آهون مان ڪريان درد آ دل ۾ بيشمار
تون نٿو ري چوين ته ڪر ضبط ، پڪار جي عوض

مون ڏي منا تون مهربان محب ڪٿي نگاهه ڪر
صدقي ٿيا ن هزار بار هڪڙي نهار جي عوض

حسن جي بارگاهه مان مونتي عطا هي آهه ٿي
آهه و فغان جي سوڪڙي صبر و قرار جي عوض

طالبِ غمزده ڪيو يار کي رحم جو سوال
ظلم ڪيائين بيشمار لطف و پيار جي عوض

خير محمد هنگورجو ڪيهر

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ڏي شراب چشم گوڻ جو جام پُر اي ماهوش
تزماني جي خيالن کي اچي ڪا غش تي غش

ان جي لڪنت تان ٿيان صدقي جو رشڪِ شمع بزم
جوچوي ٿو هر نئين ساغر تي جاني هاڻ بش

خرق عادت جي هجي حاصل تہ مان ڪريان عمل
هوءِ مان هڪ تي وڃون هي روح جي آهي ڪشش

ڇڏ تہ هاڻي پنهنجي پورن ۾ گذاريان زندگي
خط لکي محبوب سائين ٿو ڪرين تازي تپش

جي ٿئين ٿو يار لطف اندوز پوءِ موڪل اٿئي
نہ تہ خدارا هاڻ مونسان ڪر نہ هرگز چپقلش

حسن جو تون آهين دولت مند، مان مسڪين عشق
پنهنجي صدقي ڪر ڪٺي مونتي منا دادو دهش

مان نہ شيريني جو شائق ڊائيبيٽيڪ آهيان
مون تي تلخي آهہ جائز جوٿيس پيمانہ ڪش

طالبِ المولیٰ ٿي مدّت کان نہ افطاري ڪئي
ڏيان سان ٻڌ ساقيِ مهرو چوان پيو العطش

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪيو قرب مونکي حبيباڻي هٿ
اُتاريئين اندر عشق وارا اُمڙ
زماني جي پرواهه ناهي ذرو
سندم يار جاني اتم اوڻ اڙ
ملائي مونکي شال محبوب رب
گهڻا باسيا آهن مون پيرن تي پڙ
سدا سنڌ کي سائين آباد ڪر
رکج ان جا ساوا ڪپون ۽ ڪبڙ
خبر درد وارن جي توکي نه آهه
پو واعظ ڏئين جو تو چڙ مان چهڙ
پلا يار وئين راند ريبي ڪتي
ڏنا ڏيئي لالڻ هڏي کي لغڙ
ڪِياڙي قلم ڪون وهندو ڪڏهن
لکيل آهي سڀ ڪجهه سڄڻ منجهه نرڙ
ڪيو قيد مونکي سڄڻ يار تو
وجهي ورهه وارا وڪڙ تي وڪڙ
سڄڻ جو هميشه لاءِ تي ويس
ڏني جا اتس قرب داري جي ڪڙ
صفا ملڪ ۾ پينگ ناهي مگر
وسن پيا ڪتي پڻ اجا تائين تڙ
چڱائي ڪرڻ آ چڱن جوئي ڪم
چئي ويا هي آهن سچارا سُگهڙ
اندر ۾ بيائي ۽ ٻاهر چڱي
ڏيکيندا نه ڪپڙا اها ڪا اگهڙ
سدا عشق جو مانو درياهه وهي
ٻڏي ويا ڪيئن ان ۾ عاشق الڙ
هي عاشق تو سورن ۾ سرهو رهي
پلو تئي چٽو جيئن مٽس تئي لتڙ
جڏهن توڏيئي پيار پنهنجو ڪيو
ويس تي انهن سان هميشه ئي هٿ
اي طالب تون اڳلو جي آهين اگر
مٺي نيت مولا ڪندو وهه جا وڙ

خير محمد هنگورجو گهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

يار ڏاڍا ڏينهن لاتي چو پلا آهي ته خير
ڪا خبر ڏي منهنجا مشفق مهلقا آهي ته خير
دلربا پنهنجي حقيقت ڪان ته ڪر واقف وري
تون پلا ايندي ڪڏهن او باوفا آهي ته خير
تنهن جي منهن تي شدّ تون هر گهڙيون ٿيون ڪيئن ڪي
منهنجا جاني ٿو ڏين ڪيئن آسرا آهي ته خير
انتظارن ۾ رکڻ جو آهه ڇا مقصد پرين
توکي پنهنجا وعدا سڀ وسري ويا آهي ته خير
مدّتون ٿي ويون آهن ڪونه قاصد ڪو مُڪي
پنهنجي غفلت ۾ ڪيئي ٿو انتها آهي ته خير
حجتون ڪهڙيون ڪيون پر يار ڏوراپا ڏنا
منهن ته ڪوٺي ٿو ميٺو اي همنوا آهي ته خير
اڄ سڄڻ يا مونکي هڪدم پاڻ وٽ پيارا گهراءِ
چو نٿو ڳالهيون ڪرين سهڻا صفا آهي ته خير
منهنجو مولا توکي شل پنهنجي پناهن ۾ رکي
چو نه ڪانگل آئيو منهنجا مٺا آهي ته خير
ڪو بنوئي ڪون ٿو پيئي يارُ چو ويهي رهيو
منهنجا خالق منهنجا مالڪ يا خدا آهي ته خير
هر گهڙي تنهنجي طلب ۾ طالب المولیٰ رهي
منهنجي جيُ وارا سڄڻ جيئن سدا آهي ته خير
خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

بنا عشق جي آدمي جانور
سندس در سواءِ سو سدا دربدر

ڏسي وائسي جو هلي ٿو غلط
اکين هوندي آهي اهو بي بصر

متان سادگي تي ڪو ٺلجي پوي
ملن ٿا مٽي مان ئي لعل وگوهر

پري هوندي هن کان هم آغوش مان
تصور ته ناهي ڪو بي بال وپر

ڊجان ٿو متان هونه گهبرائجي
سندم آه آهي وڏي ڪارگر

سوين ساغرن مان به ڪجھ ڪين ٿئي
جي ساقي جي ناهي نظر ۾ نظر

هو آهي هي منهنجو ته پوچو چوان
جنهن شال مون ڏي به هڪڙي نظر

پڙهان فجر مغرب پلا ڇا ڪيان
رخ ۽ زلف گڏجن ڪه شام و سحر

گراني ڪي ڪائي ٿيس خود ڪفيل
اسان جو ٿئي پيو گذر ۽ بسر

جدائي جدائي جدائي جدا
محبت جو افسانو المختصر

هجي پير مخدوم يا مولوي
بنا عشق آهي اهو جانور

غم و سوز درد والم روح
نپايان هي وينو وله جو وله

سندم عشق رهبر، سندم عشق امام
انهي جو غلام آهيان سربسر

هي دُنيا فقط هڪ گذرگاه آه
شبِ روز آهي سفر در سفر

کپي جان جي بازي اي ابو لهوس
هتي ڪم نه ايندءِ اگر ۽ مگر

اسان تلخين کي ئي پنهجو ڪيو
ٿو رندن کي گهرجي نه شهد و شڪر

لکي مون لکيو آهي مافي ضمير
هي پيري ۽ مخدومي سڀ شور وشر

اجا تائين آهي ذڪر ۾ ڪو گهر
ڪٿي آهي هر وقت افراطِ زر

ٿا دُنيا ۽ عقبيٰ جا طالب مرن
مگر طالب المولىٰ آهي امر

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

بي درد آڏو درد والم جو بيان نه ڪر
عاشق تون آشڪار ڪو رازِ نهان نه ڪر

نازڪ طبيعت آهه صنم ضبطِ غم ڪپي
آهه و بڪا سان مهربان نا مهربان نه ڪر

گل ڪين ٿيج يار جو سونگهڻي پيو غير پڻ
سروِ سهي ٿي پاڻ، مگر سر گران نه ڪر

ڪنهن وقت ڪو به ڪنهن جو مخالف ٿو ٿي
ڪنهن کي به ط جو راز ڏئي رازدان نه ڪر

دُنيا ئي دوستي کي وڏائڻ عذاب آهه
ڪنهن جو به ميزبان نه ٿي ۽ مهمان نه ڪر

منهنجا به نڪتا ذهن ۾ رک اَيُّهَا الوَلَدُ
مونکي به پنهنجي سامهو ڪنهن بي زبان نه ڪر

ڪنهن کي گڇي جو هار ڪر ۽ ڪنهن جو هار ٿي
هن زندگي جو سارو سفر رائگان نه ڪر

تو محتسب وغيره کان ڪر اجتناب خوب
رندن کان اعتراض محمد زمان نه ڪر

مولائي ڪائنات جو طالب جو آهين تون
ٿي دل شڪسته ڪين کي آهه وفغان نه ڪر

خير محمد هنگورجو کهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ڪڏهن ذري ذري تي آهي نظر
ڪڏهن پاڻ کان آهيان بي خبر
ٿو دُنيا ۾ ظاهر ڪي هر ڪو ڏسي
جو باطن تي ڪنهنجي به ڪانهي نظر
گهڻا ڏک ۽ ڏوراپا هن ڏي هئا
چيم پاڻ کي هاڻي ڪر ڏي گذر
ڀلا منهنجو زاهد سان ڇا واسطو
هو منبر جو صاحب مان دلبر جي دَر
ڪٿي حال پنهنجي تي مونکي تون ڇڏ
مٿا يار انجو نه ونجئين اُتر
پتو ڪنهن جو مونکي اگر ڪو نه آهه
ته پڻ ڪنهنکي منهنجي به ڪانهي خبر
مون پنهنجو دَر پاڻ آباد ڪيو
مليو ڪجهه نه جيتر ٿيس دربدر
مان اڳتي وڌيس ياڪه پُٺتي ويس
مگر ويا ڇڏي جي هئا هم سفر
ميان ٿو مان ڪوتاهيون پنهنجون سڀ
اوهين عيب پوش آهيو اهل هنر
ڪٿي شاعري يار تو کان سوا
ڪٿي آهي شعر و سخن خوبتر
ڪجه طالب المولي نُڪتو هي ياد
گهڻي گفتگو ئي ڪري ٿي بتر

خير محمد ٿهنگو جو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اي عاشق تون بيتاب نہ ٿي، دلبر سان ڪجھ اصرار نہ ڪر
تون هُن جي رضا تي راضي رهہ انڪار نہ ڪر انڪار نہ ڪر

جوتون ٿو صدائي وصل ڪرين ، ڇا ان کي خبر هي ڪانهي ڪا
محبوب طبيعت واري کي ، هلڪائي ڪري بيزار نہ ڪر

جي وقت ملئي ڪو خلوت جو ، پوءِ پاند ڳچي ۾ پاءِ چئج
اڄ منهجي اڱڻ تي پير پري ، اي يار سڄڻ انڪار نہ ڪر

وڃ پنهنجي زبانِ حال سان چواحوال انهي بي پروا کي
۽ پنهنجي تمنائن جو ڪڏهن ، منهن سان مگر اظهار نہ ڪر

جي ڀانيئن تہ عاشق رهجي اچي، هن پرده نشين سان دل جي لڳي
پو ظلم وستم تي ماٺ ۾ رهہ تڪليفن تي تڪرار نہ ڪر

شمشيرو سنان جي ڇا حاجت ، مژگان ۽ ابرو آهن بس
سي ڪنهن کي نظر سان ماري ڇڏ ، پيو ڪو بہ وري تون وار نہ ڪر

ڪنهن وقت رُسي ڪو يار پوي ان کي ئي وري پرچاءِ وڃي
پر ياد رکج تون اي همدم ڪو يار ڪڏهن اغيار نہ ڪر

جي ڀائين غمن کان دور ٿيئن هڪلي تون وڃ ميخاني ۾
سڪ واري سرڪ تون پيج وڃي ساقي ري پيو غمخوار نہ ڪر

اي طالب مولىٰ صبح ومساتون پنهنجي پاڻ کي وينو چئو
دک درد الم سک سوز ۽ غم ، جو عالم سان اظهار نہ ڪر

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

شوق اٿي ديدار جو حسنِ نظر پيدا ته ڪر
شائق پرواز پهرين، پنهنجا پر پيدا ته ڪر

ڇڏ صدائي ربّاني هٿ تڪڙ جو ناهي ڪم
اول اکين اندر اهڙي تير نظر پيدا ته ڪر

محفلِ مردان حق ۾ جي وڃڻ چاهين ته وڃ
پر اڏامڻ لاءِ پهرين بال و پر پيدا ته ڪر

يار کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ پوءِ پلي ڪوشان ٿي وڃ
پهرين ان جي دل ۾ تدبير گذر پيدا ته ڪر

دل سان بڌ تون پوءِ پلا ٿيندو اثر ڪهڙي طرح
گفتگو ۾ محتسب شهد و شڪر پيدا ته ڪر

نفس تي قادر ٿيڻ چاهين ته پو سڀ کان اڳي
پاڻ ۾ پنهنجي، ڪو جوشيلو جگر پيدا ته ڪر

طالب المولي، لقب جي پاڻ تي چاهين رکڻ
ترڪ دُنيا ترڪ عقبيٰ، دل اندر پيدا ته ڪر

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

پُلجي به ذڪر يار ڪڏهن بي وضو نه ڪر
هڪ هنڌ رکي نظر کي وري سُو به سُو نه ڪر
محبوب جيڪي چوڻو هجي سو گهُرائي چئه
مون ڏي رواتو ڪنهن به طرح خابرو نه ڪر
عاشق تون دل جي بدران وري هن جي دل کي وٺ
دل جي وجي ته ان جي وري جستجو نه ڪر
هڪڙي نظر سان مونکي تو زخمي ڪري ڇڏيو
هاڻي وري تون زخمِ جگر کي رفو نه ڪر
ان وٽ هزار پيرا هلي وڃ جو دل وٺي
بي وٽ وڃي تون پاڻ کي بي آبرو نه ڪر
مخمور ٿي تون يار شرابِ الست مان
تون پنهنجي زندگي کي وقفِ سبو نه ڪر
رهبر بڻاءِ عشق کي راهِ هدىٰ سندو
نوڪر پلي تون عقل کي ڪر پر گرو نه ڪر
محبوب جي حضور ۾ رهه باادب سدا
گستاخ ڪين تڇ ڪڏهن اهڙي خو نه ڪر
دريائي عشق ۾ تون تپو ڏئي پٿو گهڙي
پاڻاري پنهنجي يار لبِ آب جو نه ڪر
تون دل جي دل ۾ طالب مولا هميشه رک
ظاهر زبان ساڻ ڪڏهن آرزو نه ڪر

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اي عاشقِ بيدل فرقت ۾ دک درد کان تون فرياد نہ ڪر
هن ماهِ لقا هن مهوش جي تون دل کي ڪجھ ناشاد نہ ڪر
سک سوز کي اي دل آهِ بقا بيو سڀ ڪجھ آخر ٿيندو فنا
تون عيش ۽ عشرت جي دُنيا آباد نہ ڪر آباد نہ ڪر
ارمان هزارين دل جا سندم هڪ پل جي اندر ڪر خاڪ سڀئي
هي منهنجي تمنائي آخر اي جانِ جهان برباد نہ ڪر
آرام و سڪون جي ڇڏ عادت ره پيچ وتاب ۾ اي انسان
دُنيا جي مسرت خواب آهي تون پنهنجي دل کي شاد نہ ڪر
آ منزل تنهنجي دور گهڻو غافل ٿي مسافر ڪين رهج
جي راه ۾ صدما پيش اچن سي هرگز هرگز ياد نہ ڪر
ٿي طالب مولا کان نہ پري محبوب منا اچ ويجهو ٿي
هن درد ۽ فرقت ۾ ماري بيدار نہ ڪر بيدار نہ ڪر

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

غم واندوه جي شدت اجان تائين اها آهي
درازي شبِ فرقت اجا تائين اها آهي

دلِ مجروح جي حالت اجان تائين اها آهي
منجهس برداشت جي قوت اجا تائين اها آهي

سرِ تسليم خم هر عندليب آئو ڪري هردم
گلِ خوش رنگ جي فطرت اجا تائين اها آهي

ڪنهين جي فتنه پرور عشق جي هرهڪ فساني سان
اسان جي درد جي نسبت اجا تائين اها آهي

تي ملت مهرِ خاموشي ڪئي هن ثبت جالب تي
انهي جي حلاَت ولذّت اجا تائين اها آهي

مون سمجهيو ڪمسني ڳان ٿي دل آزاري ڪيئين هردم
مگر محبوب جي عادت اجا تائين اها آهي

ذري گهٽ اڄ ستارن تي وڃي انسان پهتو آ
جهان ۾ قرب جي قلت اجا تائين اها آهي

گريبان چاڪ دامن چاڪ سر ۽ پابرهنه هيئي
فقيرِ عشق جي خلعت اجا تائين اها آهي

هُتي وعده خلافي ۽ هِتي وعده وفائي جي
هي حسن و عشق ۾ بدعت اجا تائين اها آهي

مان صبر و ضبط ڳان ڪم تو وٺان اي طالب المولىٰ
جي نه ته فرياد ۾ طاقت اجا تائين اها آهي

امير محمد لنگر ورجو گبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

تون درد محبت کي هيئن، آهون ڀري اظهار نه ڪر

سڀ سور ۽ سختيون سهه سر تي، پر پاڻ کي خلق ۾ خوار نه ڪر

دل لائي دل جي دردن سان، پڇتائڻ پو آ ناداني

سر ساهه جو سودو ڪر اوّل، نه ته ڪوڙو پرت ۽ پيار نه ڪر

هي راهِ عشق آ مشڪل تر، تون سوچي سمجهي اڳتي هل

هر هڪ ايذا جي آڏو دل، پنهنجي پُر آزار نه ڪر

تسليم ورضا جي رک عادت، دُنيا ۾ لامقصود تي رهه

۽ يار جي مرضي وٽ هر دم، تر جيترو ٻڻ تڪرار نه ڪر

جي پائين دلبر راضي رهي، پو صبر و شڪر ۾ شاڪر تي

اي عاشق بيدل هار نه جان، فرياد نه ڪر فرياد نه ڪر

جي يار اشاره قتل ڪري، گردن کي جُهڪائي تي اڳتي

قدمن کي جبين تي رک هڪدم، انڪار نه ڪر انڪار نه ڪر

تون رازو نياز جي رسمن کان، اي طالب مولا تي واقف

تڪرار ڪري محبوب مٺو بيزار نه ڪر بيزار نه ڪر

خير محمد هنگورجو کهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

الاهي آه منهنجي ۾ اثر ڪر
درختِ بي ثمر کي پُر ثمر ڪر
اي عاشقِ مھ جبينن ساڻ هردم
حياتي بي ڪسي ۾ پڻ بسر ڪر
خدا رکندءِ سدا شاد و آباد
ڪٺي بيمار الفت ڏي نظر ڪر
توئي رسوا تہ ٿيندين يار مهنجا
پلي دلدار مون کي در بدر ڪر
خفا مون کان خدايا يار آهي
اسان کي پاڻ ۾ شهدو شڪر ڪر
ڪڏهن طالب سان ملندو دوست وڇڙيل
اي قاصد خير جي مونسان خبر ڪر

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

دلربا تنهنجون ڪيون مون سڀ جفائون درگزر
پر ڪيون تو ڪين ڪي مونهنجون خطائون در گذر

مان تہ تنهنجي هڪ اشاري تي بجان و دل نثار
تو ٻڌي مونهنجون ڪيون سهڻا صدائون درگذر

تا گهرن جي توکي مان پڻ تو انهن کي ئي گهران
پيو ڪريان غيرن جون تڏهن سڀ گلائون درگذر

مونهنجي هڪڙي التجا پڻ تو نہ ڪئي آهي قبول
تو ڪريان هردم سندئي سختيون بہ آئون درگذر

تنهنجو طالب آهي قاتل سور ۾ سختين اندر
پيو ڪري غيرن سنديون دلبر دغائون درگذر

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

دلبر ٻڌاءِ سچ ته دل آزار آهه ڪير
تو ۾ وفا جي آ ته جفا ڪار آهه ڪير
توئي ذڪار يو ڊر تان منا منهنجو ڇا قصور
تون ئي ٻڌاءِ يار ته بيزار آهه ڪير
پاڻ ئي ٻڌاءِ بر سرِ پيڪار آهه ڪير
ساري حيات تنهنجي گهٽي ۾ مون ڪئي بسر
ڪنهن دم نه تو پڇيو پسِ ديوار آهي ڪير
مون کي صدائي ديد تي من هيترو پڇين
اهڙو ضعيف وزار هي بيمار آهي ڪير
شابس هجئي اي ماهه لقا هيئن ڪڏهن پڇيئي
مهجور ومست طالب ديدار آهه ڪير

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

نگاهه ڪيف آور سان ٻه هڪ ظالم ادا سان گڏ
الا جي ڪئين هلي ٿو يار هن تيرِ قضا سان گڏ
قيامت آهه ڪج رفتار جي پويان هلڻ هردم
جوان ٿو طفيه جڻ آهيان روزِ جزا سان گڏ
اچي پيئي پاڻ مان مونکي سڄڻ سرهاڻ اچا تنهنجي
فقط هڪ پيرو تون ويٺو هئين گدلي گدا سان گڏ
انهي دو آتشي مان اڄ وري ساقي ڪو ساغر ڏي
پياريو تو جو آبِ ۾ بي حجابي ۽ حيا سان گڏ
معطر ايترو ٿي صبح جو هئي مون وٽان گذري
جو ڀانيم هو اچي پيو پاڻ اڄ بادِ صبا سان گڏ
گنهگارن جي عظمت تي فقط الله ٿو ڄاڻي
جو آهي رحمت عظميٰ ٻه هر جرم و خطا سان گڏ
مان گڏ سڏ هيئن رهان ٿو هر گهڙي محبوب مٺڙي سان
رهي ٿي سمت جيئن هر وقت ۾ قبله نما سان گڏ
ڏٺم جي وَرَ ورن تي ڳوڙها ڳتيل پيچ پيچن تي
مون ڀانيو نانگ پڻ ويڙهيا اٿس زلفِ دوتا سان گڏ
لباس پيري ، مخدومي ٿيا نا جنس منهنجي لاءِ
گذاري ڪين ڪي سگهيس عبا سان گڏ قبا سان گڏ
يقيناً پوري عالم ۾ کي نظر شق القمر ايندو
ڪو بيمار ڏسي محبوب کي بدرالدجيٰ سان گڏ
محبت رنگ نسل ۽ مذهبن کان آهه بالا تر
ڏٺم اڄ طالب الموليٰ کي ڪنهن ڪافرادا سان گڏ

خير محمد منگورجوکيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

عاشقن جو دل سان سهڻا سڄڻ يار عرض ٻُڌ
ڪجهه مهر ڪر ڪا حسن جا سردار عرض ٻُڌ
هڪ پيرو پاڻ وٽ تون سڏائي تہ ڏس پرين
مسڪين نواز پيش ڪندس پيار عرض ٻُڌ
هڪڙي نگاهِ لطف سڄڻ عمر ڪاڻ بس
اکڙيون ڪٿي نهار اي منٺار عرض ٻُڌ
دربان توکي پيرين پئي هٿ ٿو جوڙيان
ڇئجئينس منٺ لاءِ سڏيو، ڊار عرض ٻُڌ
مونهنجا مسيحا هڪڙي نگاهِ ڪرم تہ ڪر
در تي هزار پيا اٿئي بيمار، عرض ٻُڌ
ڪرڪو خدا جو خوف سڄڻ ڪا دوا تہ ڏي
آزاريو آهي عشق جي آزار عرض ٻُڌ
واپس نہ ويندو تنهنجي ڏسڻ کان سوا پرين
آهن هزار طالبِ ديدار عرض ٻُڌ
واهر ڪا ڪر اي منهنجا منٺا ماهرو صنم
سڪ ۾ تين تا هاڻ اچا وار عرض ٻُڌ
طالب هي تنهنجو طالب مولائي تي ويو

اهڙي خبر اٿئي ڪا اي بي پيار عرض ٻُڌ

خير محمد هنگورجو کهڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

صنم ڏيئي سئو سئو ڀيرا ڏسن نه، هڪ ڀيرو نهاري ڇڏ
نئين صبح نئين طرح ڪا، برهه واري باهه ٻاري ڇڏ
سويهاڻي جيڪي ٿيڻو هوندو پو انکي ڏسي رهبو
ٻهاري ۾ خوشي ۾ تون اجوڪا دم گذاري ڇڏ
دلين جا جي ڪيا سودا ته ڏسبي ڪس ڪسر کهڙي
نفع نقصان هن پڙ ۾ وساري ڇڏ وساري ڇڏ
هو دلبر تنهنجي دل وارو ڪڏهن تو وٽ ضرور ايندو
اُتي هر روز اميدن ۾ اڱڻ پنهنجو ٻهاري ڇڏ
ٻيلا پنهنجن پراون جون ڳٽيندين ڪيترين ڳالهيون
تون عادت در گذر جي ڪر ٻيو سڀ ڪجهه وساري ڇڏ
جو مشڪل ۾ نه ساٿي ٿئي انهي جو آسرو ڪهڙو
ته پوءِ سوهڻي نموني ساڻ تعلق ان ڪان ٽاري ڇڏ
وفا جو ڇو رکين ٿو آسرو تون اهلِ دُنيا ۾
جي سمجهو آهين اي انسان ته هن پيهه ڪي نئي ڊاري ڇڏ
وفائي جي تقاضا آهي هرهڪ سان وفائي ڪر
ڪو ٻاري يا نه ٻاري، تون ته پنهنجا قول پاري ڇڏ
ڏسي صورت متان ڀُلجين ڏجين تون ساهه سيرت تي
جي نه ته ورڻ ترڻ سان نئي پنهنجي، ڪٺي دلڙي ڏُتاري ڇڏ
محبت وارو جيڪر توهه ڪارائي ته ڪائي وڃ
مگر ٻي درد جي هٿ جو مٿو پاٽي به هاري ڇڏ
بچائي ڪين رک هر گز، سُيا جو رزق رازق تي
اجوڪي مي ته اي ساقي پياڪن کي پياري ڇڏ
مُرڻ ڪنهن ۾ ٻيلا جي ڪونه آهي طالب المولىٰ
ته پو تون مرد آهين پاڻ پنهنجي ميس ماري ڇڏ

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سندم معيار مينوشي جاميخانا اٿوشاهد
سيئي ساغر سُبو ساقي ۽ پيمانا اٿو شاهد
يلي تحقيق ۽ تفتيش کان ڪو ڪم وٺي هردم
اسان جي يار دانائي جا ديوانا اٿو شاهد
سندم بيمارِي الفت جو دلبر ئي علاج آهي
پڇي ڏسجو هي دنيا جا شفا خانا اٿو شاهد
فقط مونهنجون ۽ تنهنجون ئي آڪاٽيون لڱن پيئون
پڙهي ڏس دلربا هي جملہ افسانا اٿو شاهد
رکيم خرقن جي آلائش کان پنهنجي پاڻ کي پاسي
شهادت ڏيندا ميڪش ؞راز رندانا اٿو شاهد
ڪتان رنجو والم آيا ڪتان هي درد و غم پهتا
اوهان جا يار الطافِ ڪريمانا اٿو شاهد
جڏي مون عشق ۾ مخدومي، پيري طالب المولىٰ
انهي اعمال جا خود شان شاهانا اٿو شاهد

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

منهنجو پنهل اٿو سڄي ڇپر جو ڇٽُ
تنهنجو مُلڪ ۾ مورهون ناهي ڙي مَٽُ
اديون عشق جو هي دستور اٿو
ڏک هڪڙو حياتي جو سور اٿوَ
مونلاءِ محب اکين جو نور اٿوَ
هڪ وير ۾ لاهي قلبون ڪٽُ
مهنجيون داهون مٿان اوهين ڇاٽو گلا
هي آهون آهن ڏک ڏورا پا
مٿان هُن جي ڪيواُت ڪا به گلا
جنهن پيار يو ڪٽي مونکي پيار جو پَٽُ
جڏهن سندس هئَيس تڏهن هيڏيو ڙ ڪيئن
نہ تہ هوند بيئن کي ڏُکڙا ڏنئين
هن طالب کي ڪجهہ ڪين جيئن
انهي ڳالهہ ۾ چاهہ ڪيس آئون چٽ

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

آهي دامنگير هر دم گلعذار تنهنجي ياد
هر گهڙي آهي سڄڻ دلبر ڏُلارا تنهنجي ياد

دمبدم صحت سلامت شال هونديئي يار غار
هر کهين ساعت ۾ آهي ماه پارا تنهنجي ياد

همتِ مردانا چُمندي هر گهڙي تنهنجا قدم
سڀ ڪنهن کي آهي منهنجا پيارا تنهنجي ياد

تنهنجي رخسارن سان برگِ گل ڪري هر هر حسد
ساري گُلشن کي رهي ٿي اڄ نگاراه تنهنجي ياد

هر گهڙي توکي دعائن ساڻ ساريون ٿا گهڻو
طالب المولىٰ کي دمدم دل جا دارا تنهنجي ياد

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ٿي ويا اڄ ملڪ ۾ اي ميڪشو ميخانا بند
ساقي ومغبّچہ و پيرِ مغان، پيمانا بند
اڄ سپهاٽي ميڪدن جا ٿيندا سڀ در سرب مُهر
پنهنجي ئي گهر گهر ۾ ٿي ويندا مڙئي مستانا بند
اصل کان ئي جي رهن بد مست چوپهڻي ڪلاڪ
ڪين پلاءِ ڪنهن کان ٿي سگهندا اهي ديوانا بند
جت شرابِ عشقِ احمدﷺ جون نديون هردم وهن
تا قيامت ڪين ٿيندا سي ڪٽي خسخانا بند
هي يقين آهي ڇڏي ڏيندا پيڻ سيئي پيا ڪ
محتسب جا ڪونہ ٿيندا جُرم ۽ جُرمانہ بند
طالب المولىٰ پيو رستو رهائي جو نہ آهہ
پاڻ کي پاڻهي ٿا ڪن هن دور ۾ فرزانا بند

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

مٺي محبوب جي خاطر غمن دردن کي چرڻو پيو
وڃائي خواهشون دل جون حياتي ۾ اي مرڻو پيو
غمن سورن جي وادي مان ڪري همّت گذرڻو پيو
وري دردن جي دريا کي تڪو تارو تي ترڻو پيو
مون نالو پنهنجو جان بازن جي دفتر ۾ لکايو آ
قدم اڳتي رکي يارو وري پٺتي نه ورڻو پيو
ڪرڻ حاصل رضائي يار معمولي نه ڳالهه آهي
ڏٺي منصور کي آخر جو سر سوري تي ڌرڻو پيو
مٺي محبوب جي مرضي رکڻ جي واسطي هردم
ڏکن جي ڏونگرن کي ڏيل ڍڪائڻ سان ڏرڻو پيو
وڏي تڪليف کائڻ بعد رسيس يرجي در تي
ادا سورن جي وادي مان اکيون پوري به گذرڻو پيو
ديارِ يار هُن پاسي ۽ وچ ۾ عشق جو دريا
رکي هو سِيل سُهڻي تڪو سو تار ترڻو پيو
چيو محبوب سر ڏيندين ته ٿيندين طالب الموليٰ
گهڙي ۾ پاند پائي شرط هي منظور ڪرڻو پيو
خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

خبر ڪانهي دلِ مجروح جو مرهم ڪڏهن ٿيندو
هو رشڪِ ماهرويانِ جهان همدم ڪڏهن ٿيندو

يلا پيغام بر دلبر کي منهنجي ياد هئي يا نه
سچي ڪر ڳالهه هو مونسان شريڪِ غم ڪڏهن ٿيندو

يلا نوشن کي پُر ساغر کپن ٿا اي سندم ساقي
انهي ڇُڪري منجهان ڪو ڪيف جو عالم ڪڏهن ٿيندو

جي ڪنهن سفلي لباس فاخره پاتو ته ڇا ٿي پيو
ڪٿي ڪو ڇا به ٿي پر نود مان ريشم ڪڏهن ٿيندو

ڳڌه گهوڙو نه ٿي سگهندو ڪٿي سو ڪر ڪرا هتجن
شغالِ شوم بد اختر يلا ضيغم ڪڏهن ٿيندو

اي قاصد طالب المولىٰ جو مي تون عرض ڪج ان کي
سجڻ دل جو هجوم غم الاجي ڪم ڪڏهن ٿيندو

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڏچين پيو سنگدل گهورڻ جي گهائل کي اچي ويجهو
تون ڪجهه بيهي ته ڏس هڻ نيم بسمل کي اچي ويجهو

سڻ تون حسن جي دولت تي جو مغرور ٿيو آهين
هٿين جو ٿو پيارا دستِ سائل کي اچي ويجهو

ٿيو موجن ۾ مطلب ور وري اي ناخدا واپس
ٿي منهنجي هاڻ دل گهبرائي ساحل کي اچي ويجهو

خبر ٿئي تنهنجي آئي ير وهي ۽ واپري چاڻو
خدارا گوش رک سيني تي اڄ دل کي اچي ويجهو

اهو خود جلوه محبوب جو نرڙو اٿئي نادان
پلي ڪوشش ڪري ڏس ماه ڪامل کي اچي وجهو

ڏنو پيغام حق جو آخري دم تائين جانبازن
۽ هر ڪربلا ۾ پنهنجي قاتل کي اچي ويجهو

تون وقتِ نزع همت سان نيائي وڃ نيائي وڃ
"مسافر ڪين ڪي گهبرا منزل کي اچي ويجهو"

اهوئي معرفت ماڻيندو آخر طالب المولىٰ
پتو حق جو وٺي جو باطل کي اچي ويجهو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ثاني جهان ۾ ناهه بديع الجمال جو
ڪنهن سان ڏجي مثال عديم المثال جو

مشرق ۾ ان جو مٽ نه ڪو مغرب ۾ جو ڏجيس
ساڳيو حال آهي جنوب و شمال جو

ان جون اکيون ٿيون ياد پيون، ٿو جڏهن ڏسان
صحرا ۾ بيهي ٻوڙي نهارڻ غزال جو

پنهنجو ته صلح ٿي ويو پر بدل بدڙي صنم
هاڻي سوال آهي رڳو يرغمال جو

ڦرين تون پاڻ ماروي ڇي پو دل کسي
سالڪ ٻڌايو خوب آهي نڪتو ڪمال جو

مونکي اميد وصل زياده پسند آهه
خواهان زمانو آهه صنم جي وصال جو

ان جي ٿي خاڪ پائي ڪي ڪحل البصر ڪجي
جيڪو ثنا خوان آهه محمد ﷺ جي آل جو

ٻي هر ڪا چيز آهه ملڻيا جتي ڪٿي
افسوس، آهه ڪال محبت جي مال جو

سو دور ٿا جيڪي ڪن آهي گمنام ٿا رهن
روشن جهان ۾ نام سائين دلال جو

احسان مند ڪو ڪو نظر ٿو اچي ڪٿي
آخر ته آهه وقت اهي قحط الرجال جو

تنهن کي زماني ۾ نه ڪڏهن ايندي شڪست
جيڪو ٻڌارو وشد و فقط ذوالجلال جو

والله آهه جانور انسان نما اهو
جيڪو رکي نه فرق حلال و حرام جو

محبوب جو اي طالبِ مولا جواب ناهه
هاڻي اتي سوال ٿي ناهي سوال جو

خير محمد الڪڙو جو ڪرم

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

لهي ٿو جيڪو اڀرڻ بعد سو شمسِ قمر ڪهڙو
دوام آهي نہ جنهن ڪي سو ڀلا شام و سحر ڪهڙو
پڙهڻ ڪان بعد جو وسري سو الفت جو اڪر ڪهڙو
جو منزل ڪان اڳي وڇڙي وڃي سو همسفر ڪهڙو
خوشامد تي رهي راضي ملامت ڪان ڊڄي هر دم
انهي انسان بزدل جو ڀلا چئبو جگر ڪهڙو
ها بيڪار آ بيڪار آ جا چشمِ نم ناهي
وسڻ ڪان اڳ وڃي موٽي اهو ڪارو ڪڪر ڪهڙو

نہ جنهن جي زندگي ۾ جلوه گر جرم و خطا آهي
ٻڌئي اي واعظِ بي پير سو آهي بشر ڪهڙو
اهو منزل ڪي ماڻيندو جو ڪنڌ ڪيڏهن نہ ڦيريندو
هٽي لوٽا جو هر ڪنهن هنڌ ڀلا انجو سفر ڪهڙو
ڏڪارن پنهنجي در تان سنگدل جي آ سدا عادت
نظر ۾ جو رکي هردم سو منظورِ نظر ڪهڙو
طبيبِ مهربان وقتي شفا مان ڇا ڀلا ڏيندو
علاجِ درد دل وارو سو نسخو ڪار گر ڪهڙو
نہ جنهن ڪان سنگدل بيچين ٿئي اي طالب المولیٰ
پو تنهن جي درد واري دانهن ۾ چئبو اثر ڪهڙو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عاشق هي تنهنجو مشڪل آسان ڇو نہ ٿيندو
محبوب نيٺ تو وٽ مهمان ڇو نہ ٿيندو

هن طرح ساڻ طالب مطلوب جو جي ٿيندين
پو هوبہ تنهنجي خاطر حيران ڇو نہ ٿيندو

بجلي نگاه واري چمڪائي دلربا جي
عاشق جي دل جو ارمان ڇو نہ ٿيندو

هن جي جمال واري يارو ڪمال تان اڄ
شمس و قمر جو جلوو قربان ڇو نہ ٿيندو

جيڪر ڪٿي هو چاهي دل سان ڏي اجازت
سلطان ان جي در جو دربان ڇو نہ ٿيندو

ڪوشش ڪبي تہ آخر روزِ الست وارو
پورو سو نيٺ پنهنجو پيمان ڇو نہ ٿيندو

دولت سندي نشي ڪان ري فضل رب جي انسان
قارون ڇو نہ ٿيندو، هامان ڇو نہ ٿيندو

رهبو پري سڪن ڪان سر تي ڪٽي ڏکن کي
هي هر بلا جو دافع سامان ڇو نہ ٿيندو

هڪڙي سڄڻ جو تي رهہ طالب سدائين محڪم
هن تي انهي وفا جو احسان ڇو نہ ٿيندو

طبع محمد هنگورجو کهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سهڻجي دردن کي ڏسي جوروجفا روئي ڏنو
ڇا ٻڌايان يار سورن جي سزا روئي ڏنو

جڳ جهڙن دم ٿيو نه عاشق جي ثنا خاڪ ٿي
اهڙي حالت ۾ ادا ظالم قضا روئي ڏنو

سنگدل پڻ موم ٿيو سهڻجي حال زار تي
هن رڳو پاڻ مگر نارو ادا روئي ڏنو

غنچهء دل اڄ کلي ڪين اگ ورو ڪو مانجهي
اهڙي حالت کي ڏسي باد صبا روئي ڏنو

سر زمين ڪربلا تي جڏهن گهڙي هو ڪوس ٿيو
خود قضا روئي ڏنو ارض و سما روئي ڏنو

يار يابي جي عيوض در نان خذهر لوڏي ڪڍيين
فرطِ غم کان اي منا هر التجا روئي ڏنو

وڻ جي حالت ۾ هو آيو عيادت لاءِ جو
مان ته کلندو ٿي رهيس پر دلربا روئي ڏنو

دلربا جڏهن دم ٻڌايو ته ڪريون تنهنجو علاج
عشق وارو خوش ۾ درد لا دوا روئي ڏنو

هو وڌايو مون ڏي جڏهن دم دلربا دست عطا
طالب المولىٰ خوشي کان ٻي عطا روئي ڏنو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

يار سامهون جو بي نقاب آيو
دل جي دنيا ۾ انقلاب آيو

همڪناري جو حظ ٿيو حاصل
هجر جي جنهن گهڙي ۾ خواب آيو

آمدِ يار چا چوان يعني
شبِ ظلمت ۾ ماه تاب آيو

تون دوباره پرين ٿو پيار ڪرين
جڻ تہ پيري اندر شباب آيو

جن ڪان هجّت ٿي طالب المولىٰ
تن تي آخر وڏو عتاب آيو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

پير مغان ڏي جيڪو بصدقِ تمام ويو
سيراب ٿي ويو اگر تشنه ڪام ويو

عقل و خردِ هزارين تمنائون ٿي رکيون
جنهن وقت آيو عشق ته سودائي خام ويو

محبوب ٿئي جدا ته اها زندگي به مرگ
ري يادان جي نڪري جو دم سو حرام ويو

هن جا ڪئي نظر ته خريدي ڪئي ڇڏيئين
اقرار آهِ قلب اچي زير دام ويو

آداب عرض عيد مبارڪ هجي يلا
ساقي پري ڏي جام جو ماهِ صيام ويو

نالي تماچي پيا گهٽا پيا سُجهن مگر
نوري جي نيهن وارو ٿي جامن جو جام ويو

مون کي ته منهنجي ڪجهه به خبر ڪانه پئي مگر
منهنجو ته هڪ نظرِ مِئي ٿي ڪم تمام ويو

طالب ٿيو ميڪده جي طرف رهگذار اڄ
ڏاڍو چنگو ٿيو سُوئي دار السّلام ويو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

زماني جي خوشي کي مون سدا جور و جفا سمجهيو
مگر ظالم جفا تنهنجي کي مون مهر و وفا سمجهيو

ٻڌايان ڇا ته مون کي آهه ڇا تو دلربا سمجهيو
۽ پنهنجي دل ۾ مون توکي اي دلبر آهه ڇا سمجهيو

حقيقت لال هٿڙن جي ڪڏهن ٿي ڪين ڪي معلوم
مگر عاشق جي خون دل کي مون رنگ حنا سمجهيو

نه تنهنجي در تان سر ڪٽيندس قيامت تائين اي دلبر
نجات اخروي جي لاءِ هي سجدو مون بجا سمجهيو

سهندءِ ڏک درد بهتر غير جي آهن خوشامند کان
مگر بيمار غم سورن کي پنهنجي لاءِ دوا سمجهيو

نه پروا آهه سيم و زر جي دنيا ۾ ڪڏهن مونکي
مون ان جي خاڪ پاڪ آستان کي ڪيميا سمجهيو

ڪيو جن پاڻ تن کي ڪجهه نه حاصل ٿيو ڪڏهن ڪنهن پر
انهن کي سڀ مليو پنهنجي خطا کي جن خطا سمجهيو

اي يارو پردهءِ محبوب جو ڪهڙو پتو ڪنهن کي
خدا کي جنهن نه سمجهيو تنهن بت ڪافر کي ڇا سمجهيو

اي واعظ بي خبر آهين اڃان دل جي حقيقت کان
تو اي تقليد وارا ڪعبي کي شايد خدا سمجهيو

نه منهنجي راز دل کان آهه واقف خلق اي دلبر
مون توکي آهه ڇا سمجهيو سو بس آهي خدا سمجهيو

اکين مان جذبهءِ الفت جو قطرو ٿو ڪري پٽ تي
انهي کي آهه طالب يار گوهر بي بها سمجهيو

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

دستِ شفقت آ مون تي جاني جو
هي سبب منهنجي بي زباني جو

خود هلي يار آيو آ مون وٽ
ٿيو اثر منهنجي ناتواني جو

مهربان مون تي ٿي مٺا مهرو
قدر ڪر پنهنجي مهرباني جو

ٿي نه عاشق تون ارزان محفل ۾
قدر آهي گهڻون گراني جو

خشم آلوده ٿي پلي ڳالهائي
ٿو اچي لطف خوش لساني جو

ناهي معلوم ڪنهن به انسان کي
ڪهڙو مقصد آ دار فاني جو

ٿيو غنيمت جهان ۾ منهنجي لاءِ
باهمي رهڻ يار جاني جو

ڏات ڏاتر ٿو ڏي ڏسي اعمال
فخر ڪر ڪو نه خانداني جو

حسن وارن جو ٿي رهيس طالب
وقت ائين گذريو جواني جو

خير محمد هنڱورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىؒ

سنگدل موم دل اگر نه ٿيو
چئبو آهن ۾ ڪو اثر نه ٿيو

مونکي هاڻي ڪپي مسيحائي
ڪو علاجن مان ڪارگر نه ٿيو

تنهنجي لوڙ تي پڙ وري آيس
چاڪريان وقت هيئن بسر نه ٿيو

دل پلي تو ڪان مان رهان ويهي
وس گهڻو مون ڪيو مگر نه ٿيو

سوين دنيا ۾ ڦتون آهن
قيد خانو ٿيو هي گهر نه ٿيو

روبہ ڪعبه خيال ۾ هو بت
مون ڪان واعظ هي عمر پر نه ٿيو

جنهن کي ساقي ڪيئي پياري پر
مست ٿيو پر هو بي خبر نه ٿيو

تو روا مون تي ظلم ڪئيو هر دم
خوب ٿيو پر هي خوب تر نه ٿيو

طالب المولىؒ هت ڪئي الفت
گڏ انهي ڪان ته سيم و زر نه ٿيو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

اڄ منهنجي اچي ڀيڪر گهڙي گهاريو خدا ڪارڻ
ڪيل اقرار اڄ پنهنجا سيئي پاريو خدا ڪارڻ
اسين هڪ پل اوهان جي ياد کان غافل نه آهيون پر
اوهين صدما ڏئي هر هر نه ڪي ماريو خدا ڪارڻ
ڪريون ڇا دل ڀلي ويئي تڏهن مجبور ٿيا آهيون
نظر ڪا رحم جي ڪريو نه آزاريو خدا ڪارڻ
اوهان جو آسرو آهي هميشه غم جي دريا ۾
وٺي هٿ مان اچي اڄ تار مان تاريو خدا ڪارڻ
سوين صدما اوهان جي سڪ ۾ مون سر تي سٺا آهن
ڀلا اڄ ماهرو منهنجو ڪو ڏيکاريو خدا ڪارڻ
نه محبت ڪا اوهان سان ٿا ڪريون پر هي صدا آهي
وصالي جام طالب کي پرين پياريو خدا ڪارڻ

خير محمد هنڱورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

دلربا تائين پڄڻ ري پور ھي پلبو ڪونھ
ھا مگر ڪنھن غير سان اڄ روح ڪجھ رلبو ڪونھ

جنھن سان الفت ٿي وئي تنھن کي نڀائڻ ٿيو ضرور
ھي يقين آھي تہ مشفق کي ڏبو دلبو بہ ڪونھ

ھو حسين نازڪ مزاج آھي سندس رکبو خيال
تنھنڪري ھن ساڻ ھڪدم سور سيِ سلبو بہ ڪونھ

ھو جي ڏورا پا ڪٽي ڏي ويھي پڏبا ڪن ڏئي
عاشقِ نادان انھيءَ کي ڪين جھلبو بہ ڪونھ

دل تہ ھڪڙي ھئي جا ھڪڙي جي حوالي ٿي وئي
ھڪڙو ئي در آھ بس ٻي در وري ھلبو بہ ڪونھ

طالب المولیٰ ڪبي تسليم پنھنجي ھرخطا
پوئي ملنديون سي معافيون اُت جڏھن البو بہ ڪونھ

خير محمد ھنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

ھڪ وار ھڻ ڪٺي تون ٿي دل نوازڻ ساءِ
ڪريان نيازڻ منڌي اي بي نيازڻ ساءِ

وٺي عمر گذري ساري جور و جفا ڪرين ٿو
ھاڻي ته جانِ من تون ٿي صلح ساڻ ساءِ

محبت ۾ گڏ گذاريون ڪجھ درد غم ٻڌايان
والله ڪون آھي ڪو حرص وآز ساءِ

مان عشقبازڻ آھيان مان درد مند آھيان
ناھيان ڪو يار جاني مان فسقبازڻ ساءِ

مان بيوفا سھي پر موون کي ٻڌاءِ دلبر
تو وٽ انھي جو ڪھڙو آھي جوازڻ ساءِ

تو سان ڪيم محبت ھي ڏوھ ڪھڙو ٿي پيو
انجو يقيناً اي جان آھيان مجازڻ ساءِ

اڄ وره ٿيا وڇوڙي اڄ منھنجي گھر مٿا تون
مان راڙ تو سان سليان تون ڪر ڪي نازڻ ساءِ

منھن مَٽ جيڏي ڏي ھاڻي منت ڪٺي مٿاڇ
مھجور ساڻ ڪر ڪا اڄ سازباز ساءِ

اڄ وره ٿيا وڇوڙي اڄ منھنجي گھر مٿا تون
مان راڙ تو سان سليان تون ڪر ڪي نازڻ ساءِ

طالب ھلي ٿو مولا تنھنجي ٿي آسري تي
الحمد الله آھي ھو سر فراز ساءِ

خير محمد ھنڱورجو ڪپڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولي ؒ

همنوا نو آه بس هڪ ساقي مهوش جي ڪاڻ
رند ميخاني جي ڪاڻ ۽ بي به ڪنهن ميڪش جي ڪاڻ

ڪن نگاهن لاءِ آتو آهيان مان روز و شب
جيئن ٿي تيرن کي ٿئي هڪ صاحبِ ترڪش جي ڪاڻ

جي ٿين جور و جفا تن جي نه ڪا پرواه آه
پر مٺي محبوب جي هر دم رهي تابش جي ڪاڻ

رند بازاري گهڻا پر رند ميخانا قليل
مون کي آهي تن بلانوشن جي ۽ بي غش جي ڪاڻ

دَور دنيا جا گهڻئي ڦرندا ۽ ڱرندا ٿا رهن
تن سين جي هوندي دل کي بره جي بارش جي ڪاڻ

وصل جي مقصد جي لاءِ هلندا ني رهندا سون سدا
ڪا نه آهي جاد هءِ منزل سندي ڪاوش جي ڪاڻ

طالب المولي ؒ رضا تي آه راضي دمبدم
ليڪن آهي ان کي دلدار جي بي شابس جي ڪاڻ

خير محمد هنڱورجو ڪڇي

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

محبت جو ذرو ئي ڪونہ آهي نڪتہ چينن ۾
ڏسڻ عيبن کي عادت آ سدا باريڪ بينن ۾
نظر نور و ضيا هر دم اچي ٿو مه جبينن ۾
پلا ٻيو ڇا رکيو آهي گلن جهڙن حسينن ۾
پلي جاروب ڪش ٿي رہ مزارِ اهل دل تي تون
خبر نا اهل کي ڪهڙي تہ ڇا آهي دفينن ۾
وجي تون حال پنهنجو اور بيشڪ بي حجابي سان
اڃان انصاف زنده آ ہ دل وارن امينن ۾
شرابِ تلخ ڪيف آور ۾ جيڪي مون ڏٺو آهي
اها لذت ڪٿي هوندي هُتي جي انگبينن ۾
ملڻ تي ٿو اچي مولا تہ پاڻهي ٿو ملي طالب
نہ سالن جو سوال آهي نہ ڏينهن ۽ مهينن ۾
اميري ۾ فقير ، فقيري ۾ امير آهي
اهو هڪ طالب المولائي سجاده نشينن ۾
چون کي مست کي مفتون تہ کي شاعر پيا چاڻن
هي آهي طالب المولیٰ جو چرچو نازنينن ۾

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

آھ پنھنجي ٿي وڃي باد سحر کان اڳ ۾
سڀ ٿو معلوم ٿئي ھن کي خبر کان اڳ ۾

رقتِ قلب کپي ديده تر کان اڳ ۾
درد دل پيدا ٿيئي ٿو درد جگر کان اڳ ۾

ھمنوا اشڪ ندامت ٿي سبب بخشش جو
جي ٿا مقبول ٿين دُرّ و گُھر کان اڳ ۾

آھي ويرانيءَ گلشن ۾ ٿي اميد بھار
ٿو اچي دور خزان برگ و ثمر کان اڳ ۾

مان نه انکي ٿي ٿو غمخوارِ مونس چاٺا
ڇو نه مون وٽ ٿي اچي شام سحر کان اڳ ۾

مونکي ھُن جي ٿي جمالِ رخ تابان موھيو
دل ھٿان ويئي ھلي دزديده نظر کان اڳ ۾

سر نه سر آه مگر يار جبين آھي جبين
ڇو نه ھر نقشي قدم ٿي چمي سر کان اڳ ۾

جاده عشق ۾ ھر وقت جنون ٿو گھرجي
ھت کپي ازم سفر رخت سفر کان اڳ ۾

منزلِ عشق ۾ رھزن ٿا ٿين عقل و خرد
خوب ھشيار ٿجي فتنه و شر کان اڳ ۾

اي دل نادان خبردار متان تو کو اچيئي
حسن ظن کم ٿو ڪري حسن نظر کان اڳ ۾

غم نه ڪر طالب مولا تون پريشاني کان
ھونديون آھن اھي ھر فتح و ظفر کان اڳ ۾

خير محمد ھنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي!

شمع محفل هو هجي پرپور پيمانا هجن
اهڙي هنڌ هلجي جتي هرگز نہ بيگانا هجن
سادگي هوندي تہ چاهي پل تہ خسخانا هجن
پر اتي ڪي ماهوش مي هوش مستانا هجن
هو هجي ۽ مان هجان آباد ويرانا هجن
نگسي چشمن اندر انداز دزدانا هجن
ڪج ادائن جي هٿان ڪي جام نيرانا ملن
اڄ وري ميڪش هجن ساقي ۽ ميخانا هجن
آزمايو سون ادا هروقت فرزانن ڪي خوب
آزمائش تي پڌائي اڄ ڪي ديوانا هجن
هاڻ همدردي گهري تي يار منهنجي نفسيات
ڪِن جا هٿڙا مون تي شاهانا شفيقانا هجن
هن جي شاهانا طبيعت ڪي جو ڪرڻو آه شاد
خدمتِ محبوب ۾ نڪتا ضريفانا هجن
يوءَ ڪري پو تو چوين الحمد الله محتسب
پر خدا جي لاءِ بڪ هوندي بہ شڪرانا هجن
ڪي قدح خورڪي قرابہ ڪش تہ ڪي پيمانہ نوش
ساقي تنهنجي ميڪده ۾ مرد مردانا هجن
همنشينو غور سان هر شخص ڏسجو پو مٽان
جن ڪي فرزانا ٿا سمجهو سيئي ديوانا هجن
واعظِ بي پير تون سُرڪين منجهان سمجهين ٿو
تنهنجي لاءِ هر روز ظهرانا ۽ عصرانا هجن
اڄ حرم ۾ شاه همدوشِ گدا هر گز نہ آه
ڇا ڪجي ڪرسي نشينن تي ڪي جرمانا هجن
طالب المولي!جي آهي هي تقاضا ۽ طلب
هِت فقط پيمان شڪن گهرجن ۽ پيمانا هجن
طالب المولي!جتي مولا ملي ٿو دم بدم
سي مٽان دلبر فقيرانائي ڪاشانا هجن

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اڄ نگاهہ ساقيءِ مهوش کان پي آيو آهيان
زيست ٿين حاصل ڪيم محفل مان ٿي آيو آهيان

منهنجا لب ميرا ڏسي محبوب حيران ڪين ٿي
تنهنجي در پهچي قدم پنهنجا چمي آيو آهيان

سنگدل پنهنجي جفائن ۾ ني ڏي مونکي پناه
مان انهي ظالم زماني کان ڀڄي آيو آهيان

مون ڇڏيو توتي پيو، پنهنجو پرايو تون ڪرين
ساري دنيا کي ڇڏي تو وٽ هلي آيو آهيان

اي ڪناري جا ڏٽي ٻوڙين يا تارين تنهنجي وس
پنهنجي ارمانن جي ڪشتي ۾ چڙهي آيو آهيان

يار اڄ مجبور پيرن جي صدقي ڪج معاف
تنهنجي دربان کي ڌڪي زوري گهڙي آيو آهيان

تنهنجي شوخين جي شڪايت ڪن مٺا نازڪ مزاج
پنهنجي جذبن آرزوئن سان وڙهي آيو آهيان

منهنجي ڏوراپن سڄڻ هاڻي جا ٻي صبري ڪئي
تنهن ڪري تن سان هميشہ لاءِ رُسي آيو آهيان

مون عبائن ۽ قبائن ۾ ڏٺا لات و منات
تنهنجي در پير مغان ڇاڻي ڀڄي آيو آهيان

ميڪشي خوبان پرستي سان گڏ زهد ريا
خانقاهن ۾ خداجو سنهن ڏسي آيو آهيان

سر رکيل سجدي رياني ۾ جدل دنياساز گڏ
تن کي پرکيو تہ کھٽو جن سان رهي آيو آهيان

سبحہ و سجاده دلق و خرقہ اڄ آهي ٺڳي
مسجدو مندر ڪليسا سب گهمي آيو آهيان

شيخ واعظ محتسب جي اڄ ڏسي ڪردار کي
ميڪشي ماحول ۾ موٽي وري آيو آهيان

پيري مخدومي رکي تہ رهن هڪڙي جام لاءِ
سب ڏئي آيو آهيان ۽ ڪجھ وٺي آيو آهيان

طالب المولیٰ جي هاڻي عمر تو وٽ گڏ رندي
ساقيا سمجهي سُٺي سنيري سهي آيو آهيان

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اي ساقي دخترِ رز سان حلالا ڪري ونون
وقت آ، خوب نوش پيالا ڪري ونون

اي جذبه، جنونِ محبت ٿي هوشيار
ذهنِ حبيب کي تهوالا ڪري ونون

لڳ مان ٿو مي فروش ٿيان تون ٿي باده نوش
درد والم جا خوب ازالا ڪري ونون

ڳجهه ڳوهه ۾ لڪين ٿو پيئڻ لاءِ محتسب
ان سان کي ميخوري جا قبالا ڪري ونون

مفتي پيئڻ کان پوءِ ڪري ٿو صحيح ڳالهه
گڏ کي جواز مي ۾ حوالا ڪري ونون

طرفين مان حجاب ڪجي دور هن طرح
مي سرخ کي ڪٽي تادالا ڪري ونون

لڳ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو
پيمانا تلهي لاءِ گل و لالا ڪري ونون

اڄ مي گلگون ۽ گلبو جون صراحيون پيو ڏسون
هن جهانِ رنگ و بو ۾ چار ڏم ٿي جي ڏسون

خرقه وسجاده وعظ وملامت ڪجھ نه ڪيو
ڪنهن مغني جي صدائن ۾ وڃي گم ٿي ڏسون

مي جهان آهي ڏسڻ پر ڪڻ پروڙڻ جو مقام
پاڻ کي سمجهون رڳو ڇا هوڏسون ڇا هي ڏسون

خود فريبي پاڻ کان ساري حياتي ڪانه ٿي
خود فروشي پيا ڪيون جت ڳاله ٿا اهڙي ڏسون

ڪيئن اتي سر ساھ ۽ جند جان جو سودو ڪجي
طالبِ دنيا ته ٿيون ان ۾ به ليڪن ڪي ڏسون

واعظِ بي پير وانگر خشڪ هرگز ڪانه آھ
رفتِ قلبي کان عاشق جي ٿا اک آلي ڏسون

هر رڳو دل آھ جا دردن سان پريل ٿي لڳي
هن زماني ۾ پيو هر ڪانو ٿا خالي ڏسون

محتسب واعظ ۽ شيخ شهر ٿئي بي درد ٿيا
هل ته ميخاني ۾ اي طالب ڪي مولائي ڏسون

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

خشا قسمت جو پنهنجي درد واري دل به ما ٿي سون
سرورِ جاودان جي محبت وٽ محفل به ما ٿي سون

جتي مارڻ جي بدران نيم بسمل ٿا رکن هر دم
محبت ۾ سوين پيرا اها مقتل به ما ٿي سون

خريداري کان وڌ لذت ملي ٿي خود فروشي ۾
رهي بي لوث هر دم زيست بي حاصل به ما ٿي سون

جتي عاشق جي بدلي پاڻ کي محبوب مڃيو پيو
خدا شاهد انهي معراج جي منزل به ما ٿي سون

اهو هڪ امتحان جو جوڳ سختي سان ويو گذري
مليو مشڪلشا تنهن جنهن مشڪل به ما ٿي سون

هتي هر ڪو وڃائي پو ڪٿي ٿو طالب المولىٰ
ٻنهي کان پوءِ آخر لذتِ ساحل به ما ٿي سون

خير محمد هنگورجو ڪهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اڄ وري ور هڻن کان پو جذبات سان رانديون ڪجن
سو خوشيءَ ۾ صورت حالات سان رانديون ڪجن
حسن جي برملا جي رعنائن ۾ اڄ گم ٿي وڃون
زاهد جي پير جان طاعات سان رانديون ڪجن
زندگي پڻ راند آهي ڪو ڪٽي ڪو هارجي
جي مئي گلگون هلي خطرات سان رانديون ڪجن
عشق جي پروا جي طاقت تي ڪڇون پروانه ڪا
عقل جزوي جي وڏن شبهات سان رانديون ڪجن
هن بهار جانفزا مان فائدا وٺجن ضرور
وصل جي ڏس ۾ هلون خدشات سان رانديون ڪجن
محتسب جي هاڻ بکواسن ڏي ڌيان ڪو ڪين ڪجي
لغو گوئي ۽ سند سرڀات سان ڳالهيون ڪجن
اڄ پياريون ۽ پيئون، مستيون ۽ مدهوشيون ڪريون
خوب پيمانن ۽ مشروبات سان رانديون ڪجن
بس ڏسڻ ۽ وائسڻ تي اڪتفا ڪهڙي ڪجي
دل جي مرضيءَ سان احساسات سان رانديون ڪجن
يار اڄ زهد ريائي جا ڇيون ڪي بند سڀ
طالب مولائي پنهنجي ذات سان رانديون ڪجن

ضمير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

خدا ڳولھا فراموش چشم يار آهيان
ڪهين حسين جي شوخن جو يادگار آهيان
نگاھ ناز جو مقتول بار بار آهيان
وشهباز محبت جوني شڪار آهيان
مثال چاڪ گريبان تار تار آهيان
يلو برو سهي پنهنجي ڳچي جو هار آهيان
انهي يقين تي دل منهنجي مطمئن آهي
ته پنهنجي عشق محبت ۾ مانه بار آهيان
هي منهنجي يار جا ڪم جو نه موکي ڪياٿين پسند
مان پنهنجي بخت کان بيحد تي شرمسار آهيان
يقين سان وفائن تي اعتماد اٿم
اچان جيان نو جو آخر جي جيار آهيان
پو جا ٿيو جو نمڪ خوار ڪين تي سکھيس
اي منهنجا ساقي مان تنهنجو نه باده خوار آهيان
غضب جو عشق غضب جو فراق مليو
مان پنهنجي دور ۾ يڪتائي روزگار آهيان
وٺن ڪرار نيون مون وٽ تي بيقرار يون اچي
انهن جو مان تي ته غمخوار و غمگسار آهيان
فقير پير ۾ مخدوم طالب المولي
مگر جهان جو خادم خاڪسار آهيان

خير محمد لشڪر جو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ڪڪ نہ ٿي محبوب منڌا مُور مستاني منجهان
شمع جو بيزار ٿئي پنهنجي ئي پرواني منجهان

مٽ پُراڻا ڪول ساقي جي ويا آهن مڃي
مي پُراڻي جي اچي پني بوءِ ميخاني منجهان

دلربا آتم ڪهاڻي بي حقيقت ٿي نہ پني
منهنجو ناڻو جي ڪڍيو تو پنهنجي افساني منجهان

مي پين سان ناهي مطلب تنهنجي اوبر ٿي ڪپي
منهنجا ٻولن ڏي ڪا ڇڪڙي پنهنجي پيماني منجهان

اڳ هنين در تان ڌڪيندو اڄ خوشامد ٿو ڪرين
هاڻ شايد تنگ ٿي پنين پنهنجي ديواني منجهان

پاڻ ئي آهي ڏيو پنهنجي شرافت جو ثبوت
نسل جو پوندو پتو ڏاڏي منجهان ناني منجهان

ياد رک دولت پرستن ۾ نہ رکبو اعتماد
جو اپيلون لاهيون مسڪين مرداني منجهان

طالب المولي اڪيلاني ڪان تون گهبراءِ ڪين
غور ڪر جوڻا سوين داڻا ملن ڪاڻي منجهان

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

زماني ۾ ته غم آهي شريڪِ غم ڪٿان آڻيان
سوين موجود هم صحبت مگر همدم ڪٿان آڻيان

هتا جي لڙڪ اکڙين ۾ ڪيم نذرانو دلبر جو
انهي هوندي نٿو ريجهي ته پو قلزم ڪٿان آڻيان

هومنهنجي حال جو محرم، چوي ٿو تي نه تون غمگين
مگر هي ڪير سمجهائي، دلِ بي غم ڪٿان آڻيان

فقط زخمي ڪرڻ جي ڪاڻ، بس آهن هزار اکيون
مگر اي واءِ قسمت، صاحبِ مرهم ڪٿان آڻيان

ڪنرس جام سفالين، پيش خدمت پنهنجي ساقي کي
انهي هوندي نٿو ريجهي، ته جامِ جم ڪٿان آڻيان

هو منهنجا لڙڪ ٿي ويا خشڪ،سبب اج شدتِ غم کان
حضور يار ۾ آخر، مان چشمِ نم ڪٿان آڻيان

خدا تنهنجي دنيا ۾، پنهنجو وارو به ڪو ڪونهي
وڃان ڪيڏهن ۽ دل جي راز جو محرم ڪٿان آڻيان

ڏسي من رحم آڻي سنگدل اي طالب المولیٰ
نصيبن کي چوان جوهودم ماتم ڪٿان آڻيان

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اسين مڪين سر رهگذار يار آهيون
اسين هڏاني نگاهه شرار بار آهيون

اندر ۾ درد وغم ورنج بيشمار آهن
اڪيلا آهيون مگر پاڻ ۾ هزار آهيون

اسان کي در تان ڌڪارڻ مان يار ڇا ورندءِ
گنهگار سهي تنهنجا رازدار آهيون

شراب لعل جي هرگز نه آڃ ڪر ساقي
اسين مي لب گلگون جا بادهه خوار آهيون

جي دست بوسي عطا ٿي نه پوڻ قسمت
اسين نه پير چمڻ لاءِ بيقرار آهيون

اسان جو عشق هميشه ڪڏن آهي غيرت مند
اسين به مملڪت دل جا شهريار آهيون

ڌڪي جي ڏار ڪيو دلربا نه ڇا ٿي پيو
سندس اي درد سان هر وقت هم ڪنار آهيون

جتي رکي سون جبين ساڻي جاءِ ڪعبو ٿي
حضور ذات ۾ هر وقت سجدهه بار آهيون

خطا معاف ڪنارا ڪشي غلط آهي
اڇي نه ويهو ڏسو ڏاڍا قرب دار آهيون

خبر اٿئون نه اوهان هان آهه پڇتاڻيو
ڇرڻيا ٿي آهيون محبت ۾ ڪين ٻار آهيون

نشست آهِ سري راهه طالب المولىٰ
ڪنهين جي ڪڏن سدا وقف انتظار آهيون

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مونکي مستانو ڪيئي زلف پريشان جو قسم
يار ٿيو تير نظر سيني مان مژگان جو قسم

ري پيارڻ پنهنجي عاشق کي ڪيو مخمور تو
مه جبين مون کي سنڌ چشم غزالن جو قسم

عاشقن تي تو ڪري تنهنجو ڪلڻ بجلي جو ڪم
مونکي آهي يار تنهنجي روءِ خندان جو قسم

تنهنجي هر هڪ مرڪ تي برق وشر پئي ٿيا نثار
جاڻي مولا آهي تنهنجي روءِ خندان جو قسم

تون ٻه ڪنهن دم اي فلڪ سچ جاڻ ٿي ويندين تباھ
قلب احزان جو قسم آھ غريبان جو قسم

قابل ديد آھ دلبر غم جي بيمارن جو حال
تو ڏيان توکي طبيبا درد پنهان جو قسم

چاڪ گريان ظاهر سندم صورت مان سمجهي ڪر علاج
ڏس اچي هيڪر اتئي آشفته حالن جو قسم

تنهنجو سنگ آستان ٿيو سجده گاھ عاشقان
سچ چوان ٿو مون کي تنهنجي خاڪ ايوان جو قسم

سنگدل يڪبار ڏس حال پريشان کي اچي
توکي آهي طالب چاڪ گريبان جو قسم

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

درد جو داستان پڙهي ورتم
دامنِ عشق کي ڪٽي ورتم
دل دريچو آهي دو عالم جو
نٽ پائي نظر ڏسي ورتم
فرطِ مستي ۾ پنهنجي ساقي جو
جام ونڊي کي هٿ چمي ورتم
عشق آيو نه يارن جو سلام
ڪلنڊي ڪلنڊي جهڪي جهڪي ورتم
قال بيحال تنهنجي کي واعظ
سمجهي سمجهي سٽي ورتم
پنهنجي جذبات جي ڏيئي قيمت
درد دل کي ڏٽي ڏٽي ورتم
هن جي رخسار تي نگاهن سان
دل جهلي هڪ چمي ڏيئي ورتم
مونئي ساقي جڏهن نگاه ڪئي
گويا مي جو گلاس پي ورتم
فتح ڪئي عشق طالب المولي
ڪشورِ عشق اڄ لٽي ورتم

خير محمد هڱور جو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عشق جو اعليٰ اثر اسرار هالن ۾ ڏٺم
عاشقِ اڪمل عجب اظهار هالن ۾ ڏٺم

عارفِ باالله بيشڪ بره وارن جو بلو
محب مالڪ مهلقا مهندار هالن ۾ ڏٺم

بي خزان باغ محبت جنهن جي دم سان اڄ بہ آهه
گيان سان گل سو گل و گلزار هالن ۾ ڏٺم

هڪ نظر سان جنهن ڪيو مخمور ميخاني اندر
سو سخي ساقي سڄڻ سرشار هالن ۾ ڏٺم

بي ريا برسيل بهاري سان بهادر باوفا
دلربا دلدار دل جو ٺار هالن ۾ ڏٺم

فيض جنهنجو پيو هلي فياض سو فائض فقير
نينهن ۾ نسريل نسنگ نروار هالن ۾ ڏٺم

پيار جنهن جي ڪيو ڪٺي پروانيجان پڙ ۾ پڌر
پرت وارو سو پرين پڳدار هالن ۾ ڏٺم

آستان تي جنهنجي هر دم ٿا اچن طالب سوين
سو سدا سرور علي سردار هالن ۾ ڏٺم

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

وصل جي شب حسن جي جلوي کان حيران ٿي رهيس
اجنبي جي طرح ساري رات مهمان ٿي رهيس

هڪڙو پيرو ناز مان محبوب مُرکي ڪئي نظر
تاحياتي يار جي مان زير احسان ٿي رهيس

دل جڏهن تقدير جي تدبير تي راضي رهي
پو زماني جي حوادث تي به خندان ٿي رهيس

درد دک ڏسور سختيون يار کا جيڪي مليا
ساهه ۾ سانڍيل امانت جو نگهبان ٿي رهيس

چند سالن کان جهانِ رنگ و بو ۾ آهيان
ورنه ورهن کان ٿي مان خود رازِ پنهان ٿي رهيس

بُعد ظاهر جو ڏسي سي قرب وارا ٿا چون
جنهن بنايو پنهنجو مونکي دور ان کان ٿي رهيس

اڄ چيو دلبر ته چئو ڇا مدّعا دل ۾ اٿئي
فرطِ حيرت ۽ انجي مثالِ جسمِ بي جان ٿي رهيس

يار جي رمزِ تغافل جو شڪار آهيان ضرور
پر بحمد الله جفائن تي به شادان ٿي رهيس

جنهن گهڙي کان واسطو دنياءَ فاني سان ٿيو
گردشِ گردون تي مان مرثيه خوان ٿي رهيس

خوب گذري زندگي خدمت ڪندي دنيا ۾ پر
يار ڇو اغيار وٽ هروقت نادان ٿي رهيس

ٿو چوي هرڪو هي آهي طالب المولىٰ چريو
ڪيترو لکندي به هرهڪ وٽ نمايان ٿي رهيس

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اوهان کي پيارا نزاڪت تي ناز
اسان کي اوهان جي محبت تي ناز

جهان وارا نازان رهن مال تي
مگر عاشقن کي اذيت تي ناز

اسين آهيون پنهنجي ئي سورن ۾ خوش
اوهان کي ستم واري عادت تي ناز

هجو خوش هي عاشق جي آهي دعا
رکو شال هردم ڪو شفقت تي ناز

مان خادم اوهان جيءَ آهيان در سندو
مونکي آهي پنهنجي ئي خدمت تي ناز

اٿو طالب المولىٰ مسڪين طبع
رکو هن کي پنهنجي ئي غربت تي ناز

خير محمد هنگورجو کپرو

پاڳو ٻيون

سي حرفي - نمبر (١)

(١)

الف- اٿي اڌ رات جو، آڌو تسي اوريسن،
ڪلهان ڪنڌ ڪورين، "قالو" واري قول تي-

(٢)

بي- بهادر بي ريا، بيشڪ ٿيا با حال،
قائم قرب ڪمال، حاصل ڪيائون حق جو-

(٣)

تي- تڪيائون تار ۾، تر هو ڪي توحيد،
ترڪ ڪري تقليد، سورهه رهيا سچ تي-

(٤)

ثي- ثنا سبحان جي، سدائين سامين،
عشق سندو عامين، ڪوند ڪيائون ڪنهن گهوڙي-

(٥)

ج- جلائي جسم کي، الله ڪيائون اثبات،
وحدت واني وات، عاشقن اختيار ڪئي-

(٦)

ح- حليمي حال سان، هنن ڪي هردم،
دانائن دم دم، واڪيو وينجهارن سان-

(٧)

خ- خدائي خيال ۾، خاصا ٿيا خوش حال،
محبت وارو مال، ميڙيائون مهير ٿي-

خير محمد هنگورجو ڪبرو

(٨)

دال - دلاور دم جو، وِردُ ڪمائون واهه،
دائم منجهه درگاهه، واصل اهي وير ٿيا -

(٩)

ذال - ذاتي ذڪر ۾، فنا ٿئي في الحال،
دمدم درس ڏمال، قائم ڪيائون قلب ۾ -

(١٠)

ري - رضاتي رمز ۾، رهن تا راضي
قبل ۽ ماضي تهدل، ترڪ ڪري ڇڏيئون -

(١١)

زي - زباني ذڪر ڪي، قلبي ڪمائون،
واري وڌائون، پاڻ ڪي پاتار ۾ -

(١٢)

سين - سِرُ ۾ سِرُ ٿي، سوار هه ٿيا سلطانَ،
محبت جي ميدان، گوءِ ڪئي غازي ٿيا،

(١٣)

شين - شادي ۽ غرڪان، مٿي ملڪ سندن،
جهڙا منجهه تَنبنَ، تهڙا راضي رڻ ۾ -

(١٤)

صاد - صابر سروري، سدا ئين سهٺا،
مرڪن بن مٺا، سدا سي محبت ۾ -

(١٥)

ضاد- ضامن پاڻ ٿيا، پنھنجا پاڻيھي پاڻ،
ڪن ٿا روح رھاڻ، پنھنجي پر ۾ پاڻ سان-

(١٦)

طي- طمع کي ترڪ ڪيئون، طالب تھ دل توڙ،
سنھن تي پڏي موڙ، مانجھي سي مخمور ٿيا-

(١٧)

ظي- ظاھر ذات کي، ڪيئون ثابت منجھ صفت،
اندر جي الفت، اجاريائون عشق سان-

(١٨)

عين- عاشق عشق جا، عادل ٿيا اڪسير،
ترڪ واري تڪبير، پاڻھي وڃائون پاڻ کي-

(١٩)

غين- غالب نفس جي، غلبي تي غازي،
ھرين جا بازي، مرد ٿيا ميدان ۾-

(٢٠)

في- فنا ٿيا فڪر ۾، فائق جي في الحال،
عاشقن احوال، پنھنجو سليو پاڻ سان-

(٢١)

قاف- قائم قرب ۾، ڪيو جن ڪمال،
واحد جو وصال، تن کي پنھنجي پاڻ ۾-

(٢٢)

ڪاف- ڪلمون قلب سان، جن پڙھيو ھڪواري،
تنين جي سواري، لامڪانئون لنگھي وئي-

(٢٣)

لام - لامڪانئون لنگهي ويا، جن دل ۾ ڪيو ديدار،
عشق وارو اسرار، انهن تي اظهار ٿيو.

(٢٤)

ميم - محبت جي ملڪ جو، تنين ڪيو معراج،
جي ٿيا لا- محتاج، عشق واري اسرار ۾.

(٢٥)

نون - نگاهن ناز جي، جن کي ڪيو نروار،
سيئي ٿيا سردار، مدامي محبت ۾.

(٢٦)

واءِ - ويهي وصل کي، جن وڃايو منجهه وجودَ،
ثابت ڪيائون سجود، پنهنجي هر هر کي.

(٢٧)

هي - هلائي حسن سان، جن ڪيو ناز نياز،
سيئي ٿيا شهباز، محبت واري ملڪ جا.

(٢٨)

الف - الاهي عشق ۾، ڪري عشق جو آواز،
"سري" واري ساز، ثابت ڪيو سبحان کي.

(٢٩)

لام - لائي لئون ٿيا، حسن سان هڪ حيق،
نائين فرق، قلبئون ڪڍي ڇڏيو.

(٣٠)

يي - يقين يار سان، يڪدل ٿي ياقي،
يو آهين تون باقي، وار وٺي وڃ ناهه ڪا.

مخدوم محمد زمان طالب المولي'

منهنجي دل ۾ رڳي تنهنجي آهي طلب منهنجي نظرن کي تنهنجي فقط جستجو
منهنجي هر صبح کي تنهنجي خواهش رهي منهنجي هر شام کي تنهنجي ئي آرزو

منهنجو ڏينهن هڪ داستانِ الم، منهنجي هر رات افسانه درد وغم
منهنجي هر آه توسان ئي نسبت رکي، منهنجي هر اشڪ تولاءِ هڪ خابرو

تنهنجي جسمِ معطّر جي صحبت ڪيو، قوتِ شامه کي رشڪِ گل فيضور
هر چمن ۾ گمان پئي ته آهين اتي، مون کي هر گل مان اچي تنهنجي بو

مان اجان جدّت ولذّتِ لعل لب، ڪين هرگز وساري سگهيو آهيان
مون کي تنهنجي لبن جو اچي ذائقو، جي چپن سان لڳايان ٿو جام وسبو

تنهنجي گرمي تنگيِ آغوش کان، قلب مضطر کي ٿي جا حرارت عمل
ورهه گذريا مگر لذّت وياد ۾، اڄ به تيزي سان ڊوڙڻ لڳي ٿو لهو

جي نه ايندين ته مان درختِ رز کي ولي، هاڻ پنهنجي شبستان جي زينت ڪندس
پو پرايو نه ٿيان وقت ائي اڄ وري، جيڪڏهن پنهنجي رکي ائي آبرو

آ ته تاريڪ راتن ۾ رنگينيِ جام و ميناسان هيڪر چراغان ڪريون
اڄ ڪجن چاڪِ پردا حجابن سندا، اڄ ٿيون هڪ ٻئي سان وري دوبدو

تنهنجي محسوس ڪيفيتِ دل ڪيم، تنهنجي جذباتن جو خوب احساس ائم
آ ته سينه به سينه رهون لب به لب، مثلِ يڪ جان دو قالب ٿيون هوبهو

تو کي معلوم آهي به خوبي صنم، تنهنجي عاشق جي ڇا هي تمنّائي دل
منهنجي خاموشين جو جواب آهين تون، انڪري چپ رهان ٿو دمِ گفتگو

اڄ پراڻيون تمنائون زنده ڪريون، منهنجي آغوشِ ويران جو تو کي قسم
تو کي مانع حيا آهه سمجهي ويس طالبِ مولا خود ٿو ٿئي روبرو

خير محمد هنگورجو ڪهڙو

Qibla Makhdoom Ghulam Muhammad (GUL SAIN)

Qibla Makhdoom Muhammad Zaman (TALIB-UL-MOLA) SaiN

Qibla Makhdoom Muhammad Amin Fahim (DaDa SaiN)

سروري درگاهه جا گادي نشين

سروري درگاهه جي گاديءَ تي هيستائين 18 ڀڳدار سجاده نشين رهيا آهن.

مخدوم سرور نوح رحه، 1506ع کان 1590ع

مخدوم امين محمد بن مخدوم نوح رحه 1545ع کان 1604ع

مخدوم ابوالمجد ابو الخير 1572ع کان 1640ع

مخدوم عبدالخالق بن مخدوم ابو الخير 1621ع کان 1670ع

مخدوم محمد زمان اول 1645ع کان 1705ع

مخدوم مير محمد اول 1687ع کان 1736ع

مخدوم محمد زمان ثاني 1707ع کان 1770ع

مخدوم مير محمد ثاني 1738ع کان 1788ع

مخدوم محمد زمان ثالث 1766ع کان 1807ع

مخدوم مير محمد 1806ع کان 1808ع

مخدوم امين محمد ثاني 1795ع کان 1837ع

مخدوم محمد زمان رابع 1818ع کان 1852ع

مخدوم امين محمد ثالث 1838ع کان 1886ع

مخدوم محمد زمان خامس 1861ع کان 1913ع

مخدوم ظهيرالدين "ٻرو چام" 1863ع کان 1927ع

مخدوم غلام محمد 1886ع کان 1944ع

مخدوم محمد الزمان طالب المولى 1919ع کان 1993ع

مخدوم محمد امين فهيم 1939ع

Qibla Makhdoom Jameel-UL-Zaman

متان ڏسي موهجين

دنيا واري ڏج،

جدا ڪجين جو دئون

ڇهائي کهي ٿي ڇهج،

نرمل "نوح فقير" چئي،

ڪر رب سان ريجهي رچ،

اڄ نه ٿئي صبحاڻي،

صبحاڻي نه ٿئي اڄ،

مٺيون ڀيڙي ڀڄ،

وقت وڃي ٿو ويسلا.

نوح فقير رح

خير محمد هنگورجو ڪپرو

Photex

مخدوم محمدزمان طالب المولىٰ

سرسو آهي سونهن ۾
مديني جو مير
شمس اڳيانئس شرمندو
توڙي ماه منير
فقيرن جو فقير سو
پِيرن سندو پير
خادم خاصو خلق جو
۽ امت جو امير
طالب مولا عشق ۾
ان جي آهه اسير
الله کيو اکسير
عشق عربي ڄام جو
خيرمحمد هنڱورجوکپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ٿل: مٺا مير مرسل ولهن جو تون والي!

وريو تو وٽان ڪو سوالي نه خالي

١. ڪنن، ڪوجهڙن جو هلي ڪو نه حيلو
تون ئي عيبدارن جو واهر وسيلو
مڙئي توکي پرتا هي عالي موالي

٢. سدائين سپيئي سنڌ ۾ در صدائي
پياڪن کي پيارج ڪا سر کي سوائي
اسين آهيون ساقي! سٽي جا سوالي

٣. تون رهبر اڇي رس او هيڻن جا حامي!
اي سردار سرور سنڌ جڳ سلامي!
ڪا لهه سار منهنجي وجهي وک وصالي

٤. تون ئي آهين طالب جو پيو ڪير آهي
محمد مٺا! هاڻ پرواهه ناهي
سندم لڄ ۾ لڏ سپ سڄڻ تو سنڀالي

طالب ۽ دعا خير محمد هنڱورجو

مخدوم محمدزمان طالب المولیٰ

پرين پچاڙيءَ آئيو
تي اڳين جو اڳواڻ
صورت ۾ پڻ سهڻو
۽ سيرت جو سرواڻ
هتين پيرين حبيب ٿيو
پنهنجو مٽ نئي پاڻ
ڏنار پنهنجي ڏڻ جو
سدائين سڄاڻ
پياري پياسن کي
محبت پريو ماڻ
طالب مولا، نور جو
نرمل آه نياڻ
ياڳني سندو ياڻ
پريو نئي پريور آه
خيرمحمدهنگورجوکپرو

تل: آيو يار ڏنئين دلداريون
اهڙو گهوٽ وجهي ڪئن گهاريون!
١. پهتو پرين اچي پهرين هڪل ۾
پيار ڪيائين پل پل ۾
ڳالهيون پرينءَ سڀ پاريون
٢. رئندي سان اچي راز ڪيائين
ڪيئي ڪروڙين قرب ڏنائين
پنهنجو اتم ناهي ڏاريون
٣. پيار منجهان اچي ڀاڪر پائي
لڙڪ اگهي اڄ ڪلي پرچائي
ڪيڙيون سهٽي ستاريون
٤. منهنجو ته آخر اهوئي آهي
ٻي ڪنهن سان ڀلا منهنجو چاهي!
سڄڻ ڪيون سرداريون
٥. لالڻ ڪيا مون تي لک لک تورا
دل ۾ هيم ڏاڍي چورا ڪورا
نوڙي ڪيم نيزاريون
٦. پيار پيالو اهي ئي پين ٽيون
طالب مولا سي ئي جين ٽيون
جيڪي محبّت ماريون

٢٧-١٢-١٩٦٠ع
لاهور

خير محمد هنگورجو

*

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

هو ڪري ٿو پيار ۾ دمبدم منهنجي دل جون دور علامتون
جو ڪٿي اکيون ته عطا ڪري ٿو نظر نظر سان شفاعتون

شبِ روز جنهن جي حضُورِ ۾ ٿيون دست بسته عنايتون
ڪري دور ڦيرين نگاه سان جي هجن هزار ندامتون

ٿيون قدم قدم تي فدا ٿين منهنجي دلربا تان لطافتون
۽ رهن تصدق هر گهڙي هي نفاستون ۽ نزاڪتون

انهي تلخيِ مي عشق تان مون ڪيون نثار حلاوتون
ڪري دور هڪڙي ئي جام سان دمِ نوش دل جون نقاهتون

نه مجال سر وسهي ڪي ڪا جهلي تاب ڪوبه سندس اڳيان
هو جتي به بيهي ٿو نازرو ته جهڪيو پون ڪيئي قيامتون

هو ڪلي ته غنچهِ گل ٽڙي هو ٽلي ته ڪبڪ حيا ڪري
هو ملي ته دل کي سڪون ملي نه رهن ٿيون ياد شڪايتون

هو هلي ته ان سان هلي جهان هو مُڙي ته ان ڏي مُڙي زمان
هو ٽلي ته برپا ٿيو وڃن ٿيون قيامتن تي قيامتون

جتي ڪم دوا به نٿي ڪري اتي هن جو گوشئِ چشم بس
تن مُرده ۾ پوي جان ٿي ۽ عجب وٺن ٿيون ڪرامتون

جتي عقل جي ٿيئي انتها اتان عشق جي ٿئي ابتدا
اتي علم ٿو ڪري عاجزي اتي ختم ٿين ٿيون بلاغتون

اهو عشق ڇا جو لڪي ڪجي اهو پيار ڇا جو ڏجي ڪجي
پلي هي زمانو بيان ڪري ڪي حڪايتون ڪي شڪايتون

متان ڪو تڪڙو قدم کڻي پوءِ هٽڻ ٿيو ڪُفر جو دم پڙڻ
رهِ عشق ۾ ڪيئي آفتون اتي ڪم اچن ٿيون صداقتون

ٿئي صبح ان جي خيال ۾ اچي شام يادِ وصال ۾
منهنجو ڏينهن ان جون اطاعتون منهنجي رات ان جون عبادتون

دِلِ درد مند جهڪي جڏهن ۽ جبين ڪي سجدي ۾ ٿو رکي
ته اچي ٿو ڪعبو به ات هلي ۽ نثار ٿين ٿيون عطاعتون

ڪو مڃي مڃي نه مڃي پلي منهنجي درد وعشق جي ڳاله کي
گل ولاله،سرووسمن سڀئي ڏيندا خوب منهنجون شهادتون

اجها آئي موسمِ گل وري هليو دور بادهء سرخ رنگ
اجهي ميڪده ڏي هليون هلن ٿيون جماعتن جون جماعتون

نه ڪنهن کي هوشِ غمِ جهان نه ڪنهن کي خوفِ وهراسِ جان
ڇو ته سوبسو جلوه نمان ٿيون صبا حتون ۽ ملاحتون

پلي خُم جا خُم به کپي وڃن، نه پيئڻ کان موڙيو مونهن ڪڏهن
پلا دستِ ساقي جي اڳيان ڪبيون نيٺ ڪهڙيون قناعتون

جتي رشڪِ ماهِ منير ٿو وجهي اڪ ۾ اڪ پري جام ڏي
ڪنديون ڇا اي طالبِ مولا ات اهي محتسب جون هدايتون

خير محمد هنگورجو ڪپرو


مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ
آسمانن حسن جا تارا تونئي تابنده هجين
حسن جي افلاڪ تي هر وقت رخشنده هجين
ڪوبه تنهنجو مٽ نه آهي ڪوبه تنهنجو مٽ نه ٿئي
پنهنجي حسن و ناز سان فرزانه فرخنده هجين
تون سدا جرڪ آهين ته منهنجو ۽ سدا منهنجو هجين
پيار وارا پرت ۾ پورو ۽ پائنده هجين
هي جهان وارا سڀ جا ٿين مونکي بس تنهنجي ڪري
منهنجي الفت جو هميشه تون نمائنده هجين
آهين اي جانب محبت منهنجي لاءِ تون زندگي
دل جي هي آهي دعا دلدار تون زنده هجين
تون شگفته آهين گل ۽ تون شگفته هوندين گل
طالب المولىٰ جي لاءِ جو تنده هيابنده هجين
خير ڪنا عبدالغفور جو کيرو

مخدومِ محمد زمان طالب الموليٰ

دود آهِ نا رسا جو آسمان نالو رکيئون
داغهائي درد دل تي گلستان نالو رکيئون

جت رڳو رنج والم قهروغضب جوروجفا
ان مقامِ رنگ وبو جوئي جهان نالو رکيئون

هاءِ بي انصاف آهن هن جهان وارا مڙئي
جو ڪٺي نا مهربان تي مهربان نالو رکيئون

جودماغ عاشقِ بيدل ۾ سودا ٿو ٿئي
ڳالھ ساڳي پر مٿس عشقِ بتان نالو رکيئون

ڪک ٻئي ڪانا ٻئي ڪانيون ٻئي ۽ پن ٻئي
هڪ پکيئڙي گڏ ڪيا ۽ آشنا نالو رکيئون

جنهن جي سمجهڻ کان ٿيو قاصر دماغ انسان جو
ان حقيقت تي تڏهن ٿي بي نشان نالو رکيئون

جيڪو چُپ چُپ ۾ اکين مان اشڪ نڪريو ٿو وڃي
ان تي رازِ درد دل جو ترجمان نالو رکيئون

ٿي گهٽائي هر ڪنهن شيءِ جي ڪري نقصان خوب
ڪثرتِ انوار تي برقِ طپان نالو رکيئون

هڪ نظر ڦيرائي دلبر، دل نہ ڦٽڪيو ٿي پوي
اهڙي بيچيني جوئي وهم وگمان نالو رکيئون

جيڪو هر ذري تي حاوي ۽ محيط آهي سدا
هي عجب انڌو پلا چو لامڪان نالو رکيئون

طالب الموليٰ اڳي ڪجھ هو يا ڪجھ ٿي ڪو نہ هو
همت اچڻ کان پو فلان ابن فلان نالو رکيئون

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم طالب المولىٰ

- جنم: 4 آڪٽوبر 1919ع هالا.
- تعليم: خانگي طور
- سڃاڻپ: منفرد شاعر، محقق، نقاد ۽ اديب، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو خدمتگار ۽ سياستدان، وائيس چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي.
- مشهور تصنيفون: "ديوان طالب المولىٰ"، "چير ۾ چڙيون"، "بي پير اکيون"، "مضامين طالب المولىٰ"، "لغات سنڌي"، "مثنوي عقل و عشق"، "ياد رفتگان" "بهارستان" "ڪافي ڇهنڊڙيون" ۽ "سدا وسين سنڌڙي" وغيره سميت ٽيهن کان مٿي ڪتاب.
- پيشو: چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ، وغيره.
- وفات: 11 جنوري 1993ع.
- مزار: هالا.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

جنهن کيو بيمار سو منهنجي دوا پاڻهي ڪندو
مون نماڻي تي اميد آهي شفا پاڻهي ڪندو

منهنجي عزمن ۽ ارادن جي خبر سڀ ڪيس آهه
مان ته خاموش آهيان وعدي وفا پاڻهي ڪندو

منهنجي صورت تي سوال آهي زبان سان ڇا چوان
اڄ هٿين خالي ڏسي سهڻو سخا پاڻهي ڪندو

مان ڪڏهن حرفِ تمنا جو نه ڪجهه اظهار ڪيو
مهربان محبوب پوري مدّعا پاڻهي ڪندو

هاڻ هن منزل ۾ آهيان يار خود مون وٽ اچي
دل جوي ٿي دل ربا هي حق ادا پاڻهي ڪندو

پنهنجي هُن وٽ آهه هردم عاجزي نوڙت نياز
هو هميشه مهربانن جي عطا پاڻهي ڪندو

زندگي ساري جفائن کي ڪيو برداشت مون
منهنجو جاني مرحبا صد مرحبا پاڻهي ڪندو

هي سندم آزيون نيازيون عاجزيون ڪافي ٿيون
مونکي گهرويٺي سڏي صلح وصفا پاڻهي ڪندو

پنهنجو ڪم آهي ته رهبو عشق ۾ ثابت قدم
پاس هر هڪ امتحان ۾ دلربا پاڻهي ڪندو

پاڻ کي مون صدقِ دل سان ڪيو حوالي اڄ سندس
ساڻ اي رحمت مُحَمّد ﷺ مصطفيٰ پاڻهي ڪندو

وقت مشڪل ۾ تون فقط مشڪلڪشا کي ياد ڪر
دست گيري اُت عليؓ المرتضيٰ پاڻهي ڪندو

وقت تي ثابت ڪري ڏيکاريندو منهنجي وفا
اعتراف ان جو ب آخر همنوا پاڻهي ڪندو

مونهنجي هيئي حال جي جنهن دم خبر انکي پئي
رحم آڻي هو پرين پيارو پڇا پاڻهي ڪندو

هيئن چيو هاتف ته هو توساڻ هم آغوش ٿي
۽ تسلي تنهنجي دل جي دلربا پاڻهي ڪندو

تون نه ڇڏ همت ۽ ثابت قدم رهه عشق ۾
هي سڄو عالم انهي تي واهه واهه پاڻهي ڪندو

تنهنجو ڪم آهي ته ڪر تون التجا دل سان فقط
طالب المولیٰ اها پوري خدا پاڻهي ڪندو

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

خدا تي ڀروسو ڪامل نہ ٿيندو
تہ پوءِ آسان ڪو مشڪل نہ ٿيندو
وڏيون جنهن ديد دلبر جي ۾ ديدون
اهو ڪنهن ٻي طرف مائل نہ ٿيندو
نہ جيتر قاعد جي ٿيندي سختي
بشر تيتر ڪڏهن قائل نہ ٿيندو
جو هن جي ذات ۾ ٿيو محو آهي
سو باطل ڏي ڪڏهن مائل نہ ٿيندو
فنا جي ملڪ ۾ ري قرب جي ڪٿ
سڪونِ زندگي حاصل نہ ٿيندو
رخِ دلبر سان ڇا نسبت قمر جي
هي ڪامل هو ڪڏهن ڪامل نہ ٿيندو
خدا جي نا خدائي ۾ هلي جو
اهو مِلتِ ڪشِ ساحل نہ ٿيندو
نہ ڇڏبو يار جيتر خواهش کي
سڪونِ قلب ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو
اي مولا طالب الموليٰ سندءِ آهہ
ڪڏهن ٻي در وجي سائل نہ ٿيندو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سچڻ راضي هجي عالم خفا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو
جهان آماده ، جورو جفا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو
هٽ حورو ملڪ جن وپري قربان سڀ آهن
بشر جي دوست دلبر تان فدا ٿي پيو ته ڇاٿي پيو
اهو گردون دون آهي هميشه کان ئي دون پرور
زماني ۾ ڪو سِفلو ڇا مان ڇا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو
پس پرده هو نائونوش ۾ هر وقت محو آهي
بظاهر يار سان جي پارسا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو
فقط آهي ضرورت حق نمائي جي هتي هردم
ڀلا ڪو رهنما قبله نما ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو
ڪڏهن هلندي نه حضرت عشق سان پيري ۽ مخدومي
ڪو دولت مند يا ڪو بادشا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو
سر تسليم خم الله جي آڏو ئي بس آهي
ڪنهنجو جي بت ڪافر خدا ٿي پيو ته ڇاٿي پيو
سڄڻ جو منهن منور شمس کي ٿو روز شرمائي
مه ڪامل ۾ گر نور ضيا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو
اي سائل دردعائن جا ته پوريل ڪين ڪي آهن
جي هي بيمار محتاج دوا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو
تعجّب جي نه ڳالهه آهي ڀلاجي طالب المولىٰ
محبت ۾ فقير بي نوا ٿي پيو ته ڇاٿي پيو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

لھي تو جيڪو اپڻ بعد سو شمسِ قمر ڪھڙو
دوام آھي تہ جنھن کي سو پلا شام و سحر ڪھڙو
پڙھڻ کان بعد جو وسري سو الفت جو اکر ڪھڙو
جو منزل کان اڳي وڇڙي وڃي سو همسفر ڪھڙو
خوشامد تي رهي راضي ملامت کان ڊڄي هر دم
انهي انسان بزدل جو پلا چئبو جگر ڪھڙو
ها بيڪار آ بيڪار آ جا چشمِ نم ناهي
وسڻ کان اڳ وڃي موٽي اهو ڪارو ڪڪر ڪھڙو

نہ جنھن جي زندگي ۾ جلوه گر جرم و خطا آهي
ٻڌئي اي واعظِ بي پير سو آهي بشر ڪھڙو
اهو منزل کي ماڻيندو جو ڪنڌ ڪيڏهن نہ ڦيريندو
هٽي لوٽا جو هر ڪنهن هنڌ پلا انجو سفر ڪھڙو
ڌڪارن پنھنجي در تان سنگدل جي آ سدا عادت
نظر ۾ جو رکي هردم سو منظورِ نظر ڪھڙو
طبيبِ مهربان وقتي شفا مان جا پلا ٽيندو
علاجِ درد دل وارو سو نسخو ڪار گر ڪھڙو
نہ جنھن کان سنگدل بيچين ٿئي اي طالب المولیٰ
پو تنھن جي درد واري دانهن ۾ چئبو اثر ڪھڙو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

"محبوب ساڻ پيار ڪبو عمر ڀر ڪبو"
بيشڪ ڪبو ضرور ڪبو بيخطر ڪبو

آهُن ڪي چاٽي واٽي به بي اثر ڪبو
ڪيئن پنهنجو پيارو يار پيلا دربدر ڪبو

ڊڄبو نه محتسب کان نه واعظ کان شيخ کان
ڪرڻو جي عشق آه ته هيڏو جگر ڪبو

هڪڙي ڪي دل ڏبي نه هزارن سان لائبي
دنيا ۾ سجده گاه هڪڙو ئي در ڪبو

الفت جي راه ۾ نه خرد جو خيال ڪر
گمراه ڪي نه ڪنهن به طرح راهبر ڪبو

پروا نه ڪر ڪڏهن به تٽي تامٽي جي ڪا
سر ڪي رکي تري تي پو چا جو حذر ڪبو

دنيا سان دل نه لائبي منزل ته اڳتي آه
هن شاهراه تان ته رڳو ئي گذر ڪبو

ڪنهن کان نه وٺ اي طالبِ مولا تون انتقام
ڪو رنج وغم مليو ته پيو درگذر ڪبو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

حقيقت ۾ هو عاشق جيڪو دلبر بڻجي آيو هو
سو نڪتو دل جو مالڪ پر گدا اگر بڻجي آيو هو

سر تسليم خم منهنجي محبت ۾ ڪري ويئو
هو اول سنگدل سهڻو ستمگر بڻجي آيو هو

مونکي ئي انجي تصوير وفا ڪيڏٺي پئي آخر
عجب جي ڳالهه آهي هو مصوّر بڻجي آيو هو

صدا دل جي هنيئين هڪدم سخي ٿي مان به ڏئي ويئس
هو مفلس هو مگر ظاهر تونگر بڻجي آيو هو

اهو وهم و گمان ئي ڪونه هو .هو منهنجو ٿي ويندو
گهڻو آڳ هو تصور جو تصوّر بڻجي آيو هو

زهي قسمت فقيرن جي ئي گوڏي ساڻ گڏ ويئو
خدا ڄاڻي تو جو پهرين سڪندر بڻجي آيو هو

اسان هڪدم ڪٿي پنهنجي ڳچي جي هار ۾ پوتو
هو زيور بڻجي آيو هو ۽ گوهر بڻجي آيو هو

هو منهنجو ٿيو ۽ مان انجو ٿيس اي طالب المولي
پري رو منهنجي گهر منهنجو مقدر بڻجي آيو هو

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب لمولي

پيو جو دامِ گيسوءِ اهو تخچير سمجهيو ويو
ڪٿو جو تيغ ابرو سان سو با تڪبير سمجهيو ويو
نگاهه ناز ابرو جي ڪمان جو تير سمجهيو ويو
مثرده ڪي عاشقن وٽ خنجر بي پير سمجهيو ويو
اچي خود پاڻ ئي پهتو دمِ تحرير اڄ مون وٽ
هي پنهنجي نالهء شبگير جو تاثير سمجهيو ويو
ڏنئين گردن ۾ اڄ ذلفِ دوتا جا پيچ پيچن تي
جو "عاشق" دلبر وٽ قابلِ تعزير سمجهيو ويو
وساري ٿو جو محسن ۽ انهي محسن جي احسان کي
زماني ۾ اهو ئي بد تر از خنزير سمجهيو ويو
اگرچه سنگدل سفاڪ ۽ ظالم صنم آهي
سندم تاهم بہ گفتو گفتو شهد وشير سمجهيو ويو
حديثِ عشق معلوم آهه هر ذي روح کي همدم
مگر منهنجوئي افسانو سندس تفسير سمجهيو ويو
ڪٿي هو شاهِ خوبان ۽ ڪٿي ان جو ملڻ مون سان
اهو ميلاپ حڪمِ ڪاتبِ تقدير سمجهيو ويو
اوهان جو طالب المولي حقيقت ۾ فقير آهي
مگر ظاهر ۾ هو مخدوم ۽ هڪ پير سمجهيو ويو

خير محمد هنگورجو ڪبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

نہ ياد آهہ تہ ڪو هوش ۾ بهار ڏٺم
ڏٺم تہ پاڙ ڪي هر دم بڪوئي يار ڏٺم
سمور و جوش جنون ۾ وقت ويو گذري
افاق آيو تہ دامن بہ تار تار ڏٺم

خير محمد هنگور جوکيرو

www.powerpointdesigns.net

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ٻلا درتان اي لالڻ يار لوڏائڻ مان ڇا ورندئي

سجڻ سائين ورهه واري جي وڄائڻ مان ڇا ورندئي

عتابن سان اڳي ئي ماري ڇڏيو اٿئي ماهرو مونکي

وري صدمان ڏيئي ٻيو دل جي ڏڙڪائڻ مان ڇا ورندئي

اهو دروڻ جتي شاهه گدا جو در لڱل آهي

اڃا انسان ٻي در در جي ڪڙڪائڻ مان ڇا ورندئي

هوادس ڪي ڏجان تون مرد ٿي منهن طالب المولىٰ

هڊ ٽيندو سنڌئي مولا ٻوءِ گهبرائڻ مان ڇا ورندئي

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سورن ڪي سو وار هر هجن شا بسون
هردم حمد ردي ڪئيون وٺي نہ وڌئون وار
رُنا رڙيا گڏجي پل پل ڪيائون پار
اوٺي ويٺي هلندي سمهندي لڌائون سار
حقيقت منهنجا ڪيائون پرين جا پار
طالب مولا طلب ۾ اچي ٿيا آڌار
خوشين مليا خرار تہ بہ وچارا ويا ڪين ڪي

خير محمد منگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مان مسڪين مشرين تون مٺا ربي اَمين جي

ٿي وسن ٿيون ٿر ويل ۾ تون تو هڪڙي رات وسين

هو سڪا ساوا روز ٿئن تون ٻاري ڏاهه اچين

هاڻي مڇين جي ۾ مڇين ۾ پڻ ٻيڙهي ڏس ٻڪين اسان

جيئن مي مسڪين وسيو نيئن ٿي اڳيون اُميدون

او هير اُمي هن ڪئام هن پڻ جوش ڪيو

هي زور اور زور ۾ هو وسي ويندو سي رهيو

هو ته وري ڪون وريو هي طالب ساڳي تات ۾

خير محمد هنگورجو ڪچرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

شبِ تاريڪ جي تڪليف تارن کان پڇي ڏسجو
حقيقت حال منهنجي جي بهارن کان پڇي ڏسجو

هي گذري موسمِ گل ڪيئن نظارن کان پڇي ڏسجو
اچا پچڙو اٿو ته لالهزارن کان پڇي ڏسجو

وڃان منزل ڏي ڪاهيندو ۽ ساٿي عزم ڪامل آ
انهي همت جي سڌ گردو غبارن کان پڇي ڏسجو

صنم هن منتظر جو هر ڪو لمحو ڪيئن بسر ٿو ٿئي
اچي مون وٽ ۽ منهنجي انتظارن کان پڇي ڏسجو

گلِ ترجي ڪري ٿي مون خلش برداشت ڪئي هر دم
ڪيم اف ڪين ڪي ڪلهن سو خارن کان پڇي ڏسجو

ٿين ٿا باعثِ بخشش فقط اشڪِ ندامت ٿي
اسان يارن ويچارن اشڪبارن کان پڇي ڏسجو

غمِ يار صنم مان جيڪي ڪن ٿا لذتون حاصل
خبر تن بي قرارن جي قرارن کان پڇي ڏسجو

فقط اهي ياد ٿم گرداب و طوفان عشق جي ڪشتي
انهي ڪان پوءِ چا ٿيو سو ڪنارن کان پڇي ڏسجو

وفائون طالب المولي[1] جون مغفي ڪين ڪي آهن
نه هڪ ٻن جو سوال آهي هزان ڪان پڇي ڏسجو

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

اداس دل ۾ نظارن ڪاله ڪمزو ڪيو
خوشي نه هوندي قرارن ڪاله ڪمزو ڪيو

خرد جي راه جون پيچيدگيون تو سمجهي
نه ان ۾ گردو ڪارن ڪاله ڪمزو ڪيو

جي دل ڪٿي نه لڳي نه جنو دل جو ڏوهه
نه يو باغ و بهارن ڪاله ڪمزو ڪيو

فراق و هجر ۾ هرسو جي آه بي لطفي
شب دراز جي تارن ڪاله ڪمزو ڪيو

بجي ني دير سان ڪشتي نه جنو قسمت ڪي
بلا انهي ۾ ڪنارن ڪاله ڪمزو ڪيو

طلب تو وصل صنم ڪنهن نصيب واري کي
تون جنهن بخت کي يارن ڪاله ڪمزو ڪيو

اگر ڪو سمجهي تو ڳاله طالب المولي
نه يوه يار اشارن ڪاله ڪمزو ڪيو

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

کھين جي نہ کنھن ساڻ رهائي آهي
يکتائي نہ آهي ٻيائي آهي
تون طالبِ مولا زرا غور تہ ڪر
هن دور ۾ هر شخص توائي آهي
ڪو دير ۾ ڪو سويلو آهي
ڪو هُشيار آهي ڪو کھيلو آهي
هي دنيا جو ڪيڏونہ وڏو ميلو آهي
اي طالبِ مولا انسان ان ۾ بہ اڪيلو آهي

خير محمد منگور جوڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

رشڪِ غم نه آهي ڪو ته اشڪِ غم ڪي ڇا ڪريان
طبيعت هاڻ بشاش آه چشم نم ڪي ڇا ڪريان

هجوم غم شبِ مهتاب ، يادِ يار سان گڏ آهن
ضرورت ڪا نه باقي آه ٻي محرم ڪي ڇا ڪريان

ڇڏي ڏي مونکي منهنجي حال تي اي خابرو هاڻي
مان پنهنجو پاڻ همدم آهيان همدم ڪي ڇا ڪريان

اکين تي ٿو رکان ۽ صبر ڪان وٺو پوي ٿو ڪم
ٻڌايو همنوا پيو رنجش پيهم ڪي ڇا ڪريان

راهِ الفت ۾ هلندي واٽ تي جيڪو پوي ٿڪجي
اهو ڇڏٿو اُٿي پيو انهي بي دم ڪي ڇا ڪريان

جوابِ جا هلان باشد خموشي تي عمل آهي
ڀلا بيدرد هڪڙي واعظِ بي غم ڪي ڇا ڪريان

دلِ مجروح وارا زخم توتي خنده زن آهن
نه تنهنجي يار همدردي ڪپي مرهم ڪي ڇا ڪريان

فقيراڻو ٿي بس ڪشڪول آهي طالب الموليٰ
ملي جيڪو ته اڇلايان مان جام جم ڪي ڇا ڪريان

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

خدارا سچ ٻڌائج دلربا تون آهين مان آهيان
همیشه صاحبِ جور و جفا تون آهين مان آهيان

خدا توکی نه بخشيندو جي بي انصاف تون ٿيندين
محبت جي جهان ۾ کج ادا تون آهين مان آهيان

سچڻ الفت جي ڪشتي جو ته مالڪ مان نئي آهيان پر
رڳو هي سچ ٻڌائج نا خدا تون آهين مان آهيان

هلی تون آئين مون وٽ عاشقي جي دعوا تو نئي ڪئي
سچي ڪر ڳالهه اي دلبر فدا تون آهين مان آهيان

هزارين ظلم تو نافذ ڪيا هر روز هر پل ۾
خدا سامهون اٿئي مجرم ڀلا تون آهين مان آهيان

ڪيو هُن در گذر پر اڄ پُڇي ٿو طالب المولىٰ
ڪلي چو سچ مجازي خود خدا تون آهين مان آهيان

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

هو باقرار سهي بيقرار مان به آهيان
هو خنده زن آهي ۽ اشڪبار مان به آهيان

هو منهنجي دام محبت ۾ مبتلا آهي
ته انجي تير نظر جو شڪار مان به آهيان

جو مون تان جان فدا ٿو ڪري محبت ۾
قدم قدم تان انهي جي نثار مان به آهيان

هو منهنجي هجر ۾ ڀري ٿو سرد آهون
ته هي به سچ آهي ته غمگسار مان به آهيان

خبر اٿم ته هو مولاءِ لڪي لڪي ٿو رُئي
ته نيم بسمل ۽ اشڪبار مان به آهيان

هو شاهِ حسن سهي ان جو اعتراف آهي
جهان عشق سند و شهريار مان به آهيان

هو گلستان محبت جي لاءِ مثل نسيم
ته پوءِ حسنِ چمن ۽ بهار مان به آهيان

هميشه ٻانهن يگل ٿي ٻچي جو هار ٿئي
شڪست خورده مگر بختيار مان به آهيان

جي يار طالبِ مولا جو آسرو آهي
يقين ڄاڻ تو سندس يار غار مان به آهيان

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدومِ محمد زمان طالب المولیٰ

حديثِ عشق جو آخر رقمِ طراز آهيان
مڪينِ راهِ صنمِ جانِ سوز وسار آهيان

رهيس زماني جو آءِ سداءِ مشق جفا
انهي ڪري جو محبت ۾ جان باز آهيان

اهو بہ وقت هو عيش وطرب جڏهن ٿي وٺيا
اڄ اهڙي ڪنهن بہ تمنا کان بي نياز آهيان

ڪڏهن نہ دلق ملمّع ڪي زيب تن مون ڪيو
هزار شڪر نہ ڪي صيد حرص وآزآهيان

هميشہ واعظِ بدبين سان در گزر مون ڪيو
مان يار کھڙو بہ آهيان گنهہ نواز آهيان

فقط رکان ٿو نشيمن ۾ سر ڪي زيرِ پر
وگرنہ باقي سرِ افراز شاهِ باز آهيان

هي منهنجو موقف آهي رهيوئي شب خيزي
اصل کان صاحب وصل شبِ دراز آهيان

ٿيا هميشہ ئي مقبول بي غرض سجدا
خوشا نصيب مان هردمِ حرمِ نواز آهيان

خدا جو لطف و ڪرمِ ٿيو اي طالب المولیٰ
حضورِ قلب سان جو رهِ روِ حجاز آهيان

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اي سڄڻ شابس هجنئي اي دلربا آئين ٻه سڱونهه
سڱونهه وعدو تيو وفا او بيوفا آئين ٻه سڱونهه

پنهنجا ڏور اپاءِ ڏک هر دم منجهين تو بي شمار
واه ڙي دلبر منا صبر آزما آئين ٻه سڱونهه

جي ڪٺي آئين تہ سيني دوستن سان آئين گڏ
پر اڪيلو ٿي پرين جاني جدا آئين ٻه سڱونهه

تنهنجي پاڇولي پوڻ ڪان پو ٻہ هوندي مان فقير
بادشاهي ٻن وجهان منهنجا هما آئين ٻه سڱونهه

عهد و پيمان تو وسارِيا هي ٻِلا ڇاهي پرين
منهنجي گهر لالڻ لڙي ماهہ لقا آئين ٻه سڱونهه

طالب المولىٰ ڪي سهڻا سچ ڪٺي هاٿي ٻڌ اءِ
جو وڃڻ ڪان پوءِ دلبر ڇو ٻِلا آئين ٻه سڱونهه

خير محمد هنڱورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ٿي پوندو آهه درد به درمان ڪڏهن ڪڏهن
تسڪين ڏين ٿا ياس ۽ حرمان ڪڏهن ڪڏهن
سو ڪامياب ٿيندو جو مشڪل پسند آهه
پورا ٿين ٿا حسرت و ارمان ڪڏهن ڪڏهن
هن ڪي سبب ڪپي ٿو نه هو مغفرت ڪري
هن ڪي وٺي ٿي لغزش انسان ڪڏهن ڪڏهن
محبوب سائين مان به نه انسان آهيان
وسريو وڃن ٿا عهد ۽ پيمان ڪڏهن ڪڏهن
سو مانِ روح انجو ڪلن ٿيو بوقت نزع
مغموم ٿو ڪري گلِ خندان ڪڏهن ڪڏهن
جيڪو ٻلي ٻلي ٿو وڃي سو به ڪيئن ٻليو   ٿي ٿئي مفيد گردشِ دوران ڪڏهن ڪڏهن
مون دل ۾ هو وهاريو نه دل ٿي ڪٽي ويو   ٿي ايندو آهه درد به مهمان ڪڏهن ڪڏهن
تنهنجي گناهه طالب مولا هتي ڪيو هتر
بخشش جو ٿو سبب ٿئي عصيان ڪڏهن ڪڏهن

مخدوم طالب المولىٰ جي

چونڊ شاعري

جو خود هو پاڻ ئي گمراهه آهي
اهو ڪنهنجي ڪندو ڪا رهنمائي
خدا تي ڀروسو رکبو هميشه
ته سو پاڻهي ڪندو مشڪل ڪشائي

❁❁❁

غازي ملڪ ۾ تورا ٿا ڏسجن
ٿلهي سجدي ڪرڻ وارا گهٽائي
ڪو دل وارو هزارن ۾ ٻه مس آهه
جي نه ته اڪثر مڙيئي نانوائي

❁❁❁

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

پلارا پلا پرين
هئن نہ مناسب هوءِ
وعدو ڏئي وصال جو
پڇيئي وري نہ پوءِ
ڏاڍو ڏک ڏنوءِ
دلبر منهنجي دل کي

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

پورو عمل ڪجي هميشه دل جي ڳالهه تي،

پڙڪي سدا اتڻ ڪپي باطل جي ڳالهه تي،

عاقل انهيءَ ڪي چئبو جو خاموش ٿي رهي،

نادان، بيوقوف ۽ جاهل جي ڳالهه تي.

خير محمد هنڱورجو کهڙو

نظرن واري ناز چوري چِت چريو ڪيو،
اٿ ئي پهر عجيب آهه غرق منجهه غماز،
طالب مولا، کي جهٽيو، اِن برهه واري باز،
صورت واري ساز موهي من مستان ڪيو.

مخدوم محمد زمان ’طالب المولا‘

چوڙي چڏيائون چوھ مان، ڪلهن تي ڪاڪل،
ديدون ديدن ۾ جهلي، واري وڏائين وَل،
ڪري قابو چڏيو، محبت ساڻ مٺل،
وٺي دل قبضو ڪري، ڪاڻ ڪيائين ڪَل،
مارڻ جي محبوب ڪئي، عجب هيءَ اٽڪل،
ڪاڻ ڏنائين قرب جي، وري ڪائي ڪَل،
’طالب‘ کي تڪرار سان، عشق مليو اٽجهل،
جڏهن خوشين ڪا خلل، تڏهن سور اچي ساٿي ٿيا.

مخدوم محمد زمان طالب المولي؛

نہ جنهن ۾ درد سا دل، دل نہ آهي،
محبت جي اها قابل نہ آهي،
جتي پهچي وري اگتي ٿو هلجي،
حقيقت ۾ اها منزل نہ آهي.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عشق تہ لا مذهب،

پوءِ بہ رهي ٿو هر مذهب ۾.

ڪونہ ڏڪوئي ڪنهن دل کي، ڪونہ ڪري ڪو غضب.

شاهَنِ تي بہ ٿو حڪم هلائي، عالي اُتس منصب.

حَنفي مالڪي حنبلي وغيره، هرڪو ڪائي عجب.

طالبَ مولا عشق سيکاري، اعليٰ، خوب ادب.

پريِنءَ جي پريت ۾، روئڻ راند ڪيوم،
سمهان تہ سمهڻ نہ اچي، ويهڻ وهہ ٿيوم،
ڏيئي وٿ ورونهن جي، نينهن نهوڙي نيوم،
’طالب مولا‘ تن مان، جڏهن وهم ويوم،
تهان پوءِ پيوم، پٽو پريتڙي جو.

کير محمد کٽوڙيجو آکيرو

مخدوم محمد زمان ”طالب المولي“

سڄڻ لِهُہ سماءُ، سوريتن جو سيگهہ ۾،
ڏکن ڏکويو کين کي، پر سکن ڇڏيو ساءُ،
”طالب مولا“ کي وٽي، ورهہ وارو واءُ،
پرين پرچي آءُ، تہ گڏجي گوندر لاهيون.

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

زماني ۾ نہ رهيو آهہ باقي ڪو دمساز
وري بہ آهہ سدا مهربان شاهہ حجاز
زرو بہ ڪانہ خو شامد ڪپي تي ڪنهن جي ڪا
اسان کي ڪافي آ محبوبُ حق جو بنده نواز
جتي متي گهٽي ڏسندا سون ويهي رهندا سون
فقير آهيون نہ گهرجي ٿو ڪو نشيب و فراز
نہ فخر آهي ڪنهن ڳالهہ تي مگر البتہ
غلام آهيان محمد ﷺ جو ان تي آهي ناز
چا خوب تر چيو حافظ عمل جي آ قابل
(کہ ڪيميائي مرادستہ خاڪ ــــــ ڪوئي نيــاز)
بخدمت شہ شاهــان ز طالب المولىٰ
ادب سان ٿُرت رسائج صبا سلام و نياز

خير محمد ڄنگر جو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

جنهن ڏينهن کان دل دلبر سان لڳي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس
پيا پاڻ ۾ ڳڻجي غم ۽ خوشي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

ظاهر نه رکي ٿو يار تهڻ باطن ۾ محبت پيار ڏيڻ
هي هن جي عجب مان رمز ڏسي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

ڇاڇا حال ٻڌايان دل جو ادا هن عشق محبت درد سندو
جنهن وقت کان اک سان اک جا اڙي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

ساقي مهوش تان صدقي جنهن مست ڪيو متوالو ڪيو
هڪ جام شرابِ الفت پي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

ڪنهن وقت نگاهِ غم و غضب ڪنهن وقت ڪري ٿو لطف و ڪرم
دلدار ڪي دل جو حال ڏئي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

معلوم ٿيو محبوب مٺي ڀڄايو ستم کان آهي اڄ
جنهن وقت اها ڳالهه مونکي پئي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

هڪ ڏينهن چيو محبوب سندم جو ڇوڙو اٿئي سو ڇو هاڻي
افسوس سگهيس ڪجهه ڪونه چئي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

هڪ وقت ملڻ جو آيو پر ڇُپ چاپ ۾ ٿي سو گذري ويو
سهڻي جي اکيان مان رات سڄي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

دلبر سان جڏهن پيوند لڳو دردن ۽ غمن پڻ سات ڏنو
هڪ حالت مونهنجي اهڙي بڻي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

هُن ڀائي ڳراٺي مونکي چيو اي طالب مولا پيچ پلا
مان ڳالهه ڪا پرينديءَ آهه ڪئي کلندو نه رهيس روئندو نه رهيس

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اڄ وري منتظر نرگس و نسترن اڄ وري تا سڪن خوب سرو سمن
اڄ وري موسمِ گل جوان ٿي وئي اڄ ور آهه توکي ٿي روئي سخن
دل گهري ٿي تہ خونِ سرخي سان اڄ ٻاڻ رنگين وري ڪريون انجمن
اڄ وري بزم کي رنگ ڏيون رزم جو اڄ ڪريون نوش هٿ جام زهدِ شڪن
صبحدم گل سان بلبل اچي پيار ڪيو عرق آلوده ٿي وئي منهنجي جبين
مونکي پنهنجي ٿي ماضي جو آيو خيال ۽ ٿيو قلب مائل بدشت و دمن
فرق ان وقت ٿي تو تنهن تئي عيان هر ڪنهن شئي سان پئي شئي مقابل هجي
اڄ گلن جي اها ڪاڻ وقت رهي چوڻ ناهي چمن پر هو رشڪ چمن
اي جنونِ محبت خبردار ٿي پنهنجيون دستِ درازيون گريبان سان نہ ڪر
هاڻ هي چاڪ دامان سلامت رهي جو انهي پر سوين اشڪ آهن دفن
تون مٺان هاڻ نزديڪ دلبر اچين منهنجي حالت جي توکي ڪاناهي خبر
قرب منهنجو اثرت عطا تو ڪري لطف آئيو ڏين تنهنجا رنج و محن
ميڪده پر نہ ڪاهي سياست پئي آهه ! آدابِ ساقي گري ويا قري
نيٺ رندن نہ ڪئي تشنگي اختيار ۽ هو خالي رهيو جام بادہ ڪهن
اي گلِ تر تنهن تنهنجي عظمت وڏي جو تون ڪنهن جي ڳچي جو وڃي هار ٿين
ورد گلشن پر تو جهڙا آهن سوين جي زمين تي سر شام ٿي بوسہ زن
توکي نزديڪ اچي تنهنجي چشمن کي مون غور سان جو ڏٺو ٻاڻ کي ٿي ڏٺم
منهنجي حيرت جي حد ٿي رهي ڪاڻ ڪا چوڻ توهر ٿيس مان ٿي جلوه فگن
گل تہ هن جي گلي جا ٿين هار تا يا صنم جي مٿان تا هو قربان ڪهن
طالب المولىٰ مون کي ٿي غيرت اچي ڪيئن جوان غيرتِ گل کي مان گلبدن

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

جلوو ڏنو مون ذات جو صورت جي سازَ ۾ — حاصل ڪيو مون عشق حقيقي مجازَ ۾

وئي عمر گذري عالمِ سوز و گدازَ ۾ — هائي پوي ڪو رحم دلِ بي نيازَ ۾

مخدومي پيري عشق جي آڏو هلي وئي — يڪسان رهان ٿو هان نشيب و فرازَ ۾

دنيا تہ رهہ گذر آ منزل اڳي اٿئي — قاساء پاڻ کي نہ هتي حرص و آزَ ۾

سرشار مون کي ناز جي نظرن ڪري ڇڏيو — ناهي خبر جو ڇا نگهہ نيم بازَ ۾

اي عزم عشق سوز و غم و درد المدد — ڪريو ڪو گهر اچي دلِ فتنہ طرازَ ۾

آسان ڪج ڪو عالمِ برزخ کي يا خدا — ٿئي لطف تنهنجو هن رهٖ دور و درازَ ۾

هڪ وار شال يثرب و بطحيٰ ڏي مان وڃان — اميد آهي مون کي وڏي ڪارسازَ ۾

روشن ڏور ٿئي ٿو طالب مولا ئي هت سڄڻ — آرامي آهين محب منا تون حجازَ ۾

خير محمد منگو جو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

گذاري عمر مون ساقي سندئي سرپرستي ۾
پيالو عشق وارو پي ڪري مخمور مستي ۾

غلامي يار جي جڻ آهه هفت اقليم جي شاهي
مگر ٿيندو نه ڪجهه حاصل خودي ۽ِن خود پرستي ۾

نوازش هاڻ بيجا ڪان طبيعت بر طرف آهي
مگر ڏاڍو مزو آيو سڄڻ جي چيره دستي ۾

جهان دار الفساد آهي منجهس آرام ڪجهه ڪونهي
ملي ٿو امن ۽ ايمان برهه وارن جي بستي ۾

نه ڪنهن جو خوف خاطر ڪي نه ڪا پرواهه ئي ڪنهنجي
مزا ڏاڍا ڏٺا مون مفلسي ۽ تنگ دستي ۾

ڏکا ڏوما ۽ ڦٽ ڦڪڙي هي آهي ڏاج عاشق جو
مليو ڇا ڇا نه مونکي عشق واري زير دستي ۾

تڏهن ئي سڌ پئي مولا جي مونکي طالب المولیٰ
جڏهن مون انتها آخر ڪئي وحي بت پرستي جي

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اوهان ساڻ آهي محبّت يقيناً
اسان کي به گهرجي موّدت يقيناً
نه ٿي دلربا سنگدل ايترو تون
ڪندين نيٺ جاني مروت يقيناً
اها ڄاڻجو پڪ اي محبوب ساءِ
ڪنداسون اوهان جي اطاعت يقيناً
گهرائي ٻڌو جي ته احسان ٿيندا
اسان جي اها ٿي عبادت يقيناً
وجي دل جو پختو پيو پيچ جن سان
ڪندا نيٺ سي ڪا عنايت يقيناً
مبارڪ هجي طالب الموليٰ توکي
ڪندا تنهنجي هردم حمايت يقيناً

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

چا کان ڀلا پاڪ الفتون بدنام ٿيندیون ٿيون وڃن
نيڪ آرزو ۽ خواهشون الزام ٿيندیون ٿيون وڃن

هوندا يقينن ڪي سبب جن جي خبر ڪانهي اڃا
بي لوث جملي خدمتون ناڪام ٿيندیون ٿيون وڃن

ساقي ۽ ميڪش وارا اڄ آداب آهن ڪين ڪي
ولاهه سر مستيون تڏهن سرسام ٿيندیون ٿيون وڃن

اڪثر ڏٺو جاچي اٿم الله شاهد تو ڏيان
اڄ نوجوانيون يار نذر جام ٿيندیون ٿيون وڃن

ديرينہ خوش خلقيون بہ اڄڪلهہ محفلن جو ناز ناهه
۽ بدزبانيون هاءِ ننگ ونام ٿيندیون ٿيون وڃن

مُلان برهمڻ مولوي صوفي ۽ شيخ و پير جون
جيڪي هيون پُختائيون سي خام ٿيندیون ٿيون وڃن

مي نوش سمجهن ٿا مون کي مي سڀ غلط فهمي اٿن
لڙڪن پيڻ کان ئي اکيون گلفام ٿيندیون ٿيون وڃن

هو واعظِ بي پير جي عريانيون سمجهڻ لڳا
سڀ اسان مستن جي لاءِ احرام ٿيندیون ٿيون وڃن

وقتِ سحر دردن منجهان آهيون ڪيم جيڪي سدا
محبوب جي لاءِ سي سڀئي پيغام ٿيندیون ٿيون وڃن

مستي و رندي مي ڪشي اصلاح ونديون ٿيون وڃن
۽ ڪفر سامانيون مڙئي اسلام ٿيندیون ٿيون وڃن

هر ڳالهہ اڄ ٿي پيش گوئي طالب المولیٰ سندي
سڀ نڪتہ سنجيون تنهن سنديون الهام ٿيندیون ٿيون وڃن

خير محمد منگريو جو ڪرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

سرمايه دار لطف وٺي خواب گاه ۾
مسڪين لاءِ عيش بهار آهي آه ۾
هڪ ملڪ لاءِ جان ڏي پيو خشڪ نان لاءِ
ترجو ٿي فرق ناه گداگر ۽ شاه ۾
عزت ملي نياز سان هرجاءِ تي سدا
بي عزتي هميشه ٿي حشمت ۽ جاه ۾
ڪنهن دم ته چور پڻ ڇُٽي هڪڙي ثواب سان
زاهد ٿي ٿئي عذاب ڪڏهن هڪ گناه ۾
دنيا مان آخرت جي سفر لاءِ پاڻ سان
کڻ زادِ راه نيڪ عمل شاهراه ۾
غيرن سان همنشين جي هجي يار پل هجي
ڪافي ٿيو اهو جو رهان تو نگاه ۾
تعريف حسنِ يار جي آهي هي مختصر
هڪ ترعيان ٿيو آهي سورج ۽ ماه ۾
نعمت بس آه طالب مولا جي لاءِ هي
هر دم رهي تو سايهء عالم پناه ۾

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

سوين قاتل ڏنا مون گيسوئي خمدار جي وچ ۾
ڏسڻ سان دام ۾ قابو ٿيا بازار جي وچ ۾
اهوئي هڪ پيو ڏسجي سچڙي سنسار جي وچ ۾
نمايان جيئن سدائين آهه گل گلزار جي وچ ۾
ترڙي ڏاڍو ڏکيو تو ٿي ٻوڙي ماتار جي وچ ۾
وري ٻاهر نه ايندو جو پيو پاتار جي وچ ۾
ڪئي جن سرڪشي ان کي اٿيئي جوش مان جاني
هڻئي تلوار ابرو جي سخي ڪاپار جي وچ ۾
هتان هي هٿ ڏگهيري تو هتان هو تو اٿي هڪدم
اهو وقفو عجيب ٢ ساقي و ميخوار جي وچ ۾
ڪٿان غمزو ڪٿان عشوو ڪٿان نازوادا وريا
سلامت ڪيئن وري هوندو جو مارو مار جي وچ ۾
نگاهِ يار هڪ پاسي ته ٻي پاسي وري ابرو
بچي سو ڪيئن اچي جو تير ۽ تلوار جي وچ ۾
اميد آهي ته روز حشر هوندو طالب المولیٰ
محمد مصطفیٰ ۽ حيدرِ ڪرار جي وچ ۾

خير محمد هنگورجو کهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مضمر آهي گل ۾، جي غنچه دهني ۾
اسرار هويدا ٿا ٿين خنده زني ۾
سرو چمني ۾ نه گلِ ياسمني ۾
جيڪي مون ڏٺو يار، سنديءَ گلبدني ۾
مکڙي ٿي نظر زلزلا ۾ ترڪلا آهي
ثاني نه سندس چشم جو ساغر فگني ۾
بي آب ۽ بي تاب صدف ٿي ٿي والله
مرڪن ۾ جا خوبي سا نه دُرِّ عدني ۾
ڇا رنگ، ڇا ڍنگ ۽ ڇا جلوه گري آهه
خمدار ئي نه زلفن جيان مشڪِ ختني ۾
محبوب ٿيو بتڪده ذهن جو محمود
انجو نه جواب آهه ڪٿي بت شڪني ۾
يعقوب کي هت گرگِ حسد جي نه خبر ڪا
ديو غرق ٿي يوسف هُتي چاهِ ذقني ۾
هر بند ڪٿهر ڪا وحي يزدان کي پهتا
هي ناصح بي پير اڃا اهرمني ۾
اي ساقي نو خيز ڪامي ڪهنه ڪٿي
واعظ کي جوان ڪر تون اچي پير سني ۾
بي طرح سان بندن جو ڪو همسر ٿي نه آهي
ناصح ۾ ڳو افضل ٿيو ديده دهني ۾
خود غرض ستمگر کي سجا ٿي نه سگهيس مان
جو سادگي طبع وٺو حسن ظني ۾
اي زود فراموش ڪجھ احساس وفا ٿي
هڪ لمحو به لا ٿي نه ڪو وعدو شڪني ۾
ڳالهائي گهڻو طالب مولا ٿي بڪواس
شيرين دهني آهِ فقط ڪم سخني ۾

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

جڏهن محبوب جو جلوو رسيو منهنجي نظر تاءِ
ته پهتو درد ننجي ان گهڙي دل ۽ جگر تاءِ
مقامِ عشق جي اي بوالهوس تو کي خبر ڪهڙي
ته پهتو آهين تون الفت سندي چيري ۽ چر تاءِ
ڪري آهون ۽ داتهون ڏس ته ڪيئن تو يار پر چايان
فقط پهچڻ ته ڏي قاصد رڳو دلبر جي در تاءِ
جتي شب روز پڻ ناهي اتي رس راهرو ڪاهي
نه ڪر محدود پنهنجي زندگي شام و سحر تاءِ
جتي جبريل پڻ معذور آهي سا اٿئي منزل
اڙي غافل رهئين پهچي فقط شمس و قمر تاءِ
جي پائين تو کي ٿئي معلوم سارو راز قدرت جو
ته ڪر ڪوشش وڃي تون پهچ خشڪ و تر جي تر تاءِ
عقاب آهين آهين سندءِ پرواز لامحدود آ بيشڪ
يقين ڪر تنهنجي منزل ناهه ڪا ديوار و در تاءِ
جي درد دل جو طالب آهين تون اي طالب المولي
ته وڃ تون ڪٿهين قدر وٽ نه زاهد بي بصر تاءِ

خير محمد هنگورجو ڪيو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

مخفي آهي هر ڪنهن شدني نا شدني ۾
جيئن قهقها مضمر ٿيا غنچه دهني ۾
جا جسم معطر جي ٿئي عرق مان پيدا
سُنبل ۾ نه سا بوُ نه گل يا سمني ۾
والله ته هي صانع اعظم جو ڪمال آهه
در هائي عدن چسپان ٿيا لال يمني ۾
بد بين نه تجشين ۾ نه رکج غير ڪنهن ڏي
فاسج به نه اي يار مگر حسن ظني ۾
هن گريه و زاري تي توجهه نه ڏنو ڪو
مون سنگدلي خوب ڏٺي گلبدني ۾
ديدار سندس آهه گناهن جو ڪفارو
هڪ لمحي جي لاءِ يار اچي بالڪني ۾
والله سو تيندو آهي احسان فراموش
اميد نه رکي آدمي گردن زني ۾
حيران آهيان ڇا جي ڪري مشهور پدر ٿيو
حالانڪ پسر آيو هو دار و رسني ۾
اي واعظ بي پير هلون پير مغان وٽ
هي وقت وڃايون نه ويهي طعنه زني ۾
هر صاحبِ عظمت جو وطن ۾ نه ٿئي قدر
هر ڪنهن کي ملي ڄڃ غريب الوطني ۾
اي مولا سنڌ طالبِ مولا جي مدد ڪر
هر لمحي ۾ هر مهل ۾ رنج و محني ۾

خير محمد هنگورجو ڪيرو

اُهو ڏم ڌراڳ، جنهن ۾ ياد نه ڪون هجين،
نرمل تنهنجو نانءُ، آتشي ڇهڙ اندر ۾!
(مخدوم طالب المولى)

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

محبت وارو هي مشڪل اجاني آه آڪ جهڙو
هو دلبر عشق کان غافل اجاني آه آڪ جهڙو
اڃي يارو عاشق بسمل اجاني آه آڪ جهڙو
هو بي برواسندس قاتل اجاني آه آڪ جهڙو
سڄڻ دلڙي ڪسي ويو ۽ نهار بڻ ڪين ڪي بيهر
مگر هي عاشق بيدل اجاني آهي آڪ جهڙو
سندو هر مهرباني بعد پيو گهر ندس عطا هر هر
ڪُنل سهڻا سندو سائل اجاني آهي آڪ جهڙو
اهائي آهو زاري آ اهوئي دل تي هڻ آهي
اوهان جي ناز جو گهائل اجاني آهي آڪ جهڙو
وري ويا سال ڪتين جو تنهنجي حسن و ناز تي دلبر
زمانو سارو ئي مائل اجاني آهي آڪ جهڙو
هي تنهنجو طالب المولىٰ محمد يا رسول الله ﷺ
سندو رحمت سندو سائل اجاني آهي آڪ جهڙو
خبر محمد هنگور جو ڪبرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

كاش قدرت جي بنائي ها زبانِ آرزو
سنگدل تون ٿي وڃين ها رازدانِ آرزو

هي دلِ بيتاب آهي يار كانِ آرزو
منتخب توكي كيو مون پاسبانِ آرزو

مان سراپا آرزو تون يار جانِ آرزو
دل كتابِ آرزو مان ترجمانِ آرزو

اي پرين توكان وٺن ٿا روشني شمس وقمر
مون بنايو آ زمين تي آسمانِ آرزو

نعشِ عاشق كي ڏسي رئندي چيو ٿي سنگدل
هاڻ اكيلو ٿو وڃي هي كاروانِ آرزو

لطف پنهنجي سان جڏهن ايندين تون مون وٽ اي پرين
پيش خدمت مان كندس هي ارمغانِ آرزو

سور سختين رنج ۽ غم سان گزاريم عمرسڀ
درد دل جو هك ٿيو آ راز دان آرزو

حسرت و درد و فراق و سوز جي سامان سان
سوٽي منزل ٿووڃي هي كاروانِ آرزو

آرزو بي آرزو آ طالب الموليٰ سندي
هم نشين كهڙو نہ اعليٰ آه شانِ آرزو

خير محمد هنگورجو كپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

قرب جو قيدي ڪرين تو دلربا ھڪڙو نہ پيو
روز تو تان مهلقا تو تئي فدا ھڪڙو نہ پيو

عاشقن تي تو ڪري ھر ھر جفا ھڪڙو نہ پيو
يار تن جي سر مٿي صبح و مسا ھڪڙو نہ پيو

ڇا ٻڌايان همنشين مان ھن جي مقتل جو بيان
ات شهيدِ عشوھ و ناز و ادا ھڪڙو نہ پيو

اي مسيحا مان بہ آھيان ھڪ نظر جو طالبو
تو وٽان ٿي تو ڪري حاصل شفا ھڪڙو نہ پيو

محفلِ رخسار ڪي زانو جي رحلن تي رکيئين
سو مطالع تو ڪري اھلِ وفا ھڪڙو نہ پيو

جن ڪلامِ پاڪ پنھنجي لاءِ بنايو شمعِ راھ
منڪشف تن تي ٿيو رازِ خدا ھڪڙو نہ پيو

ھاڻ ڏسندا سين تہ تڪجي ڪير تو پٺي اي ڪريم
پيو ڪري دنيا اندر ھر ھر خطا ھڪڙو نہ پيو

طالب المولىٰ بہ تنھنجي ٿي ڪرم جو منتظر
جيئن دنيا ۾ تنھنجو طالب (مصطفىٰ) ھڪڙو نہ پيو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

حال رڳنديءَ تي ڏٺم پر دلربا بيٺي کليو
منهنجون تڪليفون ٻڌي هو با جفا بيٺي کليو
وصل جي شب نياز نوڙت ۽ ڏنو هٿ جوڙ کي
ان گهڙيءَ با تمڪنت نازو ادا بيٺي کليو
عشق منهنجو دلربا جي حسن سان جنهن دم لڙيو
هن جدا بيٺي کليو ۽ مون جدا بيٺي کليو
يار جي حسن سماعت تان فدا مان چوڻ ٿيان
منهنجي آهن تي سڄڻ ماهِ لقا بيٺي کليو
وقف عاشق لاءِ جنهن دم سوز ۽ غم تي ٿيا
ات قضا بيٺي رنو مهرو وفا بيٺي کليو
تنهنجي صبر و ضبط واريءَ يار طاقت کي ڏسي
آفرين چوندي اتي جورو جفا بيٺي کليو
دست بسته يار وٽ جنهن دم خطا ڪيو اعتراف
چا ٻڌايان ان گهڙيءَ جوش عطا بيٺي کليو
هن پڇيو اي طالب المولىٰ تمنا ڪا اٿئي
ات فقير بي نياز مدعا بيٺي کليو

خير محمد منگوڙهو ڪهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ماراهيان سچو ڏٺي ، جو خالق خلقڻ هار
ٻيو مير محمد مصطفيٰ ، مڃني جو مهندار
چارئي يار رسول جا ، جيئڻ گلن جو گلزار
ٻيا ٻارهن ڀڳڻ ٿيا ، عجب عالم ۾ اظهار
چوڏهن چوڏس واسطي ، اڄهو ۽ آڌار
تِهان پوءِ تعريف ۾ ، آه سڀ ولين جو وار
اهو طالب مولا مرد ٿيو ، جنهن عشق ڪيو اختيار
قائم رب ڪلتار ، قادر آهي ڪُل تي

خير محمد هنڱورجو ڪبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

سِڪ چوِن ته سمجهي رهو ، سور ڪن سُجاڳ
سڪن جو سنگت آهي ، نسوروئي نياڳ
سورن منجهان سدا ملي ، محبت وارو ماڳ
طالب مولا مرد تي ، لهه سورن منجهه سهاڳ
ته ويچاري ويراڳ ، وات ڏيکاري ورهه جي

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سڪڻ وارا سنرا، سڏائين سرشار
محبت رکن تا مال جي، اتن دولت جي دڪار
هو دور رهن تا در دڪان، وسيلا هر وار
ٻڌجن تہ ڀوڻ پيا، ڏکن جا ڏهڪار
پرَ سوَرتين سان ساٿ، سڄڻ سيئين پار
طالب مولا مرد ٿي، گوندر منجھ گزار
تہ سهڻن جو سردار، سورن ۾ ساٿي ٿئي

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليؒ

آءٌ طالب تنهن جو توڪلي، تون سخي سرور شاهه
پنان ٿي پيناءِ ٿو، تنهنجي نيڪ نگاهه
سدا منهن جو ساهه، ٿو سڪي تنهنجي سڪ ۾

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدو م محمد زمان طالب المولیٰ

آءٌ طالب تنهنجو توڪلي ، تون سخي سرور پير
دامن لڳس تنهنجي ، منهنجا مٺا مرشد مير
يا ننگي نوح فقير ، پر م رکجانءِ پال سان

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

آءُ طالب تنهنجو توکلي ، تون سخي شاهہ سرور
پنان ٿي پينار ٿو ، تنهنجو نيک نظر
سنڌي ڏينهن محشر ، سوکو کج سردار مون

خير محمد هنگورجو لڳرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

هڪ يار ڪپي ديدار ڪپي . مونکي ڪو ٻہ نہ ٻيو ڪم ڪار ڪپي
جنهن عشق اول اظهار ڪيو ، لائي نينهن نسگ نروار ڪيو
اهو پاڻ ڪپي جنهن پيار ڪيو ، اقرار نہ ڪو انڪار ڪپي
نہ ڪا تن ۾ رهي ٻي تار طلب ، قائم قرب رهيو منجهہ آهي قلب
چوريان ڪهڙي گهُر لاءِ پنهنجا لب ، نڪو زهد ڪپي نہ زنار ڪپي
جن ساڻ وٺي جند جان جڙي ، قابو قلب اندر ۾ آهي ڪڙي
اک عشق منجهان وٺي اک سان اڙي ، پيو پرت نہ ڪنهن جو پيار ڪپي
ٻل پاڻ ٻڌا نيون پايون سدا ، ويڙهي وٺن واري محب مدعا
اهو عشق هجي شل اصل ادا ، نہ ڪا طالب کي ٻي تار ڪپي

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

مونکي تنهنجو دلربا دلدار ديدار آهه ياد
اي پرين توکي به ڪجهه هي عاشقِ زار آهه ياد
اوچتو توکي ڏنم دل پڻ ڏئي ويٺس مٺا
ان گهڙي واري عجب شيرينِ گفتار آهه ياد
هر گهڙي محبوب تنهنجي لاءِ مان آهيان اداس
ڇا سڄڻ توکي به قدري منهنجو اڄ پيار آهه ياد
وصل جو وعدو وفا ٿيندو ڪڏهن اي بيوفا
آسرو جنهنجو ڏنئي ٿي سو اقرار آهه ياد
طالب المولي ڪان ان جي عشق ۾ سڀ ڪجهه ويو
هاڻي هن کي هر گهڙي محبوب مٺار آهي ياد

خير محمد هنگوريجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

يار منهنجو زنده باد
ان جون جفائون زنده باد
عاشقِ جانباز جون
پڻ حي وفائون زنده باد

جن وڪوڙي قيد ڪيو
۽ نيش سان دلريش ڪيو
جانِ من زلفن سنديون
ڪاريون بلائون زنده باد

مون ٻڌو محبوب کان
حڪ ڏنهن حرحر تي چيئين
درد دل ۽ عشق والفت
جون گلائون زنده باد

دست بسته درسنده تي
آءِ عرض ۽ التجا
عاشقن جون عشق ۾
يارب رضائون زنده باد

نازوارن کي نمائي
جي بنائن با نياز
درد وارن عاشقن جون
التجائون زنده باد

زندگي بخشين ٿيون
بيمارِ الفت کي ضرور
دلربا تنهنجي نگاهن
جون شفائون زنده باد

يار کي خوابِ تغافل
کان ڪيو بيدار جن
عاشقن جي سڪ ۽ سورن
جون صدائون زنده باد

حسن وارن جي ٿي فطرت
۾ سمايل آهي ڏاڍ
هر ستم تي ٿو ڪري
عاشق دعائون زنده باد

جن ڪيو قابو هميشه
لاءِ عاشق کي ادا
سي صنم منهنجي اجهين
جون ادائون زنده باد

منهنجي آڱاين کان ڪهن دم
ڪين ٿيو دلبر خفا
طالب المولىٰ سجن جون
سڀ عطائون زنده باد

مخدوم محمد زمان طالب المولي

تنهنجي فرقت ۾ ڪريان ٿو جاڳي واڳي يار ننڊ
هڪ وڏو احسان مون تي ٿي ڪري دلدار ننڊ
هڪ ته ان دم درد ڏک ۽ سور کان ڏي ٿي نجات
پيو ته تو وٽ ٿي وڃيو مونکي اچي غمخوار ننڊ
تنهنجي دردِ هجر ڪيو اي دلربا آهي ملول
تو اچي آرام جنهندم ٿو ڪري بيمار ننڊ
ڪنهنکي ساري عمر لاءِ آهي ڪندي بيڪار ننڊ
ڪنهنکي ساري زندگي لاءِ ٿي ڪري بيدار ننڊ
هن طرح سان رمز جو معراج حاصل ٿو ٿئي
ٿو ڪري جنهن وقت ۾ هو طالبِ ديدار ننڊ

مخدوم محمد زمان طالب المولي

اي زماني کان ڏکويل ٿي نه گريان غم نه ڪر
ٿي سرو ساماني تنهنجو آهه سامان غم نه ڪر
هڪ نظر سان تنگدستي تنگداماني ڪئي ڏس
پوءِ نه ٿي سگهندين ڪنهن جي زير احسان غم نه ڪر
ٿي ڏکي تون يار ۽ اغيار وٽ وڃ نا صفا
پيش ڪش ڪجين اول پنهنجا دل وجان غم نه ڪر
تون غمن جي فوج کان هڪ تر نه پاسو ڪيم ڪج
تن وسيلن جي مدد آ شاهه مردان غم نه ڪر
عاشق پنهنجا اڪيلو يار ڪئي هر گز نه ڇاڻ
هجر ۾ تو سان گڏ آ سوز پنهان غم نه ڪر
تنهنجي ڪشتي جو رسول ﷺ آهي نا خدا
ٿي نه هر گز هاڻ حيران ۽ پريشان غم نه ڪر
طالب المولي زماني جي حوادث کان نه ڏڄ
هر گهڙي ۾ تنهنجو آ مولا نگهبان غم نه ڪر

حيدر محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

برباد ڪيئي سو ٿيو بهتر پر هاڻي وڃي برباد نه ڪر
يعني هي مرغ دل پيارا پنجري مان تون آزاد نه ڪر
تو مون سان ڀلايون خوب ڪيون، سچ ڄاڻ ته سو احسان اٿم
پر شوخن کان اي شوخ صنم احسان ڪري پو ياد نه ڪر
جي هاڻ رعايت مون سان ڪيئي، ڇٽبو ته پو تون هار، اٿئي وٽين
ڪجهه لمحن لاءِ دلِ ويران جي، گوشن کي آباد نه ڪر
مان تنهنجي جفائن مان دلبر والله ته لطف اندوز ٿيس
ناشاد هزارين ڀيرا ڪر پر شاد ڪري ناشاد نه ڪر
تون منڪرِ جام و سبو ته نه ٿي، اي واعظ شهر خدا کان ڊڄ
تون خود بد و بو بد جي مستي ۾ انڪار ڪري الحاد نه ڪر
دردن ۾ پهلي ته اضافو ٿيئي، شب هجر پهلي ته دراز رهي
دردن جي ويچاريل تي هاڻي ڪا وصل سندي امداد نه ڪر
هي جوشِ جنون راهِ صنم، سرمايهءِ زيست بنائي ڇڏيم
بس هاڻ اي طالبِ مولا تون ڪجهه عقل و خرد کي ياد نه ڪر

تحرير محمد منگريو جو کهڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

دل ڏٺارڻ لاءِ سنڌءِ شيرين زباني آهي بس
۽ نگاهِ لطف عاشق لاءِ جاني آهِ بس

من جهان جي نعمتن ۾ جلوت و خلوت اندر
يارجاني ۽ شرابِ ارغواني آهِ بس

بوالهوس تون "رب ارني" جي تمنا ڪين ڪر
تنهنجي سمجهڻ لاءِ صدائي لَن تراني آهِ بس

دل جي دلبر يار کي راضي رکڻ جي واسطي
هڪ سرِ تسليم خم بي بي زباني آهِ بس

اي مريضِ عشق تنهنجي جملي دردن جي دوا
يار جي گفتن جو اطرفيل زماني آهِ بس

بوڙقيما ڪوفته حلوا وغيره ٻَن پون
تن سين ڪان بنهنجي گهر جي دال ماني آهِ بس

طالبِ ديدار کي پروا نہ آهي غير جي
هڪڙي مولي جي انهي لاءِ مهرباني آهِ بس

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

تون خوشي ۾ خوش گذارين دلربا دلدار خوش
دائما توکي رکي الله اي منثار خوش

التجا آهي مسحادم، نگاهِ مهر جي
ڪر ڪرم جو تي وجي هي بره جو بيمار خوش

تنهنجي هر انداز مخلوقات کي موهي ڇڏيو
ناز وادا تنهنجي آ رفتار خوش گفتار خوش

عاشقن جي آهه و زاري کو اثر آخر ڪندي
ڪين ٿي تون سو تهن تي اي سو تهن جا سردار خوش

ڇڏ ڪٿي مونکي علاجن جي نہ ڪا درڪار آهہ
تا لڳي دل کي طبيب عشق هي آزار خوش

ڪو نہ شاهن ڏي نهارن يار جي در جا گدا
بادشاهن کان بہ وڌ ٿيا پرت جا پينار خوش

تنهنجا تهه دل سور مون، سر تي سٺا تنهنجو قسم
شل هجين تون پنهنجي طالب کان سدا ء يار خوش

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

زماني ۾ نہ رهيو آهہ باقي ڪو دمساز
وري بہ آهہ سدا مهربان شاهہ حجاز
زرو بہ ڪانہ خو شامد ڪپي تي ڪنهن جي ڪا
اسان کي ڪافي آ محبوبُ حق جو بنده نواز
جتي متي گهٽي ڏسندا سون ويهي رهندا سون
فقير آهيون نہ گهرجي تو ڪو نشيب و فراز
نہ فخر آهي ڪنهن ڳالهہ تي مگر البتہ
غلام آهيان محمد ﷺ جو ان تي آهي ناز
چا خوب تر چيو حافظ عمل جي آ قابل
(کہ ڪيميائي مرادستہ خاڪ ڪوئي نياز)
بخدمت شہ شاهان ز طالب الموليٰ
ادب سان ٿُرت رسائج صبا سلام ونياز

خير محمد ڪنگرجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي'

اي يار جنهن وقت اچي ٿو کو ذرو هوش
جذبي جو وري پيدا رڳن ۾ ٿو ٿئي جوش

هو پيار هو جهڳڙا ، هو مزا جي ٿي ڪياسون
اڄ ياد اچن ٿا ته هو چڻ خواب فراموش

شاهن کي سدا فڪر حڪومت جو رهي ٿو
بي خوف ۽ خوش دل ٿو سدا ٿين رهي مينوش

مون جهڙي گنهگار تي رحمت جي نظر ڪر
اي شاهِ رسل تون ٿي سندم پردو آهين پوش

دنيا به عجيب موهه جو گهر آهي اي طالب
هن جي تون صدائن ڏي، ڪڏهن ڪين ڏجئين گوش

خير محمد هنگورجو ڪهڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

گرچہ مون خط لکي گھرايو خط
يارڪان اڄ تائين نہ آيو خط

خط ڏسي هٿ ۾ خابرو جي مان
خوش ٿيس ، ٿيو مگر پرايو خط

منهنجي دل ۾ بہ قظ پيو تڏهن
مهلقا ٿي جڏهن بنايو خط

آهي ارمان مونکي هُن جو فقط
چومون پنهنجو ادا رُلايو خط

ڪو ٿيو ڪونہ قدر خط جو اُت
آہ! مون چو لکيو اجايو خط

ٿيو اثر ڪو نہ ان ڪي اي طالب
مون لکيو پنهنجو آزمايو خط

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

جوشِ جنون عشق کي محفل سان ڇا غرض
صحرانورد جو ڀلا منزل سان ڇا غرض
جي عشق جي ئي فرض ادائي ۾ آهه محو
هي ڪوڙائي ان جو تغافل سان ڇا غرض
موجن ۾ ئي ته پورو ٿو مطلب ٿيو وڃي
غوّاص جو ڀڙايو ته ساحل سان ڇا غرض
سا وات ئي ڇڏي ڏي جتان محتسب مٿي
عاقل هجين اي يار ته جاهل سان ڇا غرض
الفت ڪان جيڪو خالي انهي ڪان پيچ پري
جنهن ۾ نه آهه دل انهي بيدل سان ڇا غرض
هو رشڪِ ماهه يار تصّور ۾ آهه گڏ
مونکي خدا جو سونهن مهِ ڪامل سان ڇا غرض
منهنجي ته ليلىٰ مون ۾ سکونت پزير آهه
مجنو ضرور آهيان محمل سان ڇا غرض
مولائي آهي طالب مولا جي لاءِ بس
حق جي طلب ۾ آهيان باطل سان ڇا غرض

خير محمد منگوجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي!

سنگدل تو کي سنڌ ۾ آهه و بڪا سان ڇا غرض
تو سڄڻ بي فڪر جو منهنجي بلا سان ڇا غرض

تون مٺا خوش رهه سدا جور و جفا رکجان روا
تو سندو منهنجا پرين صبر و رضا سان ڇا غرض

نيهن جو ناتو نڀائڻ مون ڪيو منظور آهه
تنهن ڪري منهنجو سندءِ جور و جفا سان ڇا غرض

گشتيءِ اميد کي ان جي سهاري مون ڇڏيم
پار آهي گڏ ته پوءِ بي ناخدا سان ڇا غرض

طالب المولي! محبت جو ذرو جنهن ۾ نه آهه
تنهن جو اهڙي جانور انسان نما سان ڇا غرض

مخدوم محمد زمان طالب المولي

روزِ اول کان هو دل ۾ چا پڌايان محفوظ
تنهنجي ديدار جو هر وقت هو ارمان محفوظ
هاڻ دل ۾ آهي منهنجي ته فقط رنج و الم
هيءَ خوشي ڏينهن پئي صورتِ مهمان محفوظ
تنهنجي درد محبت ڪيو آهي بدنام
ورنه مان هوس ته ڳاله ڪان جانانه محفوظ
دل ديوانه ڪي ذشت نوردي جو جنون
پر ڪيو ان ڪي سندءِ گيسوءِ پيچان محفوظ
اي فلڪ ڪر تو اٿئي جيڪي ڪري وٺ هڪدم
چا رهي سگهندين تو از آهِ غريبان محفوظ
ٿي ڪري بلبل بي برهي قفس ۾ فرياد
يا خدا بادِ خزان ڪان رهي بستان محفوظ
راز الفت جو اي طالب ٿيو وڃي آخر فاش
دل ۾ توڙي تو رکيو ان ڪي هو چندان محفوظ

خير محمد ڍنگر بجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

هر ڳالهه تي ڪرڻ آهي رنج والم غلط
جاءِ جهان نما سان ڪبو رنج جي غم غلط
هر نڪتوان جو سمجهو ته الهاءُ ٿو ٿئي
ڪِين ٿي سگهي ٿو اهل دل اهلِ قلم غلط
قانونِ عشق آهي هي ان تي عمل ڪيو
جو ياد يار کان سواءِ گذري سو دم غلط
سُوئي حبيب واري فقط راهه راست آهه
ٻي راهه ۾ کڄي جو قدم سو قدم غلط
ساقي سفالين ساغرِ مي چشم گون کپي
مون رند مي پرست جي لاءِ جاءِ جم غلط
هاڻي ته پنهنجي طالبِ مولا تي ڪر ڪرم
ٿئي نرم دل سان سنگدلي جو ستم غلط

خير محمد هنگورجو ڳپرو

ظلمتِ دنيا مٽائڻ لاءِ ٿيو روشن چراغ
ويو ملي سارِي جهان کي پڻ حقيقت جو سراغ
ڪانه هئي باغ جهان ۾ ڪا بهارِي اڳ مگر
آمدِ مُرسل کان ٿي سارو جهان ويو باغ باغ
جنهن جي دل ۾ آهه الفت احمدِ مختيار جي
تنهن کي بيشڪ ويو ملي دنيا ۽ عقبيٰ کان فراغ
محبِ حق جي آستان تي جنهن جو سر ٿو خم ٿئي
دائما رهندو سندس عرش معليٰ تي دماغ
ڪانه ٿي پرواهه رهي ڪنهن جي انهيءَ بد مست کي
هڪ دفع پيتو جنهن عشق محمد ﷺ جو اياغ
سيدا آسان ۾ هڪ طالب المولىٰ فقير
مهربان مرهم ڏيو جو ان کي آ فرقت جو داغ
مخدوم محمد زمان
(طالب المولىٰ)
هالائي

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

دلبر جو رخ تہ آهي ني رشڪِ گلاب سرخ
اڄ بزمِ ناو ونوش ۾ گهرجي ڪباب سرخ
فطري ني طرح لالِ يمن ڪان بہ خوب تر
هُن جي لبن اڳيان نہ ڪجهہ آهي عناب سرخ
پاڻي پيڻ جي لاءِ لڳائين جولب سان جام
پو انجي عڪس ڪان نظر آيو تي آب سرخ
وهوا شبابي سرخي وني پنهنجو ڪم ڪري
تنهنجي ڪري سفيد . لڳي ٿو نقاب سرخ
پيرِ مغان هي طالبِ مولا ڪان اڄ پڇيو
ڪهڙي ڪپيني جنس چيائين جناب سرخ

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

تي نوازي جنهن کي جنهن دم جذبۀ ڪامل جي اک
تو ٿئي سڀ ڪجھ عيان ۾ پئي ڪُليو جاهل جي اک

تي ڪُهي تلوار ڪان پڻ اگ ادا قاتل جي اک
ڪجھ نٿي گهبرائي مقتل ۾ مگر بسمل جي اک

تو رٿو ئي فرق آ ذات وصفت ۾ زاهدا
تو ڏسي جاهل بہ سو جاتي ڏسي عاقل جي اک

ڪاسۂِ دل تو اڳيان آيس ڪٺي اي شاهِ حُسن
اي سخي معلوم ڪر ڇا ٿي چوي سائل جي اک

يا الاهي اڄ رکي ونجئين سندم سهڻي ڪي تون
منهنجي مهرو تي جو پئي آهي سڄي محفل جي اک

تو ۾ طالب آهي شايد ڪجھ اڃا پڻ ڪا ڪمي
هوش ڪر ڪو هوش ڪر ۽ کول پنهنجي دل جي اک

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

عشق جو مذهب الڳ ۽ عشق جي منزل الڳ
وحشتِ جوشِ جنونِ عشق جي منزل الڳ

شهر يارِ حُسن ڪا ھڪڙي نظر هيڏهن ٻه ڪر
خستہ دل بينوا اٿي سيني ڪان ھي سائل الڳ

اي عزيزو ڇا ٻڌايان حال شامِ ڪربلا
سر الڳ هو ڌڙ الڳ ۽ خنجرِ قاتل الڳ

اي سجڻ ڇو ٿو سياست سان هلين ڇا ٿو ڪرين
تون رهين ٿو گڏ مگر دلبر رکين ٿو دل الڳ

انتهائي وصل ۾ هي رمز آهي ضم ٿيل
دائمي صحبت مان ٿو ٿي جذبہ ڪامل الڳ

زاهدِ بي پير تنهنجو ڇا تعلق مونسان آهہ
طالب المولیٰ جو آهي توڪان آب و گل الڳ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

منهنجي غم کي آهي بس جذبۂ غمخوار جي تانگهہ
جيئن هميشہ ٿئي ڪنهن دل کي ٿي دلدار جي تانگهہ
منهنجي دردن جو صنم الڪو نہ تو کي آهي
بي خبر کي نہ ڪڏهن ٿيندي خبر دار جي تانگهہ
دل بلبل تہ ڪهڙين سان بہ نہ قائل ٿيندي
تنهن کي گل جي نہ مگر آهي ٻي گلزار جي تانگهہ
صاحبِ دانشتني هر جرم ڪندي بي جُرم آهي
هن زماني ۾ رکو دار کي نادار جي تانگهہ
گل ڪبو شمع فروزان کي جو ايندو محبوب
وصل جو ذهن کي اڄ آهي شبِ تار جي تانگهہ
هي بہ فطرت جو اصول آهي اي طالبِ مولا
يار کي يار جي اغيار کي اغيار جي تانگهہ

خير محمد منگو جکرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

پاڻ ڪان ٻاهر مني مناڙ ڪي تون ڪيم ڳول
دور دلبر دل گهرئي دلدار ڪي تون ڪيم ڳول
جي نظر باريڪ سان ڏسندين تہ هرجا يار آهه
يار هڪڙو يار ڏس بي يار ڪي تون ڪيم ڳول
سو نهان ، سو آشڪارا ، هر طرف آهي اهو
ڪ طلب هڪڙي جي بي غمخوار ڪي تون ڪيم ڳول
سوئي گل ڦل ۾ سمايل سوئي خار و خس ۾ آهه
پاڻ ڳولج ۾ فقط گلزار ڪي تون ڪيم ڳول
ماسوي محبوب جي سڀ غير ڄاڻي ڇڏ دوئي
ڪ طلب هڪڙي جي بي دلدار ڪي تون ڪيم ڳول
دوست جي ديدار سان ڪم آهي طالب تو سندو
يار جي اقرار يا انڪار ڪي تون ڪيم ڳول

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

هزار درد سهي هڪ وفا خريد ڪيم
فنا جي رمز سان آخر بقا خريد ڪيم

سڄڻ کي دل ڏئي نازو ادا خريد ڪيم
۽ پاڻ وڪڻي دُرِ بي بها خريد ڪيم

ويس جو يار سان اڄ صبح دم گلستان ۾
صبا کان نگهتِ زلفِ دوتا خريد ڪيم

هڪ ارزان جنس ڏئي پر ڪيو مون جهولي ڪي
خطا ڏنم ۽ سڄڻ کان عطا خريد ڪيم

مون پنهنجي پاڻ کي کهڙي نه آهي ڪس لاتي
وفا جي قيمت سان بيوفا خريد ڪيم

ڪيو مون پيش وڃي درد لا دوا هُن وٽ
حڪيم مطلق کان هڪ دوا خريد ڪيم

پڄي مان يار جي خدمت ۾ طالب المولىٰ
وڃڻ سان دوست کان مڻ قرب جا خريد ڪيم

مير محمد هنگورجو ڪيو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

وفائي ڪندس بي وفا جو قسم
ڏني دل ڇڏيم دلربا جو قسم
محبت ۾ سڪ ڪا حقيقت نه آه
اٿم تنهنجي جور و جفا جو قسم
تيس قيد پهرين ملاقات ۾
سڄڻ تنهنجي زلفِ دوتا جو قسم
هزارين ڪيا مست دُنيا ۾ تو
سندءِ يار ناز و ادا جو قسم
سچي دل سان مولا جو طالب تيس
خدا جو قسم آ خدا جو قسم

خير محمد هنگورجو ڪبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

محبت جي جيڪو کنيو تم قدم
سو اکين هي ڏهندو خدا جو قسم
مان آهيان هڪ جوئي آهيان
پين سان پلا منهنجو ڪهڙو ڪم
هي دنيا جڏي هُن جي ورتم پناهه
زمانو ڪري ٿو ستم تي ستم
ڪيو عشق هر چيز کان بي نياز
نه عقبيٰ جي خواهش نه دنيا سان دم
جتي ان جو جلوو نظر آئيو
اها جاءِ مون لاءِ بيت الحرم
جتي هو اُتي منهنجو فردوس آهه
جتي مان اُتي ان جو باغِ ارم
ڪٿهن پاڻ کي پنهنجي ڪانهي خبر
ڪٿهن ذرو ذرو به آڌو اتم
مان مولا جو طالب هو دنيا جو دوست
پلا محتسب سان سندم ڪهڙو ڪم

خير محمد هنگورجو ڪيو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مون پڻ دنيا تان هڪ همنوا حاصل ڪيم
شاهه سائين کي ڏٺي ان جي وفا حاصل ڪيم

هن نهاريو ناز مان هڪ ڪرم شفا حاصل ڪيم
نيڻ درد لا دوا جي ٿي دوا حاصل ڪيم

ياد ناهي هن ڪڏهن ڪو وجهه شڪايت جو ڏنو
ان جي احسانن مان پڻ صبر و رضا حاصل ڪيم

منهنجي مذهب ۾ شڪايت ۽ گلا آهي حرام
دلربا جي پيار مان ٿي ڳالهه اها حاصل ڪيم

ڪفر ٿيندو جيڪڏهن مان يار جي لاءِ هيئن چوان
سنگدل کي ڪل ڏٺي جور و جفا حاصل ڪيم

ياد ڪونهي مون سوالي کي ڪڏهن خالي ڇڙيئين
شڪر دلبر صاحب جو جودوسخا حاصل ڪيم

طالب المولىٰ تي هو پاڻهي شيدا ٿي پيو
ان جي الفت مان ٿي هڪ اهڙي ادا حاصل ڪيم

فقير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

هزار رنگ ۾ بيرنگ جو جمال ڏٺم
هي پنهنجي ديدءِ حق بين جو اڄ ڪمال ڏٺم

صفت ۾ ذات جو جلوو نه آيو جنهن کي نظر
انهي جي اوڄ ترقي ۾ پڻ زوال ڏٺم

مقابلو نه ڪيو جنهن ڏکن جو دنيا ۾
اگرچه شير هجي همسرِ شغال ڏٺم

انهي جو سير ثريا کان پڻ مٿي آهي
جو اهلِ دل سندي قدمن ۾ پائمال ڏٺم

هزار طرح سان تحسين بهَ طالب المولىٰ
سدائي خلوت وجلوت ۾ لايزال ڏٺم

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪنهن جي دردِ محبت کي دل ۾ جان سان زندگي جي امانت بڻائي ڇڏيم
هجر و فرقت جو اکر غم جانوان دل جي گوشي ۾ هڪدم لڪائي ڇڏيم

مونکي کھڙي مجال آھ انکان پلا رنج و غم ۽ تغافل جو بدلو وٺان
پنھنجي قلب حزين کي صبح و مسا روئي روئي ستائي ڇڏيم

گل نہ دامن ڇڏڻ سان ڪريو تا پون خار دامن مان هرگز نہ تا هٽ ڪڍن
نيٺ پنھنجا پراوا ٿيا تنھن ڪري اڄ پراون بہ پنھنجو بڻائي ڇڏيم

هوءَ هڪ وقت هو جو ونم روز و شب همنوا ئو خُشين جي ڪمي ڪانہ هُئي
هي خزانو سڄڻ سنگدل جي مٿان نيٺ صدقو ڪري سڀ کپائي ڇڏيم

جي اکيون تہ ڪندس پوءِ مجرم ٿو ٿيان داغ ايندو محبت جي ناموس تي
پنھنجي اڄ همتِ عشق کان ڪم وٺي اشڪ پي غم کي ڪائي ڪپائي ڇڏيم

منھنجي گذري نہ گذري ڇا ان سان سندس، هن جي مونکان سوا نيٺ گذري وئي
مون بظاهر کلي خوش ٿي موجون ڪري، پنھنجو بيگانو سڀ کو پلائي ڇڏيم

هوپرين بار بار آيو منھنجو نہ ٿيو، مان تہ پهرئين ئي پيري سندس ٿي ويس
اهو فطرت اها حسن ۽ عشق جي، جا محبت ڪري آزمائي ڇڏيم

اهِ منزل تي هر آرزو جو اجل، تو مقصد اتي نيٺ حاصل ٿئي
اڄ حصول تمنا کان بيگانو ٿي، هر قدم پنھنجو اڳتي وڌائي ڇڏيم

اڄ نہ هو ئي رهيو ۽ نہ مان ئي رهيس، هڪ خيال محبت رهيو دل اندر
طالب المولىٰ هن کي تصورِ ۾ ئي، پاڻي آغوش سيني سان لائي ڇڏيم

خير محمد منگور جو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

هو وفائن جو گمان پر بي وفا تون ڪيئن ٿئين
آشنا هونئجي ورو نا آشنا تون ڪيئن ٿئين

تون رقيبن سان رلي ملي تو رهين شب روز جو
وري بيزار مونکان خفا تون ڪيئن ٿئين

اڳ نه رليئي هئين گهڻو پر هاڻ عار وسطو
يار ڪئي تو پل پل يارا جئو قضا تون ڪيئن ٿئين

پنهنجي مشتاقن تي جو قهر و غضب جي آنظر
غير پرور او مدا جئو اج پلا تون ڪيئن ٿئين

اڻ ڏيگانن تي بخشه مهر جي تنهنجي نگاه
دوستن پنهنجن تي خنجر آزما تون ڪيئن ٿئين

ماڻ نه پر ڪوشش ڪري مخفي رهين هر راز ۾
خلق ۾ او يار جانو پر ملا تون ڪيئن ٿئين

هئين نه واقف تون گهڻو سهڻن جي سختين کان مگر
پوءِ جئو تن جو طالب آشنا تون ڪيئن ٿئين

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

جهان ۾ ڪيئي نامي ۽ گرامي،

نظر ۾ رک حلالي ۽ حرامي.

مگر اخلاق پنهنجي کي نہ ڇڏ جان،

نہ هرگز ٿيج "طالب" انتقامي.

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

کھين مسڪين کي جام ڪم نہ ايندي،
اھا دولت بہ دولت ڪانہ چئبي.
پرايو پيٽ ڪائي پوءِ قاٺڙ،
قسم ربّ جو شهادت ڪانہ چئبي.

خير محمد ھنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اجوڪن عورتن جو طول ۾ غرض،
انهي سان گڏ پيو انگ سجاڻي.
خبر جيڪا به آهي شوهرن کي،
اها درزي به ٺواج خوب جاڻي.

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڏيڻ ڳاريون فصاحت ڪانہ چئبي،

چوڻ ڳهٽ وڌ بلاغت ڪانہ چئبي.

هجي جيڪا وڏن ماڻهن جي لٰ وقف،

محبّت سا محبّت ڪانہ چئبي.

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

صدارت کي امامت کو نہ چئبو،

حکومت کي خلافت کو نہ چئبو.

اها ڪا ڳالهه ئي ڪي آهه يارو،

سياست کي صداقت کو نہ چئبو.

خير محمد هنگورجو گبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عاشق وٽ هردم آهي جان فدائي جو رواج
پنهنجي هر هڪ قول تي وعدھ وفائي جو رواج

ڪون ڪنهن سان ٿا رکن هو قرب وارا اختلاف
درد وارن وٽ ٻرن سان پڻ ڀلائي جو رواج

عشق وارا غير کان آزاد آهن دم بدم
بس انهن وٽ هڪ سچائي ۽ وفائي جو رواج

ڪينڪي رسمِ مدّت ڪي اسين ڏيندا سون ترڪ
ڇاتيو جي ويو ڦري ساري خدائي جو رواج

غم نہ ڪر وصل واري التجا تي ناقبول
اصل کان سهڻن ۾ آهي ڪج ادائي جو رواج

حسن جي دولت مان ڪجھ ڏي طالب المولىٰ کي يار
ڪر ڪرم اي دوست ڇڏ بي اعتنائي جو رواج

خير محمد ڪلهوڙو

اڙي ملان سنڌ مڪتب جي ميخاني سان ڇا نسبت
گدا گر جي پيالي جي، آ پيماني سان ڇانسبت
فقط هي بوءِ جي شيدا، مرڻ لاءِ هو رهي شائق
اي يارو آهي بلبل جي ته، پرواني سان ڇا نسبت
ٻناڪون وچ وڃي ممبر تي هڻ، اي واعظِ نادان
پڌ تو هو شور جي آهي، مستاني سان ڇا نسبت
اڙي دربان نه هتندس مان، سڄڻ سردار جي در تان
هدايت جي پلا اي يار، ديواني سان ڇا نسبت
ڪيو جنهن ترڪ هر شي کي، ويو لذاتِ دنيان کان
انهيءَ شهزور شاهنشاهَ جي، شڪراني سان ڇا نسبت
حقيقت زوق ذاتي جي، مليو آ جنهن کي اي ناصح
انهي الله جي عاشق، جي افساني سان ڇا نسبت
ٿيو آزاد جو قيدي، جهان کان طالب المولئٰ
انهي اليلي دل کي خويش و بيگاني سان ڇا نسبت
مخدوم محمد زمان طالب المولئٰ

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ڪئين شب فرقت تي گذري دلربا مون کان نہ پڇ
درد ۽ غم جي خبر او مهلقا مونکان نہ پڇ

تنهنجي دردن ڇا ڪيو ۽ تنهنجي الفت ڇا ڪيو
ڇا وڃي تنهنجو انهي ۾ بيوفا مون کان نہ پڇ

هم نشين ٻڌ مان سراپا درد ٿي ويو آهيان
چاره گر هاڻي ڀلا ڇا جي دوا، مون کان نہ پڇ

هل هليو پاڻهي ٻڏائيندس تہ ڪشتي جهل هتي
چاڙهہ گليءَ وٽ سُکانُ اي ناخدا مون کان نہ پڇ

طالب المولي تي ڇا گذري تو تنهنجي هجر ۾
ڇڏ ڪٿي هن ڳالهہ کي منهنجا مٺا مون کان نہ پڇ

ڪشڪول

مفلسي (قطعو)

دولت جي گهٽي آهي ته دنيا به آهي دوست،
نه ته يار به پاسو ٿا ڏين خوب ڪري ڇنڊ.
ڪم ذات جي آهي ڪو ڪٿي دولت ڪيو "لس"،
۽ عام به انکي ٿي چوي شاهه سمرقند.
مفلس جي ادا عالي نسب آهي ڪو موجود،
ان لاءِ حڪومت جو به دروازو آهي بند.

(١٩٤٦ع)

ڪوڪول

امير ۽ غريب

امير تو رهي نازان سندس آهي راڄ،
غريب دست - محبت سندو سدا محتاج -

امير عيش و طرب ۾ تو دل کي وندرائي،
غريب پاڻ ڪمائي ٻين کي کاراڻي -

امير پاڻ ڍڪي ٿو ٻيا رکي عريان،
غريب پاڻ ٻين کي ڍڪي، رهي عريان -

امير صرف عنايت ڪان ٻي ڪري پاسو،
غريب مهر و محبت جي لا رهي پياسو -

امير پنهنجي خوديءَ ۾ رهي سدا سرشار،
غريب خاص رکي دل ۾ خوف ربّ - قهار

امير راغب حور و قصور آ هردم،
غريب طالب هردم رهي ٿو سيف و علم -

خير محمد ھنگورجو ڪيرو

(۱۳ جون ۱۹۴۷ع)

(۱)

مــولا جـي ـحبت، رک تـون روح اندر،
سدا سـهاڳـي آهـي، سـهڻي هـي صـحـبـت،
محـبت، مـعـرفـت، ماڻ تہ پوءِ تون مرد ٿئين۔

(۲)

جن پنهنجو پاڻ فنا ڪري، اللّٰهہ ڪيو اثبات،
"ڪُلِّ شيءٍ محيط" آهي تـنـين کـي تجلات
هـردم آهـن حيات، هو مرد مرن نہ ڪين ڪي۔

خير محمد
هڪڙو

(٣)

ٿيي هٿي پاڻ ۾، جهاتي جن پاتي
تنين جي ڇاتي، **طالب** گنج گوهر جو۔

(٤)

اينئين جيري جيءَ، جيئن مرڻ کان پوءِ نه مرين
جام جيئڻ جو طالب، هادي هٿان هيءَ،
وهم وساري ويهه تون، وحدتِ واري ويءَ،
مرد مڇي تون ٿيءُ، محبت جي ميدان ۾۔

(٥)

مرد ٿي ميدان ۾، موت جنين ماريو
پريم سان پاڙيو، تنين قول قرار سان۔

خير محمد هنگورجو

(٦)

طالبن تـوحـيد، اصل ڪان اختيار ڪئي،
ماڻيائون محبوب جي، معرفت مجيد،
طالب آهي تن وٽ، قرب جي ڪليد،
ترڪ ڪيئون تقليد، عشق جي اوقات ۾۔

(٧)

در ڪر تون دل ۾، ٻري ڪين ٻلاءِ،
پنهنجو پاڻ پڇاءِ، ته پنهنجي پاڻ ۾ ئي لهين۔

(٨)

ساڪا ٻولي ٻول، جنهن سان راز رب جا ئين،
ڳجهه اندر جي ڳالهڙي، ڳهلو ٿي م ڳول،
ڪاند تنهنجي ڪول، تون وڃين جو ونڪار ۾

(٩)

ڪچڪول

جاڳڻ ساڻ رڪ جار، سمهڻ ڪوه نه ساڙين،
اُٿي آڌي رات جنو، پيرت پرين جي پار،
قرب وارن جي ڪار، وٺ تون وهم وساري.

(١٠)

سمهڻ ساڻ ڪو نه ڪي، ڪنهن ڪي مليو ڪوڙ ڪو،
جاڳڻ ساڻ رکڻ جيڙو، رمز اِها نه ڪي رکڻ،
پرين اُٿي ڏکي، هو ملڪ موٽيءَ ماڪئون.

(١١)

مرشد مونکي ماڻهو، سيکاريو سبق،
ته احد احمد وچ ۾ اٿئي ميم فرق،
ٿي جيئن مستغرق، طالب تون توحيد ۾.

مير محمد هنگورجو

(۱۱)

ڪچڪول

مرشد مونکي مام ۾، سيکاريو سبق،
ته احد احمد وچ ۾ الفي ميم فرق،
ٿي جيئن مستغرق، **طالب** تون توحيد ۾.

(۱۲)

مرشد مون کي مام سان، سبق سيکاريو،
"الدنيا جيفة وطالبها ڪلاب" ⊛ رک اهو وايو،
دم دم دل لايو، طالب رهه توحيد ۾.

(۱۳)

نيڻن واري نماز جو، عشق ٿيو امام،
نه ڪو اٿڻ وهڻ ٿئي، نه ڪو آهي قيام،
سجدو ۽ سلام، پنهنجي ڪيوسون پاڻ کي.

عبير محمد هنگورجو

(١٤)

ڪڏهن پرين ياد، ڪڏهن پرين پاڻ ني،
ڪڏهن غم الم ۾، ڪڏهن تيون دل شاد،
ڪڏهن قيدي قرب جا، ڪڏهن پڻ آزاد،
اهو ئيو امداد، آهي عشق شاه ڪان۔

(١٥)

وهي وينديءَ وهي، پوءِ ڪندين ڪجاڙو،
نفس هن نادان کي، هڻ هينئر نَئي ڪهاڙو
تهان پوءِ پاڙو، ملندي ملوڪن جو۔

(١٦)

وهي وينديءَ وهي، پوءِ ڪندين ڪهڙي ڪار،
پاڻ پنهنجو پرت ۾، پهرين جان مار،
اها ڪا پست پار، جا سدا هجي سينگار تو۔

خير محمد هنگورجو

ڏکڻ چوڙي هليا، پيا پنڌ ڀري،
پڙو پاڄهارن جو، وطن شال وري،
سامونڊي سهڻا سدا، مَن اچن قرب ڪري،
تهان پوء مري، نلي هي مهجور تڻي.

(١٨)

ادا اٿي الله ڪي، ڪي ڳهلا ڳوليندا،
پنهنجو پاڻ پٽون ڪري، اهي رليا روليندا،
جي وجود وڙيندا، اهي پسندا پاڻ ء.

(١٩)

ساريندي سهر بن، اچي پهتا پاڻ،
حاضر آهيون هاڻ، طالب مولا تن ساڻ.

خير محمد هنگورجو

(٢٠)

ڪھڙي سنھنجي ڪل، **طالب** طبيبن کي؛
ھڻ ھڻ منجھ ھڪل، نينھن ڀڃن ٻل ۾.

(٢١)

سھڻا سائين سچ، قيدي ڪيئي قرب جو،
ٻاري ٻارو چل ڇڏيو، تو من ۾ منھنجي مچ،
ھيڪر ھلي اچ، تہ گڏجي گوندر لاھيون.

(٢٢)

پيارا تنھنجي پرت جو، پيوند ويو پئجي،
چاڪر ويس چئجي، قرب سندءِ جي ڪل سان.

(٢٣)

تنھنجي پياريءَ پرت، منھنجو من مستان ڪيو
توريءَ سھڻا سرت، اصلئون آئي ڪانہ ڪا.

خير محمد ھنگورجو

تنهنجي سات طلب، اٺئي پهر اندر ۾
مون تي ٿي محبوب تون، راضي ڪار رب،
قائم منجهه قلب، سوز سدائين تنهجو.

(٢٥)

تنهنجي تات تمام، اٺئي پهر اندر ۾
پرين ڪو پيغام، من منجو ڪو مهجور ڏي.

(٢٦)

تنهنجي آهي تات، اٺئي پهر اندر ۾
توري آهي ڪانه ڪا، واتي پيي ڪا وات،
مونکي ڏينهن رات، سوز سدائين تنهجو.

خير محمد هنگورجو

(٢٧)

تنهنجي سار سنڀار، اللهَ پور اندر ۾
هڏا اي مردار، توريءَ ڪين گذاريان.

(٢٨)

اکين ۾ آتش، آهي عشق حسن جي،
انهن جو ٻا ٻش، ڪونهي ڪو جهان ۾.

(٢٩)

اکين کي آرام، آهي عشق حسن ۾،
پرين جو پيغام، ايندو آهي انهن ڪان.

(٣٠)

نه ڏکن ۾ ڏپرا، نه سترا منجهه سکن
طالب مولا مرد سي، لکيو ڪين لکن
پر لبين منجهه لکن، ڪي ڪي عاشق اهڙا.

خير محمد هنگورو

(۳۱)

ڪچڪول

نہ غمن ۾ غمگين، نہ خوشين ۾ خوش حال،
طالب مولا مرد ئي، ڪن قرب ۾ ڪمال،
۾ اهڙا مرد محال، ڪي ڪي ڏٺا ڏيهہ ۾.

(۳۲)

مَتَ ياري (۱) مَتَ منهنجا پرين، آراضي (۲) ٿئي اڄ
ڏي پلو (۳) پريت جو، تہ سڪر (۴) ٿيان سڄ،
محبت ڏيري (۵) سچ، ياريو منهنجي من ۾.

مير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ٻڌايو ڪيئن پلا ٿيندو ڪنهن کان تيغ زن کي ڏپ
زماني ۾ ٻڌو ڪو ٿيو دلِ لشڪرشڪن کي ڏپ
جنونِ عشق جنهن تي تو ٿيئي طاري تہ پو همدم
انهي کان تو رهي هردم انهي جي پيرهن کي ڏپ
ڪٿي شمشاد شرمندو ڪٿي گل شرمسار آهي
هو سهڻو ويو گهمڻ خاطر تہ ٿيو ساري چمن کي ڏپ
ڪري ٿو عاشقِ مهجور جي آهون سحر گاهي
قسم رب جو تہ هڪدم ٿو وٺي چرخِ ڪهن کي ڏپ
چيو ساقي تہ منهنجي مستَ جي اڄ مست چشمن کان
لڳي ٿو مهنجي نگرِ ڪيفزا سان ساغر فگن کي ڏپ
انهن کي هرڪو ڏيندو جاءِ دل ۾ طالب المولىٰ
گهمي ٿر بر تہ ناهي شاعرِ شيرين سخن کي ڏپ
پلي مجمع اديبن جو جهان ۾ ٿئي ڪٿي جي ڳڌ
نہ ٿيندو طالب المولىٰ اتي ڪنهن اهلِ فن کي ڏپ

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

منھنجا گلرخ گلبدن گلفا گوھر ھاڻ اچ
منھنجي دل جا دلربا دلدار دلبر ھاڻ اچ

توسان گڏ دمدم آھيان مونسان ھمدم آھين تون
دور ھوندي آھين وجھو من مظفر ھاڻ اچ

تنھنجي بو مون مان اچي پئي منھنجي بو تومان اچي
محب مشفق مھلقا او منھنجا مظھر ھاڻ اچ

تنھنجي پيرن تي سدا شلَ تاج شاھاڻا جُھڪن
ڪامراني سان اي دلبر دلاور ھاڻ اچ

طالب المولي جو مولا توسان ساٿي ھتِ ۽ ھُت
يار منھنجي آسمان جا ماهِ انور ھاڻ اچ

خير محمد ھنگورجو ڪيھر

مخدوم محمد زمان
طالب المولىٰ

اچن ٿا سير چمن لاءِ بهار ۾ گل رخ
گُلن کان خوبتر آهن وقار ۾ گل رخ
جڏهن نگاه ڪئيو تا ڏسن محبت مان
وجهن ٿا روح نئون بيقرار ۾ گلرخ
ستايان خوب انهن کي هو جيئن ستائن ٿا
ڪڏهن جي آيا ڪٿي منهنجي پيار ۾ گل رخ
اسان هي درد فراق آهي ڪيو قبول تڏهن
تا خوش ٿين هو جڏهن حال زار ۾ گل رخ
پريشان ڪين ٿيون ها هميشه هيڏي طرح
سان جي ڦوڻ ها ، جي اختيار ۾ گل رخ
ويس جو ڪاله هلي گلرخن جي محفل ۾
ڏنا مون محو سيئي حسن يار ۾ گل رخ
ته بي خطر ٿي هنن ساڻ هل تون اي طالب
هزار خار ڪن ٿا ڪنار ۾ گل رخ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪڏهن چڱ قلب مان، دليل جو ڏيرو
سڪرنڊ جي ويندي ساهه ۾، من ٿيندو ميرو
دلي دوڙ دوڙاءِ ڪا، ساجهر سويرو
ڪر پلڻ وٽ پيرو، ته وسئين ڪي ويجهو ٿئين

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

رانڀين عادت اهڙي ، جئين ڪُتن ۾ ٿئي ڪِنِ

اصل آئين ڪانہ ڪا ، محبت واري مَنِ

پريي ڪري پرت ، مشهور ٿيا اڄ ملڪ ۾ ·

خير محمد هنگورجو ٽيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ڏول جنين جو ڏُکَ، سي ڪئين اگهاڙيون ٿينديون،
تنين ڪيو ترڪ، پنهي جهان کي
آڏو آهين پاڻ کي، پنهجو پاڻ ئي پاڻ،
انهي ئي اهڃاڻ، پاڻ لهندين پاڻ ۾.

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اونهين هن عميق ۾

تارو ُ تڪي تون تر ُ

ڇڏ خوف خطر

ترڪي ڪر تون تار ۾

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

جان جُسوءِ جيءُ، جن سان اڙيو عشق ۾،

سوري واري سڏتي، جوڙي چئجان جيءُ،

اوکو آهي ايءُ، ناتو رکڻ نينهن جو.

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

وڙهندڙن سان نہ وڙهجي، مانيٽن سان مانٽ،
من کي محبوبن جي، محبت سان پيو مانٽ،
تہ کين پوندين ڪانٽ، نہ کين ويندين ويترو،

خیر محمد هنگورجو کہرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

هِڪ دل اندر ڏونهان . ڏڪايا دردن
ٻيو واري وڌيو . سڄڻ جي سهڻن
ٽيون اڄي سنگت لاٿيو . سهڻي جي سورن
چوٿون سڪن ۽ ساٿ ڇڏيو . موٽيو هو ء وڃن
پنجون ننگٿون ناٺو ڪيتڙو . نرمل جي اڳمن
ڇهون اڄي آنهه پاريو . اندر جي اڳمن
ستون هجر حال وڃائيا . منجهه آهن ۽ ڏانهن
اٺون اندر مچ مچايا . جذبن ۽ جوشن
ناٺون نينهن نهوڙي ناٺه ڪيو . ۽ مرڪي محبوبن
ڏهون ڏکن دل ڏکوڙيو . منجهه طالب تڪرارن
چريو منجهه چين . اٺي ٻهر عشق جي

مخدوم محمد زمان طالب المولى

اڳياڙي سيڪو سڪري پياڙي سڪري سڪو

ساڻي سهڻو سو جو پرت پياڻي پهنجي

مير محمد منگر جو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اڳياڙي سيڪو ڪري پڇاڙي ڪري ڪو
ساڻي سهڻو سو جو پرت پڄائي پنهنجي

مخدوم محمد زمان طالب المولي

جي پائين جوڳي ٿيا، ته حيرت کي حاصل

اڳتي هل همت سان، ۽ مونجهه نه منجهه منزل

ته محبت جي محفل، پسين پنهنجي پاڻ ۾

خير محمد [illegible]

مخدوم محمد زمان طالب المولي[1]

ڪڏهن ويهن نه ويجهڙو، ڪڏهن قرب ڪمال

ڪڏهن نظرون مهر جون، ڪڏهن موهن سان مقال

ڪڏهن هلن هجر ڏئي، ڪڏهن واه وصال

جنساري جمال، طالب مولا تن جو

خير محمد منگور جو ڪيل

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

پيچ پيالن پائيو، ڀيرين ڏيئي پيار
نازن ڀريئي نازمان، اکڙين سان ڪيو آر
ابرو عاشق جي مٿان، ڪٽي وار جا ڪيائين وار
سڄڻ ساهه پساهه جو، سدائين سينگار
ڪيو گهڻو گرفتار، طالب کي تڪڙ سان
ڀيرين مونکي پرت جو، پيالو پياري
ڏلڙي ڪسي دور ٿيو، نازئون نهاري
دمدم درد فراق ۾، وڌائين واري
ٻلٻل ٻڪاري، طالب انهي تات ۾

اڄڻ جو انجام ۔ برين شل پاري
هيڻ نه هر هر هجر ۾ ۔ مٺل کي ماري
دردمنديءَ دل کي ۔ اچي دلبر ٺاري
نيڻ ڪٽي ناز مان ۔ نازڪ نهاري
دردن جي درياءَ مان ۔ طالب کي تاري
پيمانو پريت جو ۔ ڪو پياسي کي پياري
واڳون واري ۔ من وري کي وصال جون

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪسي من محبوب ويو ، ڪري سو سينگار
پرت پيالا پياريئين ، ڏئي پلپل منجھ پيار
لايائين لطف سان ، لئون لئون منجھ لغار
نازڪ نازن پيرئي ، جو نينهن مان ڪئي نهار
تہ چاڙيئين نشا نينهن جا ، بي خبر نڪا چار
وبهي ڪيائين وير ۾ ، ورهہ جا واپار
وري ويڇڙي واه جو ، دل ڪان ڪيائين ڏار
جانب جي جدائي ۾ ، نيڻ وهن جئين نار
تن ۾ طالب يار جي ،تات طلب ۽ تار
لايا عشق اندر ۾ ،آڙاه ۽ آزار
اها آهي پچار ، اتئي پهر اندر ۾

مير مديني جا ڌڻي . قرب ڪلهي تي ڪر
اگلي تي عجيب تون .دست دليئون ڪو ڏر
دانا دلبر يار تون . آءُ چريو آهيان چَرِ
ڪريو پنهنجي ڪرم جي، ولهي تي ڪا ور
پيٽي تون ٿي پر . طالب مولا جي منا
Abu Zayd

مخدوم محمد زمان طالب المولي

برھ جون باھيون ، بدن ۾ ٻرڪن ،
عشق واري آڳ جا، اڌمان روز پيا اٿن
محبوب جي محبت جا ، من ۾ مچ مچن،
حقيقتون حبيب جون ، هيئڙي ۾ هڻن ،
پينڌ وجهي پنهنجو ڪيو ، طالب مولا تن
قرب جي ڪڻن ، ڪيو حوالي حبيب جي

خير محمد هنگورجو ليپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

پرين سنڌي پار جي . صحيح سڃاڻج

ته ذات لڪائي ذوق سان ، صفات ۾ سڃاڻ
الله نور السموات والارض ،اهڙن اشارن

ڪل شي محيط چيو . قربئون قريبن
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، جي پڪن پيغامن

ونفخت فيه من الروحي ، انهن احوالن
لبيڪ مثله شيءِ ، جي نرول نشانن

وفي انفسڪم افلاتفصرون ، واري محڪم مثالن
لوچي لڌو لاحد ۾ ، نرمل نا سوتين

طالب مولا محبت جو ، مشهور منجهه ملڪن
ڪڏهن لڌو ڪون ڪو، نهاري نظرن

جي اندر جي اکين ، ڏٺو ته ڏسي سگهنديون

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سچ آهي ساهه ۽ جڏي هن جسم جو،
هلي چلي هو پيو، هي مظهر ڳو ماهه،
هي وچار وهر ويل ۾، هو بادشاهه بي پرواهه،
اندر جي احوال کان، اهوئي آگاهه،
رحمت روحاني سندو، دلبر آهي درياهه،
طالب مولا جو آهي، عشق عاليجاهه،
چائي هڪ الله، حقيقت هن حال جي.

خير محمد ھنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

وڏا وس ڪيام، پسڻ خاطر پرين جي،
لائق "لن ترانيِ"، جا. پيغام ياد پيام
طالب مولا سي ورِي، ويهي ورائيام،
عقل ۽ عرفان اتِ. اچي ٿوپ ٿيام.
آخر عجيبن جا. سنيها سمجهيام،
تہ ڪر پرين پيام، جي پرتو پسجي پاڻ ۾،

ڪير محمد هنگورجو ڪرو

مخدو م محمد زمان طالب المولیٰ

هتي آيس حڪم سان ، هلي ڪان هاهوءَ ت
اچي آڙهه عشق جو ، لڳو منجهه لاهوت ،
واقف ٿي وجود ڪان ، جائي ۾ جبروت ،
تسبيح ۽ تحليل ۾ ، ٿيس محو اندر ملڪوت ،
نسگ منجهه ناسوت ، طالب مولا مرد ٿيو

خير محمد منگور جو ڪيو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

چوڙي چڙيائين چوه ماني، ڪلهي تي ڪاڪل
ديدون ديدن ۾ جهلي، واري وڌائين ول
ڪري قابو چڙيو، محبت ساڻ مِڙل
وٺي دل قبضو ڪري، ڪيائين ڪاني کهل
مارڻ جي محبوب ڪئي، عجب هئي اتڪل
ڪاني ڏنائين قرب جي، وري ڪاٺي ڪل
طالب ڪيي تڪرار ساني، عشق مليو اڻ جهل
جڏهن خوشين ڪيا خلل، تڏهن سوراجي ساٿي تيا

مخدوم محمد زمان طالب المولى

جيڻ جن جهاد ، مرڻ تن مشاهدو

من عرف نفسہ فقد عرف ربہ ، اعليٰ هي ارشاد

يجاهدون في سبيل الله ، تي اٿي ڪر اتحاد

الحب لله والبغض لله ، چئي عاشق ٿي آزاد

طالب مولا مرد ٿي ، نينهن جو وڄائي ناد

عالم ڪيو آباد ، شل الله ڪري عشق سان

خير محمد هنگورجو ڪنهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

سڪ ۾ سهڻي يار جي، ڪيو اوجاڳو اکين
اوچتو عجيب جو، پتو ڪو پيين
ڏسن ڏوران هليون، قربتون قرين
مازاغُ البصر وماتغيٰ ۾، محو ٿيون مرڪن
طالب مولا تن کي، ووڙي لڌو ويلهن
ويهارڻ لاءِ وس ڪيا، ويچارن ونن
جڏهن پرين منجهه پين، تڏهن پاڻهي ويون پور جي

خير محمد هنگورجو ڪهرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

قالو، واري قول کي، پرين سان تون پاڙ

طالب مولا مرد ٿي، من محبت سان مار

نرت ڪري نهار، ته وِڪان ئُي سڄڻ ويجهڙو

پرين ناهي پري، آهي پڪ پساهه ۾

انهي ذوق ذري - ويچو وڃائي ڇڏيو

خير محمد هنگورجو کبرو

خير محمد هنگورجو کبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولا

رئڻ ٿو ڍهون ڪري ، پرچڻ پڪاري
ملڻ محبوبن لاءِ ، نت نت نهاري
رئڻ ڪي رڙين ۾ ، کلڻ ڪيڪاري
طالب مولا محبت ٿي ، صبر سيڪاري
برهه باڪاري ، عشق واري اگ ۾

خير محمد ڪنگوري جي ڪيپ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڳنڍيا آهن ڳنڍ، سڄڻ ساهه پساهه ۾

تن کهڙو ڪبو سڌ

جي وڪاڻ ٿي ويڄها ٿيا

مخدوم
محمد زمان
طالب المولىٰ

جيڪر ٽيان پٽِ، حويلي حبيب جي
پسان روز پرين کي، اها ڪريان ڪرت
ناز پرئي نرمل ڏي، نهاريان ساڻ نرت
پاريان پوري پرت، طالب مولا تن سان

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

چيو تون چانو، پرين پرديسي جو

اتل ڪان اوهان سان، لالن لاتيم لانئو

نيل ڦٽنجي نانئو، طالب مولا مست ڪيو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

نهاريو ناز مان ، قريبن ڪُرڪي

پُر پياريائون پريت مان ، سڪ واري سُرڪي

محبوبن مُرڪي ، ڪمند پاتو قرب جو

خير محمد ھنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

تماچي تائي ڪنيو ، نوري جي نگاه

دُنيا کان دور ٿي ، ورتئين پرت جي پناه

غمزي غلام ڪيَس ، عشق عالي جاه

ٻي رسم ۽ راهه ، وساري ويهي رهيو

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

جڏهن ڏٺو جن، جلوو جانب يار جو

تڏهن مليءَ تن، ماهيت محبوب جي

اک پرين جي اک ۾، جن رکي جوڙيءُ

اهي تار گهڙن توڙي، تہ بہ ڪنهن پر ٻڏندا ڪينڪي

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ساريندي سپرين ، ويو سج لهي
پيارئي ڪا پريت مان ، محبت واري مهي
سور تنهنجي سڪ جا ، هاڻي سگھنديس ڪين سهي
ڳالهه اها پيو ڳڻيان ، جا پَرِ ۾ پاڻ پئي
مل اچي محبوب تون ، نه ته وڃي ٿي وهي
طالب مولا وٽ مٺا ، قربئون اچ ڪهِي
اها روح ۾ رمز رهي ، جا سلي تو سهڻا پري


مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ
ڪانگَل قريبن ڪي ، وڃي چئج وري
وڃ ٿيا ويهي رهئين ، هاڻي وري اچ وري
تنهنجي ڪئين سري ، جانب جدائي ۾

مخدوم محمد زمان طالب المولي
محبت جي ميدان ۾ ، جو خيما ٿو کوڙي
طالب مولا ٿو ٿئي ، سونئي سو کوڙي
انهي ئي کوڙ ي ، مهمير مُنجهائي ڇڏيا

مخدوم محمد زمان طالب المولي

تڙ تماچي آئيو ، ٿيو گندرجي جو غلام

ڪارڻ ۽ ڪڪن ۾ ، ورجي آيو وريام

نيهن وارجي نماز جو ، عشق ٿيس امام

نسب ۽ نام ، وسارجي ويهجي رهيو

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

خودي ڪائي ڪِنِ ڪي ، ڪي خودي ڪي ڪائين
ڪِنِ سان دلبر دل لائي ، ڪي دل سان دل لائين
ڪي پنن ٿا پِٽَ ڪُٽيو، ڪي ڪوهين ڪارائين
طالب مولا مرد ٿي ، ڪي قرب ڪمائين
ڪي محبت ملهائين ، ڪي وڃن ٿا وصال ڪان

خير محمد منگورجو کيرو

طالب المولىٰ

مخدوم محمد زمان طالب محبوب محبوبن

سارا ھُہ گريان تنھن سڄڻ جي، جو محبوب محبوبن

ثاني سندس ڪون ڪو آھي، سھڻو منجھ سھڻن

ور انھي جي وارن جا، ور ور ڏيو وڙھن

سج چنڊ ڪات سُھڻي، آھي پيشاني پرين

شمشيرون شرمائيون، پيشڪ تن پرن

اکڙيون ڏسيو عجيب جون، مرم لڳي مرگھن

خير محمد ھنگورجو گيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

همسر ڪين گلاب ٿيي، ڳاڙهن تن ڳلن

نهڪ نهوڙي ڪئن نيا، پيا وري لعل لبن

جهڪا جواهر ٿا ٿين، ڏسيو ڪي ڏندن

يوسف جهڙا گم ڪيا، ڪيئي چاهه ذقن

مٿي قربان ڪلهن، ڳچي ڪونج مثال آ.

تحرير: محمد هنگورجو گيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي؁

حاڪم پاتيئي هئن ۾، محبت وارين مُنڊيون

دليون دلبر يار تو، ڪيئن ماريون ۽ مُنڊيون

محبت پاتئي مُنڊيون، طالب ڪي طلب جون

خير محمد هڱوريجو کهڙو

محمدﷺ وٽ اهو ئي سرخرو آهي
هجن اعمال جنهنجا خوب و بهتر
”نجات“ ان لا آهي جو مجيندو
عليعہ و فاطمهعہ، شبيرعہ و شبرعہ

مخدوم محمد زمان طالب المولي
اک پرين جي اک م, جن رکي جوڙي
راز رهن تا رمز جا, يارو هن جوڙي
اتي جڙيو جوڙي, سو وري ويو ڪون ڪو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

پانھون ڀڄڻ يار جون ، جئين چونڪ چندن
ڪاريون ڪنگڻيون ڪرائن ۾ ، جئين ور واسينگن
سينو سھڻو سو دفعا ، چيلھه جھڙي چيٽن
آگريون عجيب جون ، نوري ساڻ نَھن
طالب طلبون تنھن سنديون ، واريو وِ ڪوڙن
ھٿن ۾ پيرن ، سڄڻ سڄو ئي سھڻو

خير محمد ھنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

وانگوڙا واسي ، جڏهن نڪرن نازمان

چڏين چوهئون چا چوان ، وڻ ٽڻ کي واسي

ملڻ لاءِ محب جي ، سيڪو باسون پيو باسي

اوسي ۽ پاسي ، آهي ڳالهه انهن جي

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولٰي

سورن ڏنا سُک ، سُکن سورَ سوَين ڏنا
دلبر جي ديدار جي ، بيحد آهي بُکَ
ايندي عجيبن جي ، لهندا اندر جا اهُکَ
پرت رکبي پاڙ ۾ ، تڏهن پوندي سيپ پرک
منجو وجن محبت ۾ ، هو لاڳاپا جي لک
طالب مولا مرد تي ، وڌندي رک تون وک
کارڻ رب الک ، سهه سيوئي سِرَ تي

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

وصل واري وات ۾، ڪٺ سورن جو ثمر
پلي بڪ پرم جي، اٿئي سهڻو اهو سفر
جي سڪن ۾ سمهي رهيون، تن ووڙي لڌو نه ور
طالب مولا مرد ٿي، پڙهه دل سان الف اکر
لنگهي درد واري در، وڃي مل محبوب سان

خير محمد هنگورجو ڪپرو

محمدؐ مير تنهنجا جڳ سلامي
ڪثير تنهنجي غلامن جي غلامي
مِٺا محبوب تنهنجوئي تہ آهيان
سوا تنهنجي نہ منهنجو ڪو بہ حامي

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سياست ناهہ ڏاڙهي پٽ آهي
فقط غدار جي ھِٽ ڪٽ آهي
ذات ڪو جوڙ ضرب ۽ ونڊ موجود
رڳو هر ڳالهہ ۾ ٺي ڪٺ آهي

هجن جنهن جا گهڻا معبود هر دم
ڪڏهن اُن جو يقين محڪم نہ رهندو
اصول آهي تہ هڪ هڪ جوئي ٿيندو
گهڻن جو ٺر تہ اُن ۾ دم نہ رهندو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪمپوز خير محمد هنگورجو کپرو

ڳنڍي الفت

چئو مان ڪوڙ جانا
ڏنل دل کي ونئو مان ڪوڙ جانا
مان آهيان طالب المولىٰ اي يارو
تہ دنيا جو ٿيئو مان ڪوڙ جانا

Khair Mohammad Hingonorjo Khipro Sindh

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

هو محفل ۾ ٿي ماري ٿوته مقتل سا اسان جو ڇا
شهيدِ ناز آهيون تيغ قاتل سان اسان جو ڇا

پڇڻ کان پوءِ هرڪنهن آرزو جو خاتمو ٿو ٿئي
اسان کي آرزو محبوب منزل سان اسان جو ڇا

پڇين ڪونه جي آئي وڃڻ تي ويئي هلي هڪ دم
وفائي جنهن نه ڪئي آخر انهي دل سان اسان جو ڇا

جڏهن محبوب منهن موڙيو ته پو باقي بچيو ڇاهي
چمن سان گل سان سبزي سان عنادل سان اسان جو ڇا

ستايل آهيون هن پرجا هَن پر ڪان لڳي ٿو ڊپ
خدارا ناخدا وٺ سير ساحل سان اسان جو ڇا

اڃا ٻهرين ٿي سجدي ۾ رکيل سر آهي اي همدم
ٿئي ٿو فرض مس پورو نوافل سان اسان جو ڇا

خدا جو ٿيو ڪرم هردم رهون ٿا حق جا طالب
اسين آهيون ٿي مولائي ته باطن سان اسان جو ڇا


مخدوم محمد زمان طالب المولي
اي بار خدا آئون گنهگار آهيان
مون کونه چڱو ڪم ڪيو
بدڪار آهيان
هن نفس جي غلبي کان ته
لاچار آهيان
ته به تنهنجي عنايت جو طلبگار
آهيان
خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

حاصل نہ ٿئي ڪِي بہ محبّت ڪان سواءِ،
فرحت نہ ڪڏهن ملندي مصيبت ڪانسواءِ،
سک ڪونکو ايندو آ ڏکن ڪان اڳ ۾،
لذّت نہ وري وٺبي اذيت ڪان سواءِ.

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي
سهڻا نہ گهڻا پر آ سچائي اڻ ليپ
ماڻهو بہ مٺا پرتي منائي اڻ ليپ
بدنام ٿيو عشق جو نالو آهي
دنيا ۾ مگر آهي وفائي اڻ ليپ
خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

مون ڇڏي دنيا تڏهن هڪ همنوا حاصل ڪيم
ساهه سران کي ڏئي ان جي وفا حاصل ڪيم

هن نهاريو ناز مان هڪدم شفا حاصل ڪيم
نيٺ دردِ لا دوا جي ئي دوا حاصل ڪيم

ياد ناهي هن ڪڏهن ڪو وجهه شڪايت جو ڏنو
ان جي احسان مان پڻ صبرو رضا حاصل ڪيم

منهنجي مذهب ۾ شڪايت ۽ ګلا آهي حرام
دلربا جي پيار مان ئي ڳالهه اها حاصل ڪيم

ڪفر ٿيندو جيڪڏهن مان يار جي لاءِ هيئن چوان
سنگدل کي دل ڏئي جورو جفا حاصل ڪيم

ياد ڪونهي مون سوالي کي ڪڏهن خالي ڇڏيئين
شڪر دلبر صاحبِ جو دوسخا حاصل ڪيم

طالب الموليٰ تي هو پاڻهي شيدا ٿي پيو
ان جي الفت مان ئي هڪ اهڙي ادا حاصل ڪيم

خير محمد هڱورجو ڪپرو


هنگوجو
بڌائج سچ ڀلا توکي به منهنجي جستجو آهي
تون آخر آهين انسان وصل جي ڪا آرزو آهي
وڃڻ وسريو مٺي ڏورايا ڏک اي طالب المولىٰ
جڏهن قسمت سان هو محبوب ٿيندو دوبدو آهي

تو نين ، دن رين ، مان چين چايا

انهيءَ اوٽ اڻ موٽ ، ڪئين گهوٽ گهايا

تهنجا ناز، انداز، آهن باز بحري

وري وار گهندي دار، ڪن ڪار قهري

وجهن ونگ ، هٿن ڏنگ رڪن زنگ زهري

تنهنجن اکين ، رب رکين ،وڏا راز رايا

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ڪمپوز: خيرمحمد هنگورجو

کپرو سنڌ

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ - ڪتاب چنهنڊڙيون مان

قسم الله جو سوئي مسلمان
محبيندو جو محمد مصطفيٰ ﷺ کي
اهو هرگز مسلمان ڪونه آهي
مڃي جيڪو فقط هڪڙي خدا کي

هُتي ڪانهي عمامي جي پڇا ڪا
عبائون ۽ قبائون ڪم نه اينديون
عمل ۽ نيڪ نيّت ٿي کپن تا
جي نه ته سڀ طاعتون برباد ٿينديون

پڇا هرگز هي محشر ۾ نه ٿيندي
سٿڻ پيڏي تي ڇو ته ڪانه پاتي
مگر پڇندا ته تقويٰ ۾ گذاريئي
يا پنهنجي دل تو دنيا ساڻ لاتي

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اُولاڙي سيف ابرو هن تہ ڪيئي تغزن ڦٽڪيا
فقط هڪڙي نظر جي تاب سان ئي صف شڪن ڦٽڪيا
قيامت خيز منظر ڪيئو خرام ناز ۾ برپا
جو آيو ساقي مهوش تہ اهل انجمن ڦٽڪيا
ٻہ گفتا يار فرمايا فقط مهرو محبت مان
تہ ڄڻ موتي ڇڏئين پوئي ۽ سي شيرين سخن ڦٽڪيا
جڏهن آمد مٿي محبوب جي دنيا ۾ ٿي يارو
ٻڌي تعريف ڪيئي رشڪ کان شاهہ زمن ڦٽڪيا
رخِ تابان مٿان پردو کڻيو جنهن وقت هو دلبر
تہ ٻي ساري خدائي سان ڳڏ سي گلبدن ڦٽڪيا
هڻي ٿو مرغ دل کي يار تير نيم ڪش هردم
ڪمين گہ وٽ ڏٺم ويچارا ڪيئي بي وطن ڦٽڪيا
تبسم يار فرمايو تہ ڄڻ بجلي ڪري پيئي
نزاڪت هي ڏسي دلدار جي غنچہ دهن ڦٽڪيا
ٻڌي نغمہ نوازي طالب المولىٰ جي محفل ۾
گهڻا پيرا گهٽائي اهل دل ۽ نغمہ زن ڦٽڪيا

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڀل مليو ڪنهن کي جي دنيا ۾ رياضت جي سبب
جي ڪو مخدوم ٿيو آهِ ته خدمت جي سبب
دوست دشمن ٿو ٿيئي يا ٿو ٿئي دشمن دوست
آهِ صحبت ڪان هو ۽ آهِ هي عزت جي سبب
ٿا ڏسون هرڪو اسان تي ٿو خفا ٿئي اڪثر
آهي دستور هي دنيا ۾ مروت جي سبب

سڀ تعلق جني ڇڏيان مان گھٽا ڏيکن مگر
ڇا ڪجي ڪجهه نه ڪيم رسم مُدت جي سبب
قيس و فرهاد ، سسئي، سهڻي، اهڙين قسم ٻيا
ٿيا دنيا ۾ ڪي مشهور ته الفت جي سبب
گل و بلبل کي اوهين سمجهو سدا هم رتبه
ڪو تفاوت ٿيو آهي ته نزاڪت جي سبب
بي سبب جور جفا عامَ جا طعنا طالب
ٿو سهان سر تي سيئي خاص محبت جي سبب

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

دل ڦري دلبر ٿئين مون کان جدا ڪهڙي طرح
مون وفا ڪهڙي طرح ڪئي تو جفا ڪهڙي طرح

مان تہ تنهنجي واسطي سڀ ڪجهہ ڇڏي آهيان چڪر
بخش تون مونکي ڪندين آخر خطا ڪهڙي طرح

هاءِ هو قسمت ۾ منهنجي درد فرقت جو لکيل
آسمان جي پو ڪريان ڪهڙي گلا ڪهڙي طرح

رونق محفل بہ رهہ، ۽ بار خاطر پڻ نہ ٿي
ڏس چمن ۾ ٿي ڦري بادِ صبا ڪهڙي طرح

ملڪ کي ڇا ٿي ويو ۽ آدميت وئي هلي
ويٺي بدلجي ملڪ جي آب وهوا ڪهڙي طرح

تون نہ ٿي سگهئين ڪڏهن ٿي طالب المولىٰ سنئو
قيد هن کي ڪير مگر زلف دوتا ڪهڙي طرح

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

خاموش آهين ڇو تون اي دلدار ڏي جواب
چاجو تو انتظار ڪرين يار ڏي جواب

هو قول ياد آهه ملڻ لاءِ جو ڪيئي
ڪنڌ ڪرڻ متي نهار اي بي پيار ڏي جواب

سهڻا حساب ۾ ته هرڻ پڻ تا لنگ تِين
ڪرڻا اٿم ڪي عشق جا آچار ڏي جواب

وعدو وفا ڪندين يا اٿئي ڪو بيو خيال
ڪهڙا ڪرين تو هاڻ تون ويچار ڏي جواب

پنهنجو ڪرين تو مونکي پرين يا تو سمجهين غير
آزاد آهين جيئن چوين هڪوار ڏي جواب

دل وٺ تون منهنجي ۽ وري ڏي مونکي پنهنجي دل
ڪهڙي صلاح ڪو ڪريون واپار ڏي جواب

حافظ خدا آ تهنجو مگر موڪلاڻي ناهه
لهندين وري ڪا منهنجي سڄڻ سار ڏي جواب

شڪوه شڪايتن تان خفا ڪين ٿي متا
عاشق جا يار غار هي ڪرڻ آر ڏي جواب

مون ڪي نٿو گهرائين تڏهن هي تو خط لکان
ملندين مان آهيان طالبِ ديدار ڏي جواب

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

نہ ڪي ظاهرانا گهرجن ٿا نہ ڪي عصرانا گهرجن ٿا
جهان تو جن جا لب ساقي اهي پيمانا گهرجن ٿا
نہ گهرجن ٿا محلات ۽ نڪي ڪاشانا گهرجن ٿا
چراغ عشق جتِ روشن اهي حسخانا گهرجن ٿا
اسان مستن جي مشرب ۾ جهان آباد ويرانو
فقيرن جي ڪيا آباد سي ويرانا گهرجن ٿا
اسان جي ملڪ جا نادان اڃا مرده پرست آهن
هنن جيئرن کي برڪت واسطي فزانا گهرجن ٿا

اڄو ڪي تلخي دوران مٿانئو تلخي مي سان
مِي گلگون سان پُر پيمانا سوڙهن آنا گهرجن ٿا
ڪِهي پير مغان ڪي ٿي سجائين درد پرور دل
طلائي نقرئي هرگز نہ هت نذرانا گهرجن ٿا
شرافت ۽ چڱو ڪردار اڄ نقصان جو باعث
جهان وارن کي اڄڪلهہ ڊنگ ابليسانا گهرجن ٿا
ڪجهي افطار روزو مي ڪشي جو طالب المولىٰ
سرِ محفل او ساقي جام بي باڪانا گهرجن ٿا

خير محمد هنگورجو ڪرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

درد جي لذت وڃي ڪنهن عاشق بيدل کان پڇ
لطف منزل جو ادا تون صاحب منزل کان پڇ

ڇا مزو مقتل ۾ آهي هر گهڙي ڦٿڪڻ سندو
دل قتيل زخمي جگر ۽ گهور جي گهايل کان پڇ

پنهنجي منهن هردم هلڻ بهتر نہ آهي بالهوس
راهرو آهن گهڻا ڏس اڳ جو ڪنهن ڪامل کان پڇ

ابروءَ خمدار واري ڌار جو ڇا هي اثر
طالب المولىٰ خبر هن حال جي بسمل کان پڇ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

رکين ٿو دل تي پيارا اغيار ڪهڙي سبب
ڇو مون سان ٿين نٿو هم ڪنار ڪهڙي سبب
ڪئي ته ڪان اٿم ڪا خطا پڻ ڪان وڏيڪ
رهي نٿو پو فلڪ سازگار ڪهڙي سبب
جي اعتبار توڪّل تي ٿو رکين انسان
ته پو رهين ٿو پلا بيقرار ڪهڙي سبب
ريا و ڪذب جي ڪنِ، ترِ جي ملڪ ۾ عزّت
ڇو عشق وارا ٿيا بيوقار ڪهڙي سبب
گلِ وجود جي بخشيئي خدايا دنيا ۾
ته باغ عمر ڪيئي بي بهار ڪهڙي سبب
گهڻوئي فڪر ڪيم پر اڃا نه ٿيو معلوم
بڻيو هي عالم با پائيدار ڪهڙي سبب
ٻڌاءِ طالبِ مولا ڪي باغبان ڪولي
ٿو خار گل سان رهي همڪنار ڪهڙي سبب

مخدوم محمد زمان طالب المولي

تو ڏسان اٿون عجب چال چلن جي صورت
وٽي بدلجي آصغا پنهنجي وطن جي صورت
ڪنهن سان پيمان وفا آهي ڪيو تو بلبل
تو سهائي ٿي نه ڏسندين سا گلن جي صورت
باشنا سائي رهي ناهي يا آهي سچ هي
آ ڏسڻ ۾ نه اها در عدن جي صورت
شڪر الله جو اڄ آهيان هن منزل ۾
جو خوشين ساڻ منيل آهي خمن جي صورت
هن هوا آهي ڪيو سڀ ڪري خراب اي طالب المولي
ورنه هوندي اهڙي ڪڏهن سرو سمن جي صورت

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ساقي سهڻي سرور سانون، پريم دا جام پلايا،
ڇوڙ گيا تڌهان حرص وهوس، جڏهان عشق اندر وچ آيا،
رنگ وچ رلمل ٿي بيرنگ ، هڪ رنگ دا بيک بنايا،
آپي طالب، آپ مطالب ، آپي انا آلايا.

خير محمد هنگورجو کپرو

Bait (couplet) of Talib ul Moula

Talib ul Moula

عشق نہ بيت المال، جو ملي محتاجن کي،
عشق آهي ان سَندو، جنهن ڪيو قرب ڪمال،
"طالب المولي" طلب ۾، جو رکي خاص خيال،
جانب جو جمال، اهو ماڻيندو عشق سان

Love is no booty
To give a share to the orphans from it
It's enjoyed by whom,
Who performed the best
In such a desire,
One remains exalted "Talib ul Moula"!
Beloved's aesthetic view is perceived
Through such love

Translated by Hisam Memon

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ديد مان دلدار جي اي يار ڦب
وٽ نشا ڪي تهن جا ميخوار ڦب
ڀڃنجا غم تو پاڻ ڪان ٿي خود ڪفيل
هن ڳراني ڪي نه ڏس غمخوار ڦب
هن حياتي جون ٻهارون چند روز
تِن منجهان اي عاشق بيمار ڦب
ڪجهه نه ڏيندئي فائيدو افراطِ زر
تو سخاوت مان سخي سردار ڦب
ڀڃنجي صحبت ڪي غنيمت جاڻ يار
ديد چاجي آهي اي دلدار ڦب
طالب المولي تون دربان قبول
روز و شب هردم منجهان ديدار ڦب

غزل

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

۱- کرتا هون یاد دلبر آنسو بها بها کر
آتا هے لطف تجهکو همکو رلا رلا کر

۲- دیدار کي تمنا رکهتي هے مجهکو گریان
کبتک رکهون مین اسکو دلمین چهپا چهپا کر

۳- سکهه چین میرے من کا کیون ساتهه لیگئے هو
هنس هنسکے مجهسے اسلم آنکهین ملا ملا کر

۴- فرقت مین دلکو تسکین دیتا هون اسطرح مین
آنکهونمین تیري صورت - زیبان بسا بسا کر

۵- میرا مسیحا مجهسے یون کهیل کهیلتا هے
سو بار مارتا هے دن مین جلا جلا کر

۶- **طالب** کو هجر مین یون حیران رکهوگے کبتک
قاصد کے هاتهون هر دم باتین بنا بنا کر

خیر محمد هنگورو

مخدوم محمد زمان طالب المولٰي

گردن ۾ وڌو يار سچيءَ دام محبت
ڏسجي ته پوءِ ڪيئن ٿو ٿئي انجام محبت
سا دل هي ٿئي طور ٿي اي زاهد بي پير
جنهن دل ۾ نهفته ٿيا آلامِ محبت
جي چاهين ته زنده رهان دارين ۾ دائم
سي فڪر ڪري ترڪ ۽ پي جامِ محبت
سر يار کي ڏيئي پوءِ ٿي جان باز اي طالب
پل پل ته محبت ۾ وڌي گامِ محبت

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اگـــر عشق کي ابتدا هــو تــو تــم هو
محبت کي بهي ابتدا هــو تــو تــم هو
دِلونکے بهي گر دلربا هو تــو تــم هو
اگــر درد دل کي دوا هو تــو تــم هو
ميرے غم کا گر ماجرا هو تو تــم هو
ميرے دل کا هــر مــدعا هے تــو تــو هے
وفــا هے تــو تــو هے جفا هے تــو تــو هے
جهان مين کوئي ماسوا هے تــو تــو هے
صدا لب په صَلِّ علىٰ هے تو تو هے
نهين تم نهان بــر ملا هـــو تو تم هــو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ٻڌايان ته ڇا آهي شان محبت
طويل آ مگر داستان محبت
اهو هفت اقليم جو شاهه آهي
دل آهي جنهن جي مڪان محبت
ڪري ٿو ته سڀ ڪوئي دعويٰ گهڻيري
ٿو ڏسجي نه ڪنهن ۾ به نشان محبت
نٿين سج نٿين آ بهاري اي يارو
سدا بي خزان گلستان محبت
سندم دل جو احوال سوني ٿو ڄاڻي
جو آهي اهو رازدان محبت
جهان ۾ اهو سرفراز آهي طالب
ڇُمي آهي جنهن آستان محبت

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

پھر آکے سوئے غم کو جگا کے چلا گیا
ھنس ھنسکے دل مین آگ لگا کر چلا گیا
وقت گذشتہ یاد دلاکے چلا گیا
آنکھون سے میري آنکھ ملا کے چلا گیا
یون دل کو بیقرار بنا کے چلا گیا

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

غافل ڇڏ غفلت، آڏو اٿئي عبرت
ويھ ان مسافر وات تي

۱- سور ۽ سختيون سڪ جا، پيا فڪر آهن فرحت
ويھ نہ مسافر وات تي

۲- محڪم رک تون من ۾، منزل جي محبت
ويھ نہ مسافر وات تي

۳- طالب رھ توحيد ۾، ڪوڙي ڇڏ ڪثرت
ويھ نہ مسافر وات تي

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اے صنم کہدے کہ تو مجھسے خفا کیونکر ہوا
اور تیرے عشق مین پھر دل فنا کیونکر ہوا

مین ترے جور وستم سے خوب واقف تھا مگر
یہ نہین معلوم تجھپر دل فدا کیونکر ہوا

آگ سینے مین لگي اور اشک آنکھونمین بھرے
ان کا آپس مین تعلق یون بھلا کیونکر ہوا

یون تو عاشق ھین ھزارون مین بھي گر ہوتا تو کیا
میرے حق مین یہ گنہ اے دلربا کیونکر ہوا

خیر محمد کھوڑو جو

مخدوم محمدزمان طالب المولىٰ

جهان ۾ جوڙ مسلم تـــون وري رشتو محبت جو،
سدا رستو وٺي هل هر ڪنهين سان نياز نوڙت جو.

ڇڏهن رهندين سدا "قالوابليٰ" جي قول تي قائم،
تڏهن ملندو وري توکي شرف شاهي شجاعت جو.

اٿي ڪو "فاذڪروني" فيض حاصل ڪر ۽ تي قالم،
زمانو هي اٿئي ڪو فيصلو ڪر پنهن جي قسمت جو.

طريقت ڪي، حقيقت ڪي، اي طالب معرفت ڪي ڪو،
جي حاصل تو ڪرڻ چاهي، وٺي رستو شريعت جو.

(هالا ۱۹۴۲ع)

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

زندگانی کی یوں کہانی ہے
آخر اک روز یہ بھی فانی ہے

سر اگر جائے یار کے پیچھے
یہ بھی اپنی ہی کامرانی ہے

رازِ محمل سے تو نہیں واقف
کیسی تیری یہ سازبانی ہے

حسنِ یوسف بھی کچھ نہیں **طالب**
میرے دلبر کا کون ثانی ہے؟

خیر محمد ھنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اے بت کافر مرے دل کا تماشا دیکھ لے
پھلي تھي تیري جگہ اب گھر خدا کا دیکھ لے
میرا تھا مسجود تو دل کے نہ نکلے حوصلے
کیا کرین تونے ھي ہے منکر بنایا دیکھ لے
رنج کیون مجھپر ہے یہ کیا ہے بتا میرا قصور
توھي کہدے کسنے ہے یہ راستہ بتایا دیکھ لے
لامکان کہتے ھین جسکو ہے یھي اسکا مکان
رمز "آلانسان سري" مین خدا را دیکھ لے

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

دل چاهتا هے پهر بهي وه آئين کبهي ادهر
ميرے غريب خانے مين هون آکے جلوه گر
پهر تـا رهون گلے مين کبهي ٻاهين ڈالکر
الفت کـي چهيڙ چهاڙ هو جاري بهمه گر
فرقت کي بات آه بتا کے چلا گيا

خير محمد هڱور جو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

مذهب عشق اساڏا يارو ، مِلت مُحبت والي،

ڪعبہ قِبلہ در دلبر دا ، نياز نماز نِرالي،

زهد عِبادت حُسن پرستي، جاذب جوت جمالي،

"طالب مولا" ورد وظائف ، ذڪر جنابِ عالي،

خير محمد هنگورجو ڪيرڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اهو ئي اهو، هادي آهي هيڪڙو

اڄ به اهو ئي آهه، جيڪو هئو اڳ،

هن رڳو هن جو، جلوو آهي جڳ،

قربه ڪلتار جي، مانجهي ٿيندين مڳ،

"طالب مولا" مرد ٿي، وٺ داور و دڳ،

تم نينهن سانگيو سڳ، جي پاسي ڪنين پانڌ ڪي.

خير محمد هنگورجو ڪمپيرو

مخدوم محمد زمان 'طالب المولا'

ڪانگل قربن ڪي پچاءِ نيئي نياپوءِ
مٺيو متان، منهنجا پرين، هو لالڻ لاڳاپوءِ
تنهنجي ئي تصوير جو، آهي ڇاتيءَ تي ڇاپوءِ
جانب جياپوءِ 'طالب' سندو تون آهين.

خير محمد ڦنگور جو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

دوا اهو، دارون اهو، طاقت اهو طبيب،

“طالب مولا” تنهنجو، حاذق اهو حبيب،

قادر آهي قريب، پر ڦسڻ کان ڏور ٿيو

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان ”طالب المولا“

پيئڻ وجهي پنهنجو ڪيو، ”طالب مولا“ تن،
قرب جي ڪٽن، ڪيو حوالي حبيب جي،
هنيو حسن حبيب جي، دلڙيءَ جو ڏاڙو،
ڀڄاپاتين پري وڃي، جٽي ورهه جو واڙو،
دم دم درد فراق ۾، پيو پورن جو پاڙو،
سڪ جو ساهه پساهه سان، سورن جو سارو،
ڏنائين عشق انعام ۾، رنگ ۾ راڙو،
اصلوڻ اهو عجيب هو، لالن جو لاڙو،
”طالب مولا“ تيئن لنوي، جيئن طلب ۾ تاڙو،
ڪندو ڪچاڙو، ڪرڪرايون ڪري،

علي محمد ڪلهوڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ڏسڻ ڪان جو ڏور سو ويجهو آهي وجود ڪان،
ڳَڳَ پَنِ ۾ ڪريم جو، نسورو ئي نور،
ذرڙو، ذرڙو، لڳي ڪاملن ڪوه طور،
جو ڏسي نہ ٿو ڏيهہ ۾، تنهن قلب جو قصور،
دريون دنيا واريون، اٿي پهرئين ٽپي پور،
"طالب مولا" چاڻ تون، هر جا اٿئي حضور،
هو دل ڪان ناهي دور، هر دم آهي هنج ۾!

غزل

مخدوم محمد زمان طالب المولى

نظر کان دور هو، ايندو نظر ڪڏهن نه ڪڏهن
اسان کي پوندي انهيءَ جي خبر ڪڏهن نه ڪڏهن

نگاهه سان سندس سنگِ دل کي جهندا سون
ڪندا سون ان جي ڪٿي مان گذر ڪڏهن نه ڪڏهن

باس باسيون، واعظ ٿئي خراباتي
اچي ٿئي نڪرندو سو معتبر ڪڏهن نه ڪڏهن

هر پري رو جي ٿا سر ڪئي - پيار ڪ سان ڪهن
ٿين ٿا خوب اهي زير و زبر ڪڏهن نه ڪڏهن

ضرور ٿيندو پريشان ۽ پشيمان صنم
جو ڏسندو مونجو مي شوريده سر ڪڏهن نه ڪڏهن

اي هم جليسو! تو فرعون لاءِ موسيٰ کپي
تباهه ٿل ٿئي هو بدگهر ڪڏهن نه ڪڏهن

مان هن سان ٿو ڪريان منسوب زندگي جو ڪتاب
پڙهي سمجهندو هو ديده ور ڪڏهن نه ڪڏهن

ڪيو مون آهه جدائي جو ڏرد سان پيوند
درختِ وصل ۾ ايندو ثمر ڪڏهن نه ڪڏهن

شرابي لب ڪٿي مونجي لبن سان چسپان ڪر
سوال مونجيئن باده نظر ڪڏهن نه ڪڏهن

اميد آ شبِ يلدا ۾ طالب المولى
هو ايندو غيرتِ شمس و قمر ڪڏهن نه ڪڏهن

ڪم شروع ڪئي ٿئون اي طالب المولى
خدا عطا ڪندو فتح و ظفر ڪڏهن ڪڏهن

خير محمد منگريو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

هر ڪو ڀڄي پري ٿو ٿئي مشڪلات ۾
ڪهڙي اميد رکجي ڀلا ڪنهن جي ذات ۾
خود مطلبي جهانَ کي ويڙهي وٺي وئي
سڀڪو لڳو پيو آهي پنهنجي ئي تات ۾

Khairmuhammad

غزل

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

سڪون ڏٺئي نہ سگهئين لالا زار، حيف هجئي
ڪيئي نہ دور غمِ هجر يار، حيف هجئي

ڪيو مون چاڪ گريبان ٿئي مس، اڃا ٿئي وچي
دو روزه موسمِ فصلِ بهار، حيف هجئي

لڳي ٿئي نڪري وٺين تو منجهان بہ ڪجھ نہ ٿيو
ره حبيب جا ساڪن اي خار، حيف هجئي

جي سنگدل نہ ٿيو آبِ ديده ڪجھ نہ ٿيو
پيو ۽ آه نيم شبي بار بار، حيف هجئي

تون منهنجي وعدهءِ مهر و وفا تي دلبر وٺي
اچي ٿئي ڪين سگهئين اعتبار، حيف هجئي

تو ڪنهن بہ غمزده، محزون ڪي نہ ريجهايو
نظر فريبِ جهانِ سبزه زار، حيف هجئي

ٻين جي ڳالهہ جدا، تون بہ نيٺ ڳلِ ٿئي وٺين
اي بيڪسي جا چراغ مزار، حيف هجئي

اڃا بہ جادهءِ منزل جي ڪجھ پروڙ اٿئي
جنونِ عشق اڃا هوشيار، حيف هجئي

ستم ڪري ٿئي نہ چاتئي ستم تہ هيئن نہ ڪيو
اي سختي شبِ يلدا، هزار حيف هجئي

نيايو "طالب مولا" سان تو بہ ڪون ڪڏهن
نہ باوفا تئين جانيءَ جا پيار، حيف هجئي

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

منظور اس سوال کو منظور۔ نظر کر
اس غمزدہ پہ رحم کي هو پهر بهي اک نظر
تیرے سوا مین عمر کرون کس طرح بسر
شب و روز درد هجران سودائي درد سر
ماتم فراق کا جو مچا کے چلا گیا

خیر محمد هنگورجو کیرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

پريشان حال پنھنجو ڇو ٻڌا ڪنھن کي ٻڌايان مان،
حقيقت در حقيقت پيو جڏھن پاڻان لڪايان مان،
زماني سان نباھڻ طالب المولىٰ ته ڳالھ ئي ٻي،
اڃا تائين پنھنجي پاڻ سان ٿو مس نڀايان مان.

خير محمد ھنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عاشق اللهﷻ ۾، اٿي واحد جو وصال،
هيءَ صيقل هٿي صاف ٿي، ڪر قرب منجهه ڪمال،
تہ پسين جل جلاله، جي جلوي جو جمال،
ڪر اطاعت ان جي ، خاصو رکج خيال،
پو هادي ٿيندي حال، ”طالب مولا“ طلب ۾!

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ!

صدارت کی امامت کونہ چئبو.
حکومت کي خلافت کونہ چئبو.
اها کا ڳالهہ ئي پي آهہ يارو.
سياست کی صداقت کونہ چئبو.

2 نومبر 1968ع
اسلام آباد

●

خير محمد هنگورجو کپرا

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

پري چو پلاٽيين، واحد اٿئي ويجهو،
"ونحن" واري ويڙهه ۾، وار به نا ويجهو،
آهي سو ئي سو، در تون پور دوئيءَ جا.

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

محبت ۾ فرحت نہ هيڏي نہ هوڏهن،
جدائي جي طاقت نہ هيڏهن نہ هوڏهن،
نہ دنيا ڏي دل ۾ نہ عقبيٰ جي خواهش،
اسان جي محبت نہ هيڏهن نہ هوڏهن.

خير محمد منگوڙجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

دنيا ۾ مودت آهي دولت اعليٰ،

جنهن ۾ نه طمع سا آ محبت اعليٰ،

بي روءِ ريا آهي عبادت اعليٰ،

يا درد و محبت ۾ شڪايت اعليٰ.

خير محمد منگور جو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

جيڪي برھ ۾ بيپرواھ دليون
اهي آهن شھنشاھ دليون
جيڪي پورن ۾ پيون روز پچن
جيڪي بره جي باھ ۾ ڏار ڏجن
جيڪي دردن جو درمان نہ ڪن
سي سھڻن جون ٿيون ساھ دليون
جيڪي محبت ۾ ٿيون مست مچي
جيڪي طالب المولىٰ ڪن نہ ڪچي
والله چوان ٿو سچ بہ سچي
اهي ڪن ٿيون ڪونہ گناھ دليون

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

عام سان غدار جکيو تو ڏٺو ٽلّي،

قوم جي اک ۾ سدا سو تو ڏٺو ٽلّي،

عاقبت ٿيندي انهيءَ جي بد ترين،

ملک دشمن جي پٺيان جو تو ڏٺو ٽلّي.

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

انهي کي شرمساري ٿيندي آخر
وري جو آزمايل آزمائي
اهو ناڪام ٿي دنيا ۾ رهندو
پرائي ڳالهه ۾ جو پير پائي

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

پر نہ آيو پر نہ آيو

مون سمجھيو ٿي قرار آيو ڪ آيو

رڙيون بلبل ڪري 12 مهينا

نهاري پيئي بهار آيو ڪ آيو

خير محمد صنٽورجوٽيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

چوڻ سولو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهه
ٿين عاشق لاءِ ڪم ڪرڻا پون ٿا
نباهڻ واسطي گهرجي ٿي طاقت
هتي سو سور غم چرڻا پون ٿا

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

رڳو خطبن پڙهڻ مان ڪونہ ورندو
خطيبن ۾ عمل جو روح گهرجي
زباني ٻوڙ ۾ گهہ جو نہ صرفو
ڪجي فاتح نہ هت مفتوح گهرجي

نجات اخروي تقوا سان ملندي

مٿان ڦاسين ڪڏهن آلائشن ۾

تون دنيا ساڻ گڏ عقبا به سينگار

گذارين تون مٿان آرائشن ۾

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

هي آهن جڙ ٻير ڪان ٻير گهرڻا،
وفائي جون اميدون ٻي وفا مان.
محبّت ٻي محبّت وٽ ڪٿي آهه
وفا جي آهي ته ٻه اُن جي جفا مان؟

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

جهان ۾ حسن سلطانِ محبت
جنابِ عشق تنيو جانِ محبت
هو آهي گوهر کانِ محبت
هي آهي شوڪت و شانِ محبت

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اکيون هردم اداسي تنهنجي ڪارڻ

رهن پلپل پياسي تنهنجي ڪارڻ

هي طالبُ طالبُ المولیٰ بنائي

کيو سورن سنيا سي تنهنجي ڪارڻ

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

منجهايو مذهبن ماڻهن کي بيحد، جو اصلي علم اڄ موجود ناهي. حقيقت ۾ ته مونجهارو ٻه ڪونهي، اڳيان قرآن ۽ اسلام آهي.

خير محمد شگور جو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

رڳي ڏاڙهي ٻڳهي سنّت نه ڇئبي،
مگر ان سان چڱي نيت ۽ گهرجي.
محمّد جي ڪبي هر طرح تقليد،
اتي اعمال جي صحت ۽ گهرجي.

خير محمد هنگورجو ڪوٽڙو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اھي چئبيون نہ مومن جون نشانيون
ڊگھي ڏاڙھي پيل سرمو ۽ پڳڙي
عصا ڪرني تائين ۽ پيخڙني تي سلوار
آگيان هرويل ۾ ڏاڪو ۽ ڊگڙي

مخدوم محمد زمان طالب المولي

جو ناءُ نوش ۾ ئي محو آهي

انهي جي زيست زهر آلود سمجهو

ٿيو جو ناچ ڳهرجو اهل انسان

تہ ان جي عاقبت محمود سمجهو

خير محمد منگهڙ جوکيو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

چون ٿا جنجي دل درياءُ آهي،

ڪڏهن اڏتي به سهي بيهي رهن ٿا.

گهٽائي تنگدل انسان آهن،

جي ڪنهن دم بي ڏڪ دريا ٿين ٿا.

خط محمد [illegible]

مخدوم محمد زمان طالبُ المولىٰ

وڃي تلخي ڇڏيو لذت وڌي ٿي

پرائي جنهن ٿئي مئي ٿين گهڻو ڪيف

گهڻا ماڻهو پراڻا ٿي ڪرا ٿين

انهن جي آهي حالت تي ٿي صد حيف

مخدوم محمد زمان طالب المولي

گھڻا پاڻ تہ يوسف ڪي ٻہ ھٿا پر،
انھن ۾ پاڻيءَ جي ھئي نہ الفت.
گھڻن ڪان سوئي ھڪڙو پاءُ برتر
ھجي جنھن ۾ محبّت ۽ مودّت.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

تون ڪائين آدمن جو ماس واعظ،

پيٽ ان ڪان ته مي جو جام بهتر.

رهي باقي نه لعن وطعن جو هوش،

اهو ساقي سندو انعام بهتر.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪپڻ جرئت سان گڏ جذبات دل جا،
نہ ايندو ڪم رڳو ظاهر جو ڦٽڪو،
ٿيڻ سرويچ دنيا ۾ ڏکيو آهي،
پڄڻ تا ڪيئن پڏي پيرڻ جو ٺڪو

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

اڄ آفسون ٿئي دارالعشق آهن،
وچڙ دلبر جي دربي سود بلڪل.
اتي معشوق عاشق گڏ رهن ٿا،
فراق و هجر ٿيا نابود بلڪل.

خير محمد سنگور جوکيو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ڏٺم دنيا اچيا ٿا ڦاٿين ٻيم پڪڙ آهي،

پڇيم آهين ٻلا ڦون جو ڪکو اري.

ڇيئنين مردن تم مون کي هٿم لاتو،

ٿئي ٿا مرد سا ڪکين ڦريا اري.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

نہ ظاهر دل جو ڪوئي راز ڪر تون،
مگر هر راز تي ڪو ناز ڪر تون.
تي طالبُ خانئہ دل جو اي طالبَ،
پلي هفت آسمان پرواز ڪر تون.

مخدوم محمد زمان طالب المولي

جفا تي تو سڄڻ هر دم جفا ڪئي
نہ تنهنجي طبع مون ڪنهندم خفا ڪئي.
اميد آهي وري ملنداسين پيهر
حياتي جيڪڏهن دلبر وفا ڪئي.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عمل ناهي تہ سڀ ارڪان بيڪار،

فضول آهي مگر هر ڳالهہ رسمي.

فقط ويو جسم ڪعبي ۾ تہ ڇا ٿئو،

خدا جو سنهہ رگو دل حج ڪري ٿي.

خير محمد منظور جوکيو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

وڏو ماڻهو نہ ڳهدي ساڻ ٽيبو

وڏائي جو سبب اخلاق آهي.

تڪبّر ذات تي جي ٺٺو تہ چا ٺٺو

عمل ري ڪنهن جي عزّت ڪا بہ ناهي.

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

رڳو محشر ۾ تو ڪان هي ٿو پڇڻا آ،

ٿم دعوت جي تو سنت جو ٿم پاري •

مگر چوندا خدا ڪاڻ ڏني ڪي،

يا ڪاڻ ۾ حياتي تو گذاري •

خير محمد منگور جو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

اهو سگهڙو ٻالڪ ار ڄڻيو.
ٿئين سان جو سگهڙ هردم وڌائي.
انهي کي سگهڻ طرح ٻيري ٿم سڻيو.
ٿم ڪا آهي اها "مخدوم پائي".

خير محمد منگهو رجو ڪنڀر

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ڪيتي باقي رهي آهي شرافت،
لَڏي وئي ملڪ مان اڄ ڪلهه عنايت،
وڏن مان وئي جڏهن الفت ۽ شفقت،
تڏهن ناهي ننڍن ۾ ڪا اطاعت.

شير محمد منگر جو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

خدا وٽ جبّہ و دستار ڪجھ ناھ،
اتي ڏوتي ۽ پيو زنار ڪجھ ناھ.
وٽس نيّت چڱي جي ئي ضرورت،
رڳو صورت سان ڳڌ سينگار ڪجھ ناھي.

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

صد افسوس آهي الفت پئي وڪامي،
اسان جي ملڪ ۾ پيت پئي وڪامي.
محبّت جو ادا ڪو قدر ڪونهي،
رُبي تي هاڑ عظمت پئي وڪامي.

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اهو ڄڻجي هجي جنهن تي عمل ڪجهه،
جي نہ تہ اُن کان ٿين خاموش بهتر.
فقط بڪ بڪ ڪرڻ مان ڪي نہ ورندو،
ڪچهري ۾ وهڻ خاموش بهتر.

[illegible]

مخدوم محمد زمان طالب المولي

گهڻا قاتل رڳوئي ”لا اله“ ۾،

هزارن مان ڪو اِلّا الله وارو.

رڳي هو هُو چون ڪو آهه باهُو،

لکن مان ڪو رسول الله وارو.

خير محمد ھنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

تون پَڏ پرهيزگاري وارو احرام،
خدا جو گهر ته تنهنجي دل ۾ آهي.
هُتي احرام ڪپڙي جو پَڏن تا،
هِتي احرام تقويٰ جو ڇا ناهي.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

نظر باطن تي جنهن جي ڪان آهي،
اها ڪ آدمي جي ڪان چئبي.
جو ظاهر ڪي ڏسي سو ر جانور جئن،
طبيعت ان جي پو چا چا ن چئبي.

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

چوڻ سولو ڪرڻ دشوار آهي،

ڪري سو جنهن ڪي دل ۾ پيار آهي.

سڏائي پاڻ کي هر ڪو ٿو خادم،

نہ خدمت لاءِ ڪو تيّار آهي.

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

چوڻ ۾ ڪرڻ ۾ فرق ڪيتڪ،
ڪري سو قرب جو جنهن کي نه ڪاڍو.
سدا خادم ٿيڻ ان کان به مشڪل،
رهڻ مخدوم ٿي دشوار ڏاڍو.

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

محبّت ۾ ستم سهڻا پون ٿا،
پيا سانگا سيئي سٺا پون ٿا.
متان کو جلد بازي ڪان وٺي ڪم،
هتي رڳ جا چڱا چٻا پون ٿا.

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

نه پڇجئين سور، تون سهڻا سمورا،
حياتي تائين ٿيندا ڪو نه پورا-
نياڻ جي ڪبي محبوب هردم،
تون پنهنجي ۾ اسين پنهنجي ۾ پورا-

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

نہ پچي بيدرد جي هٿ جو بہ پاڻي،

چڱو اُن کان تہ آبِ شب يماني.

تون غيرن جي طعامن کان پري رهہ،

نہ ڇڏجئين پنهنجي گهر جي دال ماني.

خير محمد هنگورجو کرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

اڳي اڳواڻ جي پويان هو هر ڪو،

تڏهن منزل تي پهچندو ڪاروان هو.

جڏهن اڄ پنهنجي مُنهن سيڪو هلي ٿو،

تڏهن ڪائي ٿو هر هڪ وڪ تي ڌوڪو.

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

ته ٿيندا سِڪَ ئي آزاد اول،
جي وارن تي نجات اخروي آهه.
ڪين هر وقت پنهنجا نيڪ اعمال،
سوانن جي چيٽ جي واه ڪاناهه.

خير محمد ھڪوڙجوکيرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

فقط ماڻهو ته منبر تي نه ڪَهرجي،

ضرورت ماڻهپي جي آهه هردم.

ڏيڻ گَاريون ته سڀ ڪنهن کي اچن ٿيون،

هتي زَخمن جي لِءِ درڪار مرهم.

خير محمد ڪٽڙجوکيرو

بيت

مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘

نينهن واريءَ نماز جو، ٿيو عشق امام،
نہ ڪو اُٿڻ ويهڻ ٿئي، نہ ڪو آهہ قيام،
سجدو ۽ سلام، پنهنجو ڪيوسون پاڻ ڪي.
جن پنهنجو پاڻ فنا ڪري، الله ڪيو اثبات،
ڪل شيءِ محيط آهي، تنين ڪي تجلات،
هردم آهن حيات، هو مرد مرن ئي ڪين ڪي.
ٿُبي هٽي پاڻ ۾، جهاتي جن پاتي،
تنين جي ڇاتي ’طالب‘ گنج گهُرَ جو.
اِئين جيئري جيءُ، جيئن مرڻ ڪان پوءِ نہ مرين،
جامُ جيئڻ جو اي ’طالب‘، هاديءَ هٿان پيءُ،
وهم وساري ويهہ تون، وحدت واري ويءُ،
مردُ مَڇي تون ٿيءُ، محبت جي ميدان ۾.
مرد ٿي ميدانَ ۾، موت جنين ماريو،
پرين سان پاريو، تنين قول قرارَ سان.
سا ڪا ٻولي ٻول، جنهن سان راءُ ريجهائيين،
ڳجهہ اندر جي ڳالهڙي، ڳهلو ٿي مَ ڳول،
جي وجود ووڙيندا، اهي پسندا پاڻَ ۾.
پڳهہَ ڇوڙي هليا، پيا پنڌ پري،
ٻيڙو ٻاجهارن جو، وطن شال وري،
ساموندي سهٽا سدا، مَنَ اچن قرب ڪري،
تهان پوءِ مَري، ملي هيءَ مهجور تن.
ڪهڙي منهنجي ڪَلَ، ’طالبَ‘ طبيبن ڪي،
هي هي، منجهہ هڪل، نتا پهچڻ پل ۾.
نہ ڏکن ۾ ڏُبرا، نہ سَنرا منجهہ سُکن،
’طالب مولا‘ مرد سي، لکيو ڪين لکن،
پر لين منجهہ لَکن، ڪي ڪي عاشق اهڙا.
نہ غمن ۾ غمگين، نہ خوشين ۾ خوشحال،
’طالب مولا‘ مرد سي، ڪن قرب ۾ ڪمال،
پر اهڙا مرد محال، ڪي ڪي ڏسبا ڏيهہ ۾.
ڍول جنين جو ڍَڪُ، سي ڪئن اگهاڙيون ٿينديون،
آڏو آهين پاڻ ڪي، پنهنجو پاڻ ئي پاڻ،
انهيءَ ئي اهڃاڻ، پاڻُ لهندين پاڻَ ۾.
وڙهندڙ سان نہ وڙهجي، مائيٽن سان ماٺ،
مَن ڪي محبوبن جي، محبت سان پيو ماٺ،
تہ ڪين پوندين ڪاٺ، نڪي ويندين وِترو.
اونهي هن عميق ۾، تارُو ٿي تون تَرُ،
ڇڏي خوف خطر، ترقي ڪر تون تار ۾.
اڳياڙي سيڪو ڪري، پڇاڙي ڪو ڪو،
ساٿي سهٽو سو، جو پرت پڄائي پانهنجي.

مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولىٰ"

قطعا

هزارين رنگ بدلائي ڏناسون،
پروان جا به ڳڻ ڳائي ڏناسون.
فقط پنهنجي دران ٿيو حل "مشڪل"
پيا در ڪيئي ڪڙڪائي ڏناسون.

مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولي"

گهڻا حرمين مان وحدت وٺن ٿا،
گهڻا دگران جان دائم ٿين ٿا.
گهڻا مومن محبت ۾ مچن ٿا،
گهڻا حاجي به رهزن ٿي اچن ٿا.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

زماني ۾ هلڻ سان ئي هلڻ آهي،
هلي ڪنهن ڏي وڃڻ سان ئي وڃڻ آهي.
ڪري همدردي، همدردي ئي وٺبي،
ڪهين وٽ پڻ اچڻ سان ئي اچڻ آهي.

Khair Mohammad Hingorjo

مخدوم محمد زمان "طالب المولا"

تڏهن به هڪ الله هو، جڏهن ڪجهه نه هو،

جڏهن هوندو ڪين، ڪي، تڏهن به سوئي سو،

وحدهٗ لاشريڪ له، ثاني سندس نه ڪو،

صحيح سمجهيو آهي، "طالب"، مولا تو،

اهوئي اهو، هادي آهي هيڪڙو!

اڄ به اهوئي آهه، جيڪو هئو اڳ،

هئڻ رڳو هن جو، جلوو آهي جڳ،

قرب ۾ ڪلتار جي، مانجهي ٿيجئين مڳ،

"طالب مولا" مرد ٿي، وٺ داور وارو دڳ،

ته ليندين ساڳيو سڳ، جي پاسي ڪندين پاڻ کي.

مخدوم محمد زمان طالب المولي

هادي سو حڪيم سو، مالڪ سو، مختار
رازق سو، رحيم سو، جابر سو، جبار
اڳ به سو، پوءِ به سو، اڙين جو آڌار
اللهُ غنيِ وَ اَنتُمُ الفُقرآءِ سوئي سردار
”طالب المولا“ مرد تي، ڪر وحدت جو واپار
قادر سو ڪلتار، قائم دائم ڪُلّ تي.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

بقا هڪ الله کي، ٻيو سڀ فنا،

هستي فقط هن جي، انسان سندس ادا،

هو جبار جلّ جلالہ، جائي جلوه نما،

اِنّ الله علىٰ كُلّ شئيءٍ قَدِيرُ، صفت سندس سدا،

سلطان ان جي سطوت جا، گولا آهن گدا،

آگيان ان جي ڪا، ڪانهين طاقت ڪنهن جي.

الله ئي الله، ٻيو سنيران ڪين ڪي،

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ!

ساراهجي سچو ڌڻي، قدرت جنهن جي قديم،
ڪل شئيءِ محيط سو، حاذق اهو حڪيم،
قائم ذات قدير جي، آهي پاڻ عليم،
قادر اهو ڪريم، قائم ڪائنات ۾!

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

جو پَري ناهِ پساهِ ڪان، تنهن واحِدِ ڪان ٿي وَٿ،
ڪِڍي ڇڏ قلب مان، هستيءَ وارو هٿ،
"طالب مولا" طلب ۾، ڪر ڪلمي سان ٿي ڪٿ،
مَن مان ڪڍي مَٿ، مولا ٿي تون مرد ٿي!

مخدوم محمد زمان طالب المولي

هلي هر ڪنهن جاءِ تي، فائق جو فرمان،
انسان مان حيوان ڪري، حيوان مان انسان،
پري ڪونهي پاڻ کان، مالڪ جو مڪان،
ڪل شيءِ بحرڪ ۾، غير نه ڪر گمان،
سبحان ٿي سبحان، پيو سر ۾ سجهي ڪونه ڪو!
جنهن ”ڪن“ چئي ڪل جوڙيو تنهن واحد ڪي واڪا،

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

صفتون سو هزار، ذات آهي هڪڙي،
ڪار فرما ڪريم ٿيو، انسان سڀ اوزار،
هلايو حڪمت سان، قدرت ڪي ڪلتار،
ڪافي قرب انهيءَ سندو، ٻي محبت ٿي مدار،
”طالب مولا“ مرد ٿي، ڪر نوڙت ساڻ نِهار،
عبرت جا آثار، حسن قبح ۾ هڪڙا!

هنيو حسن حبيب جي، دلڙيءَ جو ڏاڙو

ٻچاپائين پري وڃي، جتي وِرهه جو واڙو

دم دم درد فراق ۾ پيو پورن جو پاڙو

سڪ جو ساهه پساهه سان، سورن جو ساڙو

ڏنائين عشق انعام ۾، رئڻ ۽ راڙو

اصلوئن اهو عجيب هو، لالڻ جو لاڙو

طالب مولا، تيئن لنوي، جيئن طلب ۾ تاڙو

ڪندو ڪجاڙو، ڪه ڪرايون ڪري


محبن جڏهن مُڪيون، سورن واريون سوڪڙيون
سُڪن واريون سيگهه ۾، چاليون سڀ چُڪيون
لالڻ لغارون لائيون، لنوَ لنوَ منجهه لِڪيون
طالب مولا ڪي مليون، ڀهڳڻ وٽان ٻُڪيون
چُڪن تي چڪيون، پياريائين پريم جون

مخدوم محمد زمان طالب المولي
ڏسڻ ڪان جو ڏورسو ويجهو آهه وجود ڪان
ڪک پن ۾ ڪريم جو، نسورو ئي نور
ذرو ذرو، لئي ڪاملن ڪوه طور
جو ڏسي نه ٿو ڏيهه ۾، تنهن قلب جو قصور
دريون دسا واريون، اٿي پهرين ليهه پور
طالب مولا ڄاڻ تون، هر جا اٿئي حضور
هو دل کان ناهي دور، هر دم آهي هنج ۾
پري جو پلالين، واحد اٿئي ويجهو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

آهي "الا الله" سان، الله تي ايمان،

رهبر شيدائي راهه ۾، ڪلمو ۽ قرآن،

هادي ۽ جي حڪمت ۾، هر ڪوئي حيران،

ناهي زور زبان کي، ڪري ياري ۽ جو بيان،

قرآن ۾ ڪريم جو، شائق يس تون شان،

جنڪي لکيم جي ۽ سان، سو به آڳي جو احسان،

"طالب مولا" طلب ۾، دوئي ۽ ڪان رکي ڌيان،

هڪڙو اٿئي حنان، شڪ نه آهي شرڪ جو.


مخدوم محمد زمان طالب المولي
كانگل قريبن كي پڄاءِ، نيئي نياپو
منيو متان، منهنجا پرين، هو لالڻ لاڳاپو
تنهنجي ئي تصوير جو آهي چاتيءَ تي چاپو
جانبَ جياپو ’طالب‘ سندو تون آهين

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

کڏهن ٿا پيادا ٿين شهسوار،
کڏهن ٿا پيادا ٿين شهسوار،
کڏهن ٿا گداگر ٿين شهر يار،
کڏهن ٿا گداگر ٿين شهر يار.

مخدوم محمد زمان طالب المولي

غم دنيا ۾ ڪيا گهڻا پر عشق جو غم بي طرح

سر ڏاهون سڀ ڪن ٿا درد جو ڏم بي طرح

اي نصيحت گو نصيحت ڪان اڳي ڪجهه سوچ ڪر

تنهنجي دنيا بي اسان جو آهي عالم بي طرح

حاذقن کي ڇا خبر دردِ جگر کي ڇا ڪبو

زخم فرقت جو اڌاڙي ٿيندو مرهم بي طرح

بادشاهن جي چڙن ۾ رحم آهي ڪو نه ڪو

بندھ پرور يار ٿيندو آه برهم بي طرح

در ڏوار اعام ۾ انگر آهون ۽ دانهون نه ڪن

طالب المولي محبت وارو ماتم بي طرح

خير محمد منگريو

مخدوم محمد زمان طالب المولي

وقت آهي اڄ متا محبوب مون سان پيي ته وڻ
هن جهانِ فاني ۾ ڪي ٿي چار دم ٿي جي ته وڻ
مون سموري زندگي تو وڃ اڄڻ ۾ ڪٽي بس
هاڻي هڪ پيرو سهي مهمان مون وٽ ٿي ته وڻ
هي حياتي ڪيتري آهي خبر ڪنهن کي به ناهي
ڪا گهڙي هن عاشقِ بيمار وٽ ويهي ته وڻ
پوءِ سيهاڻي ڇا ٿيءِ ڇو تو وڃائين وقت کي
ڏاڍو ڏک ٿيندئي هلي آ پيار مان پرچي ته وڻ
ڇو نٿو سمجهين اي بختاور مان توکي ڇا چوان
مونهنجي جيئري ئي مونکي دلدار ڪجهه سمجهي ته وڻ
طالب المولي سدائين تنهنجي حڪمن تي هليو
هاڻي مونهنجا مهربان منهنجي به ڪا مرضي ته وڻ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڦري دل کي ونن سهڻا ٿا ڀرين پيار سان جهٽ پٽ
وري ڀوءِ مونهن مٽائين ٿا ڪري گفتار سان جهٽ پٽ

رکي عشاق کي راضي، وري منهن تي مخالف جي
مبدل ڪن ڪشيو اقرار کي انڪار سان جهٽ پٽ

اهائي رمز هڪ اعلىٰ ترين ڏسجي ٿي يَر تووٽ
مَتِيو تو مُنهن ڇڏين هڪ عاشق بيمار سان جهٽ پٽ

ڪجو پاسو ادا سُنهڻن ڪان جو هو سنگدل آهن
نظر ۾ دل کي ڦٽڪايو ڇڏن آزار سان جهٽ پٽ

پلي ڪو دل ڪٽي همت سان سيني ۾ رکي قابو
ڦري ويندا زبردستي هو سهڻا پيار سان جهٽ پٽ

ٻڌايو اي پرين ٻاهون وجهي طالب جي گردن ۾
سکيو ڪنهن ڪان هي پرچائڻ، عجب اسرار سان جهٽ پٽ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

تون پيئڻ کان اڳ اي ميڪش اهلِ ميخانن کي پڙهه
ساقيِ مهوش کي پيمائش کي پيماني کي پڙهه
ڏيان ڪجهه ڏاها ڪٿي تون ٿي متان چريو هجين
يار غور و فڪر سان عاداتِ مستاني کي پڙهه
هي جهان سارو مطالع گاهه آهي همنوا
ذري ذري سان گڏ پنهنجي ۽ بيگاني کي پڙهه
سجده ريزي پوءِ ڪج وڃ خانهء ڪعبه ۾ به پوءِ
پهرين پهرين يار تاريخِ صنم خاني کي پڙهه
هوائي چرندڙ ۽ پرندڙ زنده پائينده ڪتاب
آهي دانائي فقط ته ان ۾ ته ديواني کي پڙهه
خانقاهن مان نه درد عشق جو پوندو پتو
وڃ وڃي طالب تون ڪڪ پن سوڌو خسخاني کي پڙهه
بي ثباتي کان سوا پيو ڪين ڪي ايندو نظر
اي ادا هر هر پلي تون شان شاهاڻي کي پڙهه
انتهائي بيوقوفي کي پڙهڻ گهرجي ضرور
عقل مند آهين ته بس حالتِ فرزاني کي پڙهه
هي گذارش طالب المولىٰ ڪري ٿو اي حبيب
پان کي سمجهڻ جي خاطر پنهنجي افساني کي پڙهه

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

اميد مون رکي نه ڪڏهن بادشاه ۾
نيڪي ڏني مون ڪانه ڪنهين سربراه ۾

بي ڪنهن جناب ڏي نه صنم اک کڻي ڏٺم
سر کي جهڪايو مون سنديئي بارگاه ۾

هر مقتدر قصور ڪندي بي قصور آه
هرڪو ڏسي گناهه سوين بي گناه ۾

اوصاف کي ئي حسن جو نالو ڏنو ويو
باقي بيو ڇا آه سفيد و سياه ۾

عالم پناه ڪانه ڏني خود جو بي پناه
ورتم پناه سايهءِ عالم پناه ۾

خود اعتماد رهيو ته ٿي ويو ڪامياب
لالچ ڪڏهن نه رکي ڪنهن خير خواه ۾

هر پيچرو ته اک ۾ ئي افعي سياهه جان
ليڪن هزار پيچ ٿيا شاه راه ۾

هڪڙو عطائون تو گهري ۽ بيو عطا ڪري
فرق آهي ايترو گداگر ۽ شاه ۾

هن جي اي اعتبار کي لوڏو اچي ويو
جو خود صنم رهي تو سدا اشتباه ۾

نڪتو بڌايو طالب مولا برهنه سر
خطرا ٿين هزار تا تاج و ڪلاه ۾

خير محمد هنگورجو ڪيو

مخدوم محمدزمان طالب المولىٰ

جڏهن ساقي جي اوبر مان تيم هڪڙي چُڪي حاصل
نشا ٿيا نيهن جا غالب حقيقي ٿي خوشي حاصل
طبيبن کان نہ منهنجي درد جي ٿي ڪا دوا هرگز
لٿا سڀ سور جنهن دم ٿي ڪا ٻهگڻ کان ڦُڪي حاصل
حياتي چند روز آهي نہ ٿي انسان تون غافل
عمل ڪر نيڪ سڀ پنهنجا تہ ٿئي توکي تہ ڪي حاصل
ضرورت جان فدائي جي اٿئي اي بالهوس نادان
خدا جو راضپو مردن ڪيو جيئري مري حاصل
شرف ساقي جي محفل ۾ پيٺ جوءِ ويهڻ جواج
ڪيم آخردر ميخانہ جي چائنٽ چُمي حاصل
هي دُنيا آهِ هارائڻ ڪٽڻ جي جاءِ اي غافل
هتي ئي توکي ڪرڻي آهِ نيڪي يا بدي حاصل
ٿيس مدهوش مستانو ڇڏيم دنيا ۽ عقبا کي
جڏهن ساقي سهاجهي کان ٿيم سڪ جي سُتي حاصل
تون آهين طالب المولىٰ محبت ماسوا جي ڇڏ
خودي پنهنجي وڃائي ڪر حقيقي زندگي حاصل

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ
ٿي نه غافل اي ادا ڀرين سڃاڻج پنهنجو پاڻ
پاڻ ۾ اي طالب المولىٰ تون پيدا ڪر ڪو ماڻهه

مخدوم محمد زمان طالب المولي

اٿي ڪر عبادت رڳو ڪين سمھ
ملي ڪا سعادت رڳو ڪين سمھ
گھڙو وقت الله سان اور تون
ادا ڪر اطاعت رڳو ڪين سمھ
ڪنھن فيض واري وٽان ورچ وٺ
ھي ڪڏ ڪر بضاعت رڳو ڪين سمھ
ھميشه ئي جاڳڻ رک جارُ يار
ھبين شل سلامت رڳو ڪين سمھ
اي مولا جا طالب ھي دل سان ٻڌ
رڳي ڪر عبادت رڳو ڪين سمھ

مخدوم محمد زمان طالب المولي

پرين جي پريت ۾ رنٺ راند ڪيوم

سهڻان ۾ سهڻ ۾ اچي وهڻ وهه پيوم

ڏي وٺ ورونهن جي، نسهن نهوري نيوم

طالب مولا ٿن مان، جڏهن وهم ويوم

سهڻان پوءِ پيوم، پتو پرينءَ جو

خط محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪيا سون ورهه وارڻ جا وري آباد ميخانا
پياسن کي پياري پرت جا پُرڪيف پيمانا
چکي جن سوز جي سرڪي ڇڏيو تن مي پرستي کي
شرابِ شوق مان هڪدم ٿيا مهمير مستانا
دليلن ۾ درد پَيدا ٿيو خودي وڃي خود پرستن مان
تڏهن سي قلب ٿيا ڪعبا ٻڳا جو سڪ صنم خانا
هتي عابد ۽ زاهد سان گڏ مي نوش پڻ آهن
اي واعظ تون نٿو سمجهين هي آهن راز رندانا
حقيقي عشق جي مستي وري قلبن تي غالب ٿي
انهي ئي ڪيف ۾ مدهوش ٿيا داناءُ ۽ ديوانا
ڪتان ڪو آئيو آهي ڪتان ڪو آئيو آهي
مڙيا آهن مني تڙ تي اچي پهنجا ۽ بيگانا
رڳو هي جوت جاڳائڻ جي هت هئي دير ڪا شايد
محبت جي مڙيا مچ تي ڪري پرواز پروانا
لنا ليڙون ڪرڻ مان ڇا . فقيري فعل تي آهي
اتي ڪي استقامت سان پهندا مرد مردانا
وسئين جت ڪانه ڪا ويجهي وسن ٿا ات وڃي ويتر
فقيرن جو ئي ڪم آهي تہ ڪن آباد ويرانا
هِيا وسريل جي ورهن ڪان اهي اڄ طالب المولىٰ
زماني نيٺ ورجايا حقيقت ۾ سي افسانا

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

زماني ۾ وڏي وئي بيوفائي،
محبّت ملڪ ۾ ئي ڪانه آهي.
چڱائي جو نه نالو ئي ٿيو گم،
سوا ان جي پلا ٻيو ڇا نه آهي.
اڳي هر ڪنهن کي ملندي مفت ۾ هئي،
محبّت رشوتن سان اڄ ملي ٿي.
خلوص ۽ نيڪ نيّت پيئي ڪافور،
اسان جي قوم تي دنيا کلي ٿي.

مخدوم محمد زمان طالب المولي

اول تہ کو ڳنڍر ۾ بسر جو علاج ڪر،
پو چشم جو علاج، بصر جو علاج ڪر،
ڇا عيب جوئي ڪنهن جي بہ عيب عظيم ناھ،
پي ڏي نہ ڏس تون پنهنجي نظر جو علاج ڪر.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

وعدو ڪجي ته پوءِ اهو خوب پارجي،
هر ڪار خير ۾ ڪڏهن همت نه هارجي.

اي رشڪ خوبرويان صنم چشم شرمگين،
هڪ ڀيرو ٿي سهي ڪني هيڏهن نهارجي.

هن نام نامي جون ڏني لولئيون هزار بار،
هن بيقرار قلب کي هر هر قرارجي.

اي شيخ شهر صاحب زهد ريا کي خوب،
اي ساقي رشڪ ماهه هتي سان پيار جي.

جنهن کي تو سارې عمر رکيو دور پاڻ کان،
ڪنهن وقت يار تنهن کي به ويجهو وهارجي.

عشوه گري سان روز تو محبوب مارين تون،
ڪر ڪو قياس هاڻ ته مارې جيارجي.

هجر و فراق وارې جو هر هر گلا ڪجي،
وصل صنم جو وقت نه ڪڏهين وسارجي.

البيلايون ۽ عشوه گريون ڪر سدا صنم،
ڪڏهين نه ڪڏهين مون کي به سهڻا سنيارجي.

وئي عمر يار گذرې پرې کان ڏسي ڏسي،
هاڻي ته منهنجا جاني ڪو گڏ جي گذارجي.

موچارا محب "طالب المولىٰ" تان هٿ نه ڪڍ،
هر روز پاڻ ويجهي کان ويجهو وهارجي.

مخدوم محمد زمان ’طالب المولا‘

كڏهن ويهن نہ ويجهڙو، كڏهن قرب كمال،
كڏهن نظرون مهر جون،كڏهن موهِن ساڻ مقال،
كڏهن هلن هجر ڏي، كڏهن واهہ وصال،
جنساري جمال، ’طالب مولا‘ تن جو.

خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

نه جنهن ۾ درد سا دل، دل نه آهي،

محبت جي اها قابل نه آهي،

جتي پهچي وري اگتي ٿو هلجي،

حقيقت ۾ اها منزل نه آهي.

مخدوم محمد زمان طالب المولي

دستور هي عجيب آ ڪون و مڪان ۾،

ان کي ادا ڪريان ٿو مان ٽنڊڙي ٻيان ۾،

يعني جو هن جهان ۾ سڏجي ٿو يار موت،

ٿئي ڪي چوڻ تولد ٿا مهن جهان ۾.

خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

پورو عمل ڪجي هميشه دل جي ڳالھ تي،

پڙڪي سدا اتيٰ ڪپي باطل جي ڳالھ تي،

عاقل انهيءَ ڪي چئبو جو خاموش ٿي رهي،

نادان، بيوقوف ۽ جاهل جي ڳالھ تي.

خير محمد هنگورجو ڪڙو

پريَنءَ جي پريت ۾، روئڻ راند ڪيوم،
سمهان تہ سمهڻ نہ اچي، ويهڻ وهہِ ٽيوم،
ڏيئي وٺ ورونهن جي، نينهن نهوڙي نيوم،
'طالب مولا' تن مان، جڏهن وهم ويوم،
تهان پوءِ پيوم، پتو پريتٽي جو.

خير محمد هنگورجو آبرو

مخدوم محمد زمانؒ طالب المولي ؒ

ڏکن ڪين ڏکوئيو، پر سکن ڏنا سور
ڏکن واري ڏيهه ۾، محبن جا مذڪور
سُکن جي سَدن ۾، اندر وهن انبور
ڏکن ڏاهپ نہ اڇي، آهن محو ۾ مخمور
سکيا سورن کان سدا، وڃن ٿا وهلور
اِن مع العسر يسرا، سدائين سرور
طالب مولاؒ مرد ٿي، محبت ڪر منظور
آڏي ۾ آسور، ڏکن سان پيو ڏور تون

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سورن ڏنا سُک، سُکن سورَ سوين ڏنا،
دلبر جي ديدار جي، بيحد آهي بک،
ايندي عجيبن جي، لهندا اندر جا اَهڪ،
پرت رکبي پانءِ، تهن پوندي پرک،
منجهيو وڃن محبت ۾، لاڳاپا جي لَک،
طالب مولا مردني، وڌندي رک تون وک،
ڪارڻ رب اَلک، سهه سيوني سر تي.

خير محمد منگريو

تنهنجي ادا ۽ حسن ادا تي سلام آهه،

تنهنجي جمالِ هوشربا تي سلام آهه،

تولا تر هٽئين نہ يار مانا دم پل نہ ڪي مڙيس،

تنهنجي جفا ۽ منهنجي وفا تي سلام آهه.

خير محمد هنگورجو

ڪيڏو پيارو ٿي لڳو چهرو نقاب ۾،

محبوب آيو ويٺو هو ڏاڍي حجاب ۾،

ڪيڏا وٽيا نہ ڪاڪل پيچان صنم جا ام،

هر هر ڪريا ٿي رخ تي، هئا پيچ و تاب ۾،

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰؒ

سڄڻ لِھُ سماءُ، سوريتن جو سيگهه ۾،
ڏکن ڏکويو کين کي، پر سکن ڇڏيو ساءُ،
طالب مولا کي وٺي، ورھ وارو واءُ،
پرين پرچي آءُ، ته گڏجي گوندر لاهيون.

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان ”طالب المولیٰ“

وصل واريءَ وات ۾ ڪٿ سورن جو ٿم،
پلي ٻڪ پيرم جي، اٿئي سهڻو اهو سفر،
جي سڪن ۾ سمجهي رهيون، تن ووڙيو لٽو نه وَر،
”طالب مولا“ مرد ٿئي، پڙهه دل سان ”الف“ اکر،
لنگهي دردن وارو در، وڃي مل محبوب سان.

خير محمد هنگورجو ڪيرو

(مخدوم محمد زمان طالب المولي)

سُڪن سيڪو ياءُ، سُورن پائي ڪو نه ڪو،
سُورن جي سُهاڳ ۾، آهي لالن جو لقاءُ،
سُڪن جو سامان آ، وِرهه جو وٺاءُ،
طالب المولا مرد ٿي، ته پئي سُورن مان سماءُ،
سُڪن وارو ساءُ، جُدا ڪندو جانب ڪان.

نذير محمد منگريو

مخدوم محمد زمان 'طالب المولي'

طلب نہ وٽي تن کي، جن جي برھ لاٿي بُڪ،
'طالب مولا' مرد ٿي، ڏوري ڏٺائون ڏُک،
سورھيہ ڇڏي سک، سورن ۾ سرشار ٿيا.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عشق تہ لا مذهب،

پوءِ بہ رهي ٿو هر مذهب ۾.

ڪونہ ڏڪوئي ڪنهن دل کي، ڪونہ ڪري ڪو غضب.

شاهن تي بہ ٿو حڪم هلائي، عالي اٿس منصب.

حنفي مالڪي حنبلي وغيره، هرڪو ڪائي عجب.

طالبَ مولا عشق سيکاري، اعليٰ، خوب ادب.

خير محمد منگريو ڪيرو

(مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ)

عشق اندر آيو، ته سکن چڏيو سڀُ،
سکن مان ٿئي ڪين ڪي، سورن جو سمُ،
پاهر پاڻ نه ڪڍ تون، ڪونرا وينو ڪڀُ،
عاشق آر انگل سان، آڏيءَ تي پيو آڀُ،
اکيون اندر جون اُپٽي، پس لالڻ جو لقاءُ،
تڏهن ريجهي راءُ، جڏهن 'طالب مولا' مرد ٿين.

خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

جتي ٿيان جيڪر، پنهنجي محب مجيب جي
تہ ڪري پيار پيرن سان، پريو وجهانُ پاڪر
پيشي مجانس پير؛ صدا منجهہ سفر
طالب مولاؐ طلب جي، هي خاصي آهہ خبرُ
تہ نذر بہ ٿيان سڳر، جي لالڻ وٽ لتاڙجان
پنهنجي محب مجيبڙا، جيڪر جتُي ڪن
تہ پيرڻ ڪي نہ پچڻ ڏيان، خراشون خارن
قدمن ڪي قرب مان، ڏيان پريون پاڪرن
متيءِ هاڻا پير پشي، مون پر محب وجهن
تہ بہ منهنجو منهن مُٿي ٿئي، اڃو الاهي اڳهن
ممڪن آهي مورڳو، مون ڪي چميون ڏين
طالب مولاؐ ائين ٿئي، تہ قسمتون ڳلن
پلي ڏيهہ ڏسن، پشي لالڻ وٽ لتاڙجان

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

جيڪر آڻ تي پوان، جتي جاني ڄيان

پير نہ ڏيکاريان پرين جا، ڪرتين ڏيان قرار

مِٺن تي مِٺين جي، ڪريان وارو وار

سيبايان سيين پرٿين، وڻان هر ڪنهن وار

چنبڙان امڙي چاهه مان، جو ڪري نہ پاٽان ڌار

ماٺي مون ڪي ٿي فقط، نہ ٻئي ڏي ڪري نهار

لاهي ڪٽي ڦٽو ڪري، تہ بہ سڏي ڪن سردار

'طالب مولا'، اٿين ٿٽي، تہ ڪرم وڏا ڪلتار

سهان پيو صدبار، لٺون لالڻ يار جون

عمر محمد مڱريو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

سوين صدقي تي وڃن، ڄام وڏا ۽ ڄَٽ،
’طالب مولا‘ وانگيان، ڪيئي ياڻ ۽ پٽ،
هوءَ تخت لتاڙي تاب مان، ڇاهي ڇپر ڪٽ،
ڪٿي ڪلنگيون ڇٽ، ڪٿي پيزار پرينءَ جا.

بلڪل بازارن ۾، جتيون ڊيران ڊير،
پئسن سان پيون ملن، ۽ ٽڻي ڪانه نبير،
موچن وٽ نہ مهانگيون، پڻ سستيون جڙن سوير،
’طالب مولا‘ طلبئون، هيئن ٿيون ڇوَن هير،
تہ جنهن ۾ جانيءَ پير، آءٌ بہ جتي اها ٿيان.

خير محمد هنگورجو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ٻُڌي منهنجي ڳالهڙي، اکين چيم اينءَ ۾

ته اچي خواب خيال ۾ چيو حبيبن هينءَ:

“اسان ديرواِت ڪيو”، نندڙن ڪيبيون ڪينءَ ۾

ٿيو آرواِنهيءَ سينءَ ۾ جو سمهڻ سهي ڪينڪي!

خير محمد ڪنگورجو ڪيرو

ڪئين شبِ فرقت تي گذري دلربا مون کان نہ پڇ
درد ۽ غم جي خبر او مهلقا مونکان نہ پڇ

تنهنجي دردن ڇا ڪيو ۽ تنهنجي الفت ڇا ڪيو
ڇا وڃي تنهنجو انهي ۾ بيوفا مون کان نہ پڇ

هم نشين ٻڌ مان سراپا درد تي ويو آهيان
چاره گر هاڻي ڀلا ڇا جي دوا، مون کان نہ پڇ

هل هليو پاڻهي ٻڏائيندس تہ ڪشتي جهل هتي
ڇاڙهہ ڳلمِي وٺ سُڪانُ اي ناخدا مون کان نہ پڇ

طالب المولىٰ تي ڇا گذري تو تنهنجي هجر ۾
ڇڏ ڪٿي هن ڳاله کي منهنجا مٺا مون کان نہ پڇ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سنگتي جن جا سور، اهي مرغوب آهن محب جا،
سڪڻ سندا سيڪڙو، ڪئي ڏنا سون، ڪنئون،
تين نه حاصل هيڙڪا، وڃن وڙهه ڪاڻ وهلون،
سورن جي سنگت ۾، آهن پرين سندا پور،
سورن واري ساٿ ۾، محبوب جا مذڪور،
جن کي گهائي رکيو گهور، اهي ‘طالب مولا’ مرد ٿيا.

سخاوت محبت زبان طالب المولیٰ

سڪ چون تہ سمھي رھو، سور ڪن سجاڳ،
سڪن جي سنگت آھي، نسورو ئي نياڳ،
سورن منجھان سدا ملي، محبت وارو ماڳ،
تہ ويچاري ويراڳ، وات ڏيڪاري ورھہ جي

سورن مٿي سور، سڄڻ سھٽي موڪليا،
مون بہ آندا اکين تي، چئي "نور" عليٰ نور"،
'طالب مولا' مرد ٿي، محبت ڪئي منظور،
تڏھن ڏوران ڏور، اچي سڄڻ ساٿي ٿيو.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

تنهنجي لَٽن جي لوڏ،

هر هر ماريو مشتاقن کي.

بيٺانن جي جانب جيءُ ٽان، پهچن تنهنجا پوڏ.

لاٽيا کو لطف ڪجائين، اسين سنڌِ جڻ اوڏ.

دمدم دلبر موهيو موهن، تنهنجا لاڏ ءِ ڪوڏ.

طالب مولا وٽ نہ اچڻ جي، حاڪم ڇڏ نون هوڏ.

مخدوم محمد زمان طالب المولي

نظر تان دور هو، ايندو نظر ڪڏهن نه ڪڏهن
اسان تي پوندي الهي، جي خبر ڪڏهن نه ڪڏهن
نگاهہ سان سندس سنگ در تي چمنداسون
ڪنداسون ان جي گهٽي مان گذر ڪڏهن نه ڪڏهن
ٿا پاس پاسيون، واعظ ٿئي خراباتي
اهي ني نڪرندو سو معتبر ڪڏهن نه ڪڏهن
هرويرو جي ٿا شرڪي ـ پياڪ سان ڪهن
ٿين ٿا خوب اهي زيروبر ڪڏهن نه ڪڏهن
ضرور ٿيندو پريشان ۽ پشيمان صنم
جو ڏسندو پنهنجو هي شوريده سر ڪڏهن نه ڪڏهن
اي هم جليسو! ٿو فرعون لاءِ موسيٰ ڪيپي
تباهہ شل ٿئي هو بدگهر ڪڏهن نه ڪڏهن

مان هن سان ٿو ڪريان منسوب زندگي جو ڪتاب
پڙهي سمجهندو هو ديد، ور ڪڏهن نه ڪڏهن
ڪيو مون آهہ جدائي جو درد سان پيوند
درخت وصل ۾ ايندو ثمر ڪڏهن نه ڪڏهن
شرابي لب ٽني منهنجي لبن سان چسپان ڪر
سوال ميجنين باد، نظر ڪڏهن نه ڪڏهن
اميد آ شب يلدا ۾ "طالب المولي"
هو ايندو غيرت شمس وقمر ڪڏهن نه ڪڏهن
مهم شروع ڪئي ٿئون اي "طالب المولي"
خدا عطا ڪندو متم وظفر ڪڏهن ڪڏهن

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ
مان ڪونه چوان تو نه وڃڻ لاءِ پلڪ وچ
اي جان تمنا تون اچڻ لاءِ پلڪ وچ
اي ساقي تون آغوش مان ساعت نه پري ٿي
مي خوش منجهان پيمانو پيئڻ لاءِ پلڪ وچ
جيتري ٿي مثل آهين تون اي محتسب شهر
ميخاني ۾ ڪجهه وقت جيئڻ لاءِ پلڪ وچ
ڪهن واعظ بي درد ڪان سو ڪوهه پري ٿج
ڪهن شوخ حسين وٽ تون ويهڻ لاءِ پلڪ وچ
تون سروسهي تنج سلاطين جي سامهون
گلرخ جي اڳيان سور سهڻ لاءِ پلڪ وچ
سر غير جي آڏو جي جهڪيو دوئي ڇتي
محبوب جي پيرن ڪي چمڻ لاءِ پلڪ وچ
مدغم نه تجنين طالب المولىٰ ڪهين ۾
هر شوخ صنم سان ملڻ لاءِ پلڪ وچ

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

ڏسجي نٿي ڪنھن ۾ صفائي سچائي اڄ
ھيءَ ھيءَ نظر اچي ٿي فقط بيوفائي اڄ

ھر ڪنھن ڪمال کي ۽ زوال آھ بلضرور
يعني ڀلائي ختم ٿي آئي برائي اڄ

ھر چيز مان مزو ويو ۽ ذائقا ڦريا
محسوس ٿئي مٺاڻ اندر پڻ ڪڙائي اڄ

ڪجھ منھن لٿل نظر ٿو اچي محتسب جوچو
ان کي خبر پيئي جي ڪنھن آ ٻڌائي اڄ

ممنون آھيان مون کان پڇي ٿو ھو بدگمان
طالب ڇا دل تو ٻي سان وڃي آ لڳائي اڄ

خير محمد ڦنگور جو ڪير

مخدوم محمد زمان طالب المولي

سهڻا ته گهڻا پر آ سچائي اڻ لڀ
ماڻهو به مٺا پر تي مٺائي اڻ لڀ
بدنام ٿيو عشق جو نالو آهي
دنيا ۾ مگر آهي وفائي اڻ لڀ

خير محمد هنگورجو ڪبرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

شاطر ٿي سدا حلقهٔ احباب ۾ رهه
مشغول محبّت جي مي ناب ۾ رهه
هيءَ جاءِ آ جاڳڻ جي اٿي ٿي بيدار
هڪ پل به ڪڏهن ڪين سجڻ خواب ۾ رهه
بازار محبّت ۾ خريدار ٿي رهه
يوسف جو هميشه تون طلبگار ٿي رهه
ٿي صدف مثل ابر ڪرم جو شائق
يعقوب مثال طالب ديدار ٿي رهه

خير محمد هڱورجو ڪرو

اکيون هر دم اداسي تنهنجي ڪارڻ
رهن بلبل پياسي تنهنجي ڪارڻ
هي طالبُ المولىٰ بنائي
ڪيو سورن سنيا سي تنهنجي ڪارڻ

حم محمد هنگورجو کيرو

مولا مدد ون مهنجيون — هن دم ڪر هزار

سر کي سجدي ۾ رکي — بلبل ڪيم پڪار

مهابي محمد جي — ڪا چڱي ڪر چوڏار

مهنجو مٿو مٿي ٿئي — هزارن ۾ هروار

مهنجي مداين جو — ستر تيج ستار

طالب مولا تو اڳيان — تو عرض ڪري اظهار

غافر ربّ غفار — ڪر تون سهنج سنايون

ميرو مَديني جا ڌڻي، قُرب ڪَلهي تي ڪر،
اڱلي تي عجيب تون، دست دليئون ڪو ڌر،
دانا دلبر يار تون، آءٌ چريو آهيان چَر،
ڪريو پنهنجي ڪرم جي، وِلهي تي ڪا وَرِ،
پيٽي تون ٿي پَر، طالب مولا جي مٿا

مخدوم محمد زمان طالب المولي

دلڙي لڳي يار سان، جو وجهي بي اختيار
لڳي منهنجي لونءَ جي، آهي خبر نه ڪا ڄار
آءُ راتو ڏينهن رڙيون ڪريان، بره ۾ بيمار
هُن ڪي ترس نه تل جو، مونکي نيهن ڪيو نروار
طلبن تاروت لائيون، طالب سان تڪرار
هو بي پرواهه بادشاهه، اڪرين جو اُجار
هت عشق جو آزار، هتِ پرينءَ پرواهه ناهِ ڪا

قبلا سائين مخدوم محمد زمان

طالب المولیٰ

آغازِ محبت نااميدي انجام سهارو سمجهان ٿو

هن درد جدائي ۾ ان جوئي نام سهارو سمجهان ٿو

پرواہ نہ ڪيندس ڪا ڪنهن جي بس طالب مولا جو آهيان

مان پنهنجو اڳي ۽ پوءِ محمدؐ جام سهارو سمجهان ٿو

خير محمد هڱورجو ڪپرو


مخدوم محمد زمان طالب المولي
اخلاص جي راهن ۾ خدا کي ڳوليو
مفلس جي نگاهن ۾ خدا کي ڳوليو
بي لطف نمازن ۾ حضوري ناهي
مزدور جي آهن ۾ خدا کي ڳوليو
خادم الصوفي ازم
خير محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولئٰ

اللهؑ جو دلدار رسولِ ؐ عربي
مخلوق جو مهندار رسولِ ؐ عربي
مون طالبِ ديدار جو مطلوب آهي
ڪونين جو سردار رسولِ ؐ عربي

خير محمد منگي جو ڪم

گھٽائي سنگدل دلبر وٽان دلريش ٿي موٽيا
اميري کي ڇڏي خود شاھ ٿي درويش ٿي موٽيا
جي اڄڪم ها سنڌس ٻن جي حقيقت هرڪو ڄاڻي ٿو
پراوا جي وٽا محفل اندر ٻه خويش ٿي موٽيا
حضور رحمت اللعالمين ﷺ طالب المولىٰ
وٽا انبياءَ ٿي جيڪي سي دورانديش ٿي موٽيا
غضناڪي جي حالت ۾ جي متخلي اندر پهتا
اهي واعظ جي وحدت ڪان پو ٻي تيش ٿي موٽيا
صفائي ۽ سچائي جو اثر هو طالب المولىٰ
مخالف جي پڳا اٿوت عقيدت ڪيش ٿي موٽيا

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مخدوم محمد زمان طالب المولي

جي نيڪ عمل ٿيا ته حياتي آهي،

نه ته سمجهه ته جيئري ئي مماتي آهي،

جيئرو به مرڻ بعد اهوئي هوندو،

ٿي جيڪو ويو ذات ۾ ذاتي آهي.

خير محمد هنگورجو ڪپرو

شاعر مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ
محتسب مستي نہ ڪراج مان بہ ہي موٽيو آهيان
هن مثل دنيا اندر مس مس تہ جي موٽيو آهيان
ڪڏ رهڻ رندي ۽ مخدومي جو نا ممڪن ڏٺم
تنهن ڪري مخدوميائي ٻن وجهي موٽيو آهيان
پنهنجي پاڪر ۾ وٺي ساقي ڪاڏي مونکي پناه
اقتدارن جي اجهي تان هٿ ڪڍي موٽيو آهيان
مون عبائن ۽ قبائن کي ڪڍي ساڙي ڇڏيو
پنهنجي گهر مان زور تي ڏاڙو هڻي موٽيو آهيان
طالب المولیٰ تي سجاده نشيني داغ هئي
همنوائن اڄ انهي کي لت هڻي موٽيو آهيان
ڪمپوز. منظور علي هنگورجو کيرو

نه سي ساقي رهيا باقي هو ميخانا به مٽجي ويا
تڪلف پيو اچي ڪامي ته مستانا به مٽجي ويا
اکين روشن ڇڏيو آهي رڳو ماتي تي دل روئي
حضور يار بر اشڪن جانثرانا به مٽجي ويا
اهي ناز و ڪرشما دلبري وارا ڪٿي آهن
اهي طور و طريقا سڀ شفيقانا به مٽجي ويا
اهي دستور اصلي خانداني اڄ ڪٿي آهن
رڳي ڏا ڏا نه بدليا پر هتي نانا به مٽجي ويا
بدائي حال ڪهڙا ڪهن کي
وڃي طالب المولي
جو محبوبن جا الطاف
ڪريمانا به مٽجي ويا
ڪٿي گفت و شنيد آهي جا مستي ۾ به ٿيندي هئي
اهي ميڪش به مٽجي ويا ته پيمانا به مٽجي ويا
حسابن ۽ ڪتابن جو وڃي پئسي تي ڪم بيٺو
اهو وقت آيو جو هو سوهڻن آنا به مٽجي ويا
بلا وڃجي ته ڪيڏهن وڃجي ڪهن وٽ وڃي ڇا چئجي
جي اڄ دانا ءِ به مٽجي ويا ته ديوانه به مٽجي ويا

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اي منهنجا مسيحا! اچي بيمار کي ڏس
هن پنهنجي محبّت جي گنهگار کي ڏس
تنهنجي ئي نگاهن جو کيل مست الست
هڪوار انهيءَ تشنهء ديدار کي ڏس
تو ڀرين پيارا هو مونسان پيار ڪيو
ڏئي ٻاهه ٻره جي تو ئي بيمار ڪيو
وئين ڇاڻ ڪيي مونکي بنائي طالب
فرقت آ تنهنجي جان کان بيزار ڪيو

علي محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ
وضو سان گڏ ڪيو دل پاڪ هردم
رڳو هٿ پير ڌوئڻ ناهه مقصد
عبادت سان چڱي مخفي ڪجي جا
خدا راضي رکڻ ئي آهي مقصد
خير محمد هڱورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

دلبر به ڪسي دل راهي ٿيو بيدل جو الاجي ڇا ٿيندو
هن لاءِ ته سڀ ڪجھ ٿيو آسان مشڪل جو الاجي ڇاٿيندو

خطبن ڪي ٻڌون اعمال ڏسون ڇا ڇا نہ ڪريون ڇا ڇا ڪريون
الله تو ڄاڻي بي عملي عامل جو الاجي ڇا ٿيندو

هو پاڻ اچي ٿو ساقي ٿي هٿ ڪير سندس موٽائيندو.
مونکي ته ڇڏي ڏيو ميخوارو محفل جو الاجي ڇاٿيندو.

هن دور رستا خيز ۾ اڄ هرڪوئي نفسانفسي ۾
مسڪين الاجي ڪيئن ٿيندو عادل جو الاجي ڇا ٿيندو

دنيا ته مقامِ جزا وسزا ڪو فرق نہ ايندو فطرت ۾
بسمل ته سڪون سان پيو ڦٿڪي قاتل جو الاجي ڇا ٿيندو

هي جوشِ جنون جون بيتابيون هو قيس جو عالمِ بي قابو
هڪدم نہ هٽايو ويو پردو محمل جو الاجي ڇا ٿيندو

هن عقل و خرد جي هوندي ٿي بي راه روي جو اوج آهي
جاهل ته اڳيئي جاهل ٿيو عاقل جو الاجي ڇا ٿيندو

جنهن تير نظر سان ڪيو زخمي مرهم بہ انهي وٽ ٿي رهيو
سو طالبِ مولا ويو بہ هليو گهائل جو الاجي ڇا ٿيندو

جت هرڪا تمنا ختم ٿئي سا منزل ڪهڙي منزل ٿي
منزل جي اها حالت جي رهي منزل جو الاجي ڇا ٿيندو

ڪمپوز_ خير محمد هنگورجو ڪپرو

سعدي شيرازي پنهنجي ڪتاب "گلستان" ۾ هڪ شعر لکيو آهي جنهن جي هڪ مصرع
هيءَ آهي ته:

هر عيب سلطان بہ پسندد هنر است

يعني وقت جو بادشاهه جيڪڏهن ڪنهنجي عيب کي پسند ڪري ته اهو ثواب آهي.

طالب المولىٰ اُنهي ساڳي مصرع ۾ هن طرح ڦيرڦار ڪيو آهي ته:

هر هنر ڪہ سلطان نہ پسندد عيب است.

يعني بادشاهه جنهن ثواب کي پسند نٿو ڪري، اهو عيب ٿيو پوي. ء سنڌي غزل جي هڪ
شعر کي ساڳي مفهوم ۾ طالب المولىٰ هن طرح ادا ڪيو آهي ته:

هر مقتدر قصور ڪندي بي قصور آهه
هر ڪو ڏسي گناهه سوين بي گناهه ۾.

سور سهندا ٿا وتون هر وقت کلندا ٿا وتون
ڪونه همدرد آهه دردن کان ٿي ڀڄندا ٿا وتون

دل ڏني وينا سون ليڪن ڪانٿو ڏوڪو پيو
ڏوهه مجنو ٿو پوي نڌهن ته رُنداٿاوتون

زندگي پنهجي جو آيو سو ڪٽو ڪو ويو ڇڏي
هن حياتي ۾ مرڻ کان پو به جيندا ٿا وتون

حادثو ڇنجي ڪني يا واقعو سمجهو سيٺي
جنهن اچي خود عشق ڪيو انلاهه سڪندا ٿا

عشق هڪ پيرو لڳي ۾ پوسداهه ٿو رهي
ڏهني زخمن کي اجان تاهه ڦٽيندا ٿا وتون

چنڊ ۾ چاندوڪين سان دلبري ٿي ختم ٿي
پر اجاهه ڏينهن جا تارا ڳڻيندا ٿا وتون

هوشرابي نيڻ اسان کي هاڻ مارڻ ٿا اچن
محتسب کي نيڻ مجبورا سڏيندا ٿا وتون

دفعه هڪ پيرو ساقي جاهڻا مون هڻ چُميا
هاڻ پنهنجا چاهه مان چپ روز چمندا ٿا وتون

هو پسند هر وقت ڪن ٿا ٿي رهڻ صاحب سرير
واسطو تنهنجو اسين واٽن تي وهندا ٿا وتون

زندگي ۾ ڪنهنجو آڏو هڻ ٽنگيوسون ڪونه ڪو
ڇا ڪجي ڪنهن لاءِ دعائون روز پڙهندا ٿا وتون

طالب المولى زماني ايترو وحشت ڏني
نيڻ پنهنجي پاڻ کان پاڻ لڪندا ٿا وتون



مخدوم محمد زمان طالب المولى

ڪمپوز خير محمد هنگورجو ڪيرو

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

مونکي نہ ڪڏهن چتر زباني گهرجي
مونکي نہ اها دولت فاني گهرجي
جي آهي طلب مونکي تہ بس هڪڙي آهہ
دنيا ۾ فقط يار تو جاني گهرجي

غزل

۱۔ مین اسیر زلف ہون زنجیر سے مطلب ہے کیا
بندہ بے دام ہون تحریر سے مطلب ہے کیا

۲۔ تیغ ابرو ہي سے جب ہو کام عاشق کا تمام
پھر بھلا فولاد کي شمشیر سے مطلب ہے کیا

۳۔ دلمین چبھ جانیکي خاطر نوک مژگان کم نہین
بس بھي کافي ہے ظالم تیر سے مطلب ہے کیا

۴۔ صید ہي کرنا اگر ہے کر بھلا پھر دیر کیا
مین جو حاضر ہون تجھسے تاخیر سے مطلب ہے کیا

۵۔ کام سب اپنے حوالے جب کئے تقدیر کے
خوف کیا طالب تجھے تدبیر سے مطلب ہے کیا

Khalid Mohammad

احسان ڪري ڪنهن تي نڪي ياد ڪجي
جي ڪو ڏي اذيت ته نه فرياد ڪجي
دنيا ته سڄي رنج و مصيبت آهي
مسرور رهڻ چاهين ته دل شاد ڪجي

رهندو نه زماني جو سدا جاه و جلال
ٿي ويندو فنا نيٺ ته دنيا جو مال
رهه خلق جي خدمت ۾ هميشه مشغول
اهڙو ئي ڪمال آهي، جنهين کي نه زوال

بنگلن ۾ رهي دل کي تون مغرور نه ڪر
دنيا جي طرب عيش کي منظور نه ڪر
هر پل ۾ غريبن سان اچ "طالب"! ٿي غريب
تون عيش فنا کي پنهنجو دستور نه ڪر

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ
حاصل نہ ٿئي ڪِي بہ محبّت کان سواءِ
فرحت نہ ڪڏهن ملندي مصيبت کانسواءِ
سک ڪُونڪو ايندو آ ڏکن کان اڳ ۾
لذّت نہ وري وٺبي اذيّت کان سواءِ
ڪمپوزنگ ، خير محمد هنگورجو کپرو

مخدوم محمد زمان

طالب المولىٰ

مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون ڀلا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان

هن عشق ۾ چاچا تي گذريو
تون مونکان ڳڌهن ڪين پڇو
ٻرجن يا رسن ٿو ڄاڻي خدا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان
مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون ڀلا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان

تو وٽ نه حجت جي جاء نه ڪا
ٻيو سور بلا ڪنهن سان سليان
دردن جي حقيقت ماه لقا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان
مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون ڀلا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان

ٻڌ عرض هي طالب مولا جا
اي سورن جا سردار سچا
محبوب مٺا مصرين جهڙا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان
مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون ڀلا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ
اي محب! ملڻ لاءِ ته دل آهي اداس
مئي وصل جي محبوب مونکي آهي پياس
موسم به عجب آهي اچي وئي هاڻي
اچ گڏجي پيئون مي جا گلاسن تي گلاس
خـ محمد هنگورجو کيرو

مخدوم محمد زمان

طالب المولىٰ

اگڻ منهنجي اچي هيڪر گهڙي گهاريو خدا ڪارڻ
ڪيل اقرار اچ پنهنجا سيئي پاريو خدا ڪارڻ
اسين هڪ پل اوهان جي ياد کان غافل نہ آهيون پر
اوهين صدما ڏئي هرهر نہ ڪي ماريو خدا ڪارڻ
نہ حجت ڪا اوهان سان تا ڪريون پر هي صدا آهي
وصالي جام طالب کي پرين پياريو خدا ڪارڻ

خير محمد هنگورجو ڪپرو

مخدوم محمدزمان طالب المولیٰ

کسی کا ظرف دیکھنا ہو تو اسے عزت دو.

فطرت دیکھنی ہو تو اسے آزادی دو.

نیت دیکھنی ہو تو اسے قرض دے دو.

خصلت دیکھنی ہو تو اس کے ساتھ کھانا کھاؤ.

صبر دیکھنا ہو تو اس پر تنقید کر کے دیکھ لو.

خلوص دیکھنا ہو تو اس سے مشورہ کر لو.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ
اي محب! ملڻ لاءِ ته دل آهي اداس
مئي وصل جي محبوب مونکي آهي پياس
موسم به عجب آهي اچي وئي هاڻي
اڄ ڳڙجي پيئون مي جا گلاسن تي گلاس
خ ـ محمد هنگورجو ڪيرو

786

انتساب

منسوب هي اشعار آئون توسان ڪريان ٿو،
تون تن تي محمّد امين ٿل هوندين ڪمربند.
الله عطا توکي ڪري علم و ولايت،
پيغام عمل ساڻ وجي تنهنجو ٿي پيوند.
هر چيز ۾ تون حسن ازل جو ڏسين جلوو،
هر تلخئ دوران ۾ اچي توکي نظر قند.
تون پنهنجي خيالات تي هردم رهين قادر،
۽ عشق حقيقيءَ جو هميشه هجين پابند.
تنهنجي نه نظر ارض و سما جي رهي محتاج،
اسبابِ جهان توڙي اچن تو اڳيان هرچند.
دل تنهنجي هجي دائما سر چشمئه اُلفت،
تسليم و رضا تي تون هميشه هجين خورسند.
جو طالبِ موليٰ کي آهي علم عطا ٿيو،
الله ڪري تنهنجي به سيني ۾ اهو بند.

دعاگو

مخدوم محمّد زمان "طالب الموليٰ"

1/ اپريل 1946ع


ويل وقت نه آهيان.
جي پائين جڙو مڄان، ته پڪ پريمي پيار
انهي ابا حيات مان، ڏاتار! ڪي ڏيار
طالب مولا ڪي مڃا، ماري ماري نه مار!
ڪئي نظرون ناز سان، جاڻي پاڻ جيار
پهريان وعدا پار، ويل وقت نه آهيان.
صفتون سو هزار، ذات آهي هڪڙي
ڪار فرما ڪريم ٿيو، انسان سڀ اوزار
هلايو حڪمت سان، قدرت ڪي ڪلتار
ڪافي قرب انهي سندو، بي محبت ني مردار
طالب مولا مددئي، ڪر نوڙت سان نهار
aڏس عبرت جا آثار، حسن تبع ۾ هڪڙا.

دنيا ۾ بي مثال شجاعت حسينؑ جي
ناجي خدا جو سڀني تہ جماعت حسينؑ جي
عنوانِ دين آھ شھادت حسينؑ جي
قرآن سراپا سمجھ ھدايت حسينؑ جي
ڪنھن ڪان نہ مخفي آھ سيادت حسينؑ جي
حق گوئي حق پرستي سياست حسينؑ جي
والله خود يزيد بھشتي ھجي ھا اڄ
جيڪر ڪري ھا دل سان اطاعت حسينؑ جي
راهِ ھُدا انھيءَ کي انھي دم ٿي ٿي نصيب
جنھن وقت جنھن قبولي قيادت حسينؑ جي
مولا ڪري تہ طالب مولا وري ڪري
پيھر بہ صدق دل سان زيارت حسينؑ جي

مخدوم محمد زمان طالب المولى

ڪلام :- حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي

سهيڙيندڙ :- فقير شفيق الزمان جمالي

سهڪار :-فقير خير محمد هنگورجو

منجانب :- سروري جماعت هالا ضلع مٽياري سنڌ

Sjamali517@gmail.com